ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

نومبر 2019






## سنڌ سرڪار پاڻيءَ سوڊو ٻين وسيلن تي
## سنڌ جي حقِ خود اختياري ڏيکارڻ ۾
## مصلحت پسنديءَ جو شڪار






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

# سٽاءُ


ايڊيٽوريل ........ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........ 05

**سماجيات**

جديديت پڄاڻان دور جو رڙيون ڪندڙ انسان ........ ڊاڪٽر غفور ميمڻ 6

ڪردستان جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ دوشيزائن جي نانءُ ........ ڊاڪٽر پيار علي جتوئي 9

غير اخلاقي رويا ۽ چڙواڳي ........ سرمد ڪوسو 11

مستقبل لاءِ پلاننگ ........ عبدالقادر ڪوڪر 12

انساني ارتقا جو جاري سفر ........ عذير عابد 13

**ادب**

مهتاب اڪبر راشدي ........ مسلم شميم 14

ڊاڪٽر قدوس شيخ جي ياد ۾ ........ عبدالنبي سومرو 17

ويچ مَ ٻُڪي ڏي الا چڳي مَ ٿيان ........ راشد شر 19

**ٽريولاگ**

لوئر ميوزيم ۾ مونا ليزا سان ملاقات ........ اعجاز منگي 21

**انٽرويو**

موسيقار، محقق ۽ شاعر محمد قاسم ماڪا ........ زاهده ابڙو 23

**تاريخ**

ملڪ توتا خان ڪلمتي، چوڪنڊي قبرستان ........ امين جويو 28

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 31

**قانون**

ڪوڙي ايف آءِ آر ۽ ان جي سزا ........ عامر درازي 34

**اڪري سئو وڪري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 35

**ڪهاڻيون**

پوئين بينچ تي وينل ماڻهو ........ زيب سنڌي 36

آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس ........ مسافر هاليپوٽو 37

تعويذ ........ جاويد عباسي 38

**رپورٽ**

بيڪن هائوس پرائمري اسڪول ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڏينهن ........ قمر ٽڳڙ 41

**پروفائل**

تحرير اعوان ........ اقبال بلوچ 42

**شاعري ۽ شعور** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 43

**ڪتابن تي تبصرو**

آئون ڪو ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو/چنڊ مان ۽ رولاڪيون ........ عبدالغني شر/مخدوم آسيہ قريشي 45

**آرٽ ڪارنر**

آرٽ ........ عبدالمالڪ چنا 46



Regd. No: 3160-A

ماهوار منگرين

همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽڳڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
شاهه لطيف نيوز پيپر ايجنسي

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 05
Number: 11
November 2019
Regd. No: 3160-A Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# صوبن وچ پاڻيءَ جو تڪراري مسئلو وفاق کي ڪمزور ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه واضح نظر اچي ٿي ته وفاق کي طاقتور بنائڻ بجاءِ اندران ڪان ڪمزور ڪرڻ جي مسلسل ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان ۾ پنجاب صوبو ٻين صوبن جي مٿان حاوي رهيو آهي ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ ناانصافيءَ جي ڪري ننڍا صوبا پنجاب تي ڀروسو نٿا ڪن. سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ مسلسل هڪ مسئلو بڻيل آهي، ڇو ته سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري ڪيس پاڻيءَ جو حصو نه رڳو آخر ۾ ملي ٿو، پر زراعت ۽ ٻين گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ جيڪا ان جي گهرج آهي ان ڪان علاوه ان کي انڊس ڊيلٽا جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ۽ ايڪو سسٽم کي بحال رکڻ لاءِ به فريش واٽر جو حصو گهرجي ٿو جيڪو 10 ملين ايڪڙ فوٽ آهي ۽ اهو حصو انگريزن جي دور ڪان وٺي رکيل آهي، پر پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ايوب جي مارشلائي دور ۾ پنجاب پنهنجا ٽي درياءَ بياس، راوي ۽ ستلج انڊيا کي وڪڻي ڏيئي ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌو درياءَ تي پوري پاڪستان جي آبپاشيءَ جي ضرورت کي پوري ڪرڻ جو دٻاءُ پئجي ويو. وفاق پاڻيءَ جا جيڪي به ميگا پراجيڪٽ جوڙيا آهن اهي گهڻو ڪري پنجاب جي مفادن کي پورو ڪن ٿا، جنهن ۾ منگلا ڊيم جو پرجڻ به شامل آهي. معاهدي مطابق ڊيم ان وقت ڀريا ويندا جڏهن پاڻي سر پلس هوندو، پر هڪ رپورٽ مطابق پاڻي گهٽ هجڻ جي صورت ۾ ڊيم ڀريا وڃن ٿا ۽ پوءِ ان جو جمع ٿيل پاڻي ان وقت ضايع ڪيو وڃي ٿو جڏهن پاڻي سر پلس هوندو آهي جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. هاڻي صورتحال اها آهي ته ڊيلٽا ۾ ساليانه 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري بدين ۽ ٺٽي ضلعي جون زرعي زمينون ڪلرانجي ويون آهن ۽ زمين هيٺ پاڻي ڪارو ٿي چڪو آهي جيڪو اتان جي مقامي آباديءَ لاءِ زهر جو ڪم ڏيئي رهيو آهي.

18 آڪٽوبر تي چشما جهلم ڪئنال تي 25 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي منصوبي لاءِ ارسا جي ڊائريڪٽر محمد خالد ادريس رانا اين او سي جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي سنڌ پنهنجو اعتراض ڏيکاريو ته چشما جهلم ڪئنال تي اهڙو ڪوبه منصوبو نٿو جوڙي سگهجي. ڇو ته اها بين الصوبائي ڪئنال آهي ۽ اها ارسا جي اختيار ۾ نٿي اچي. جيڪڏهن صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جو ڪوبه تڪراري مسئلو اڀري ٿو ته ان کي سي سي آءِ يا نيپرا ۾ ئي طئي ٿيڻو آهي. جيڪڏهن اهي ادارا به تڪرار کي طئي نٿا ڪري سگهن ته پوءِ صوبا ڪورٽ وڃي سگهن ٿا. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن به سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي ورڇ ٿئي ٿي، نوان ڪئنال ٺاهيا وڃن ٿا يا سنڌو مٿان بجليءَ جا نوان منصوبا جوڙيا وڃن ٿا انهن ۾ صوبن جي آئيني ۽ قانوني اختيارن کي نظر انداز ڇو ٿو ڪيو وڃي ۽ آئيني ۽ قانوني طريقي سان جنهن باڊيءَ وٽ جيڪي اختيار آهن انهن ادارن جي بجاءِ ان جو استعمال ٻين ادارن کي ڇو ٿو ڏنو وڃي؟ جيئن ته قانون جي نفي ڪرڻ سان يا قانون ڪان مٿانهون ٿي فيصلا ڪرڻ سان انارڪيءَ واري صورتحال پيدا ٿئي ٿي نه رڳو ايترو پر ننڍن صوبن جو عوام پنجاب کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو جيڪو سندن مفادن کي مستقل ڌڪ هڻندو رهيو آهي. ان جو ڪجهه فائدو وقتي طور تي ته ضرور پنجاب کي ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن ڊگهي عرصي واري صورتحال ۾ انهن سيني شين جو تجزيو ڪبو ته خبر پوندي ته صوبن جي وچ ۾ نفرتون وڌي رهيون آهن ۽ وفاق ڪمزور ٿي رهيو آهي.

چشما جهلم ڪئنال جي تعمير 1967ع ۾ شروع ٿي ۽ 1971ع ۾ مڪمل ٿي، هي اهو دور هو جڏهن پاڪستان ۾ آئين ڪان مٿانهون فيصلو ڪري ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو جڏهن اها غير آئيني حڪومت هئي ته ان جا فيصلا به غير آئيني هئا. هيءَ ڪئنال ان وقت به تڪراري هئي ۽ اڄ به تڪراري آهي. ڇو ته سنڌ کي اهو خدشو هو ته سي جي ڪئنال جنهن کي فلڊ ڪئنال جي حيثيت ۾ جوڙيو ويو آهي پنجاب ان کي پورو سال وهائي سگهي ٿو، پر ان وقت جي حڪومت جي يقين ڏيارڻ ڪانپوءِ معاملا طئي ٿي ويا، پر پنجاب 1973 ۾ ان ڪئنال ۾ فلڊ نه هجڻ باوجود به پاڻي هلايو هو.

هن وقت اهم ڳالهه اها آهي ته پلي سنڌ جو پاڻي بجلي گهر کي هلائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو يا نه، پر هڪ تڪراري ڪئنال تي غير آئيني ۽ غير قانوني بجلي گهر جو لڳائڻ ۽ ان ۾ ارسا جي ڊائريڪٽر جو اين او سي جاري ڪرڻ جنهن کي اهو اختيار ئي ناهي، جيڪڏهن ادارن ۾ اختيارن جو غلط استعمال ٿيندو رهيو ته اهو سلسلو مسلسل جاري رهندو. ان لاءِ سنڌ حڪومت کي به پنهنجي عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ آئيني ۽ قانوني قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. صرف سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پاس ڪرڻ سان سنڌ جي عوام جا مسئلا حل ٿي نه سگهندا. ان لاءِ سنڌ سرڪار کي قومي اسيمبلي ۽ ان ڪان علاوه جنهن به فورم تي آئيني طور پنهنجو ڪيس وڙهي سگهي ٿي ان تي ڪيس پنهنجو آواز بلند ڪرڻ کپي. ڇو ته سنڌ جو عوام ڪين چونڊي پنهنجن حقن جي حفاظت ۽ پنهنجن وسيلن تي پنهنجي اختيارن لاءِ ايوان ۾ موڪلي ٿو. جيڪڏهن سنڌ سرڪار انهن غير آئيني ۽ غير قانوني قدمن کي روڪي نه سگهي ته سنڌ جي عوام اندر سنڌ سرڪار لاءِ به بغاوت جو جذبو جاڳي سگهي ٿو.

# همسري ۾ همسفر ٿي

# آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## آغا نور محمد پٺاڻ/ اسلام آباد

همسري آڪٽوبر 2019 جو پرچو اسلام آباد ۾ قائم "پاڪستاني ٻولين جي لائبريري" ۾ مليو، هن دفعي بہ رسالي جي اعليٰ معياري ڇپائي ۽ مواد ڏسي دل ڏاڍي گد گد ٿي. هن دفعي اوهان جي يونيورسٽين ۾ نياڻين جي غير محفوظ هجڻ متعلق ادارتي نوٽ نهايت وقتائتو هو، اهڙي قسم جا واقعا اسان جي ادارن جي بد انتظامي ۽ تهذيبي قدرن جي زوال جي نشاندهي ڪن ٿا. ان کان اڳ واري شماري ۾ اردو جي مشهور شاعر ۽ اڪادمي ادبيات پاڪستان جي اڳوڻي چيئرمين "افتخار عارف" جو تفصيلي انٽرويو اوهان شايع ڪيو جنهن سان مون سالن جا سال گڏ ڪم ڪيو آهي. هو اردو ادبي برادريءَ جو نهايت اهم نالو آهي. سنڌ ۾ رهندڙ اردو دانشورن جي انٽرويوئن جو اهو سلسلو مون کي ڏاڍو وڻيو، ان سان سنڌ جي ان مستقل آبادي جي خيالن جي خبر پوي ٿي ۽ ڊائلاگ جي صورت پيدا ٿئي ٿي. منهنجي اها بہ گذارش آهي تہ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ رهندڙ ڪڇي، ڪاٺياواڙي، ميمڻ ۽ گجراتي برادرين سان بہ ان قسم جا رابطا هجڻ کپن ۽ ڪراچي، حيدرآباد ۾ ميمڻ برادريءَ تجارت ۽ صنعت ۾ وڏو مقام رکي ٿي. هونئن بہ ميمڻي ٻولي سنڌي ٻوليءَ جو لهجو آهي ۽ اڄ بہ ڪڇ، ڀڄ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌي ٻولي جو اهو لهجو ڳالهايو وڃي ٿو. هن شماري ۾ حيدر علي لغاري جي متعلق شوڪت اڄڻ جو "ٻت ڪيرائڻ وارو مضمون" ڏاڍو دلچسپ نظر آيو، اسان جي دوست يوسف سنڌيءَ جو "عمر خيام" جي متعلق مضمون پڙهي اندازو ٿيو تہ 800 سال اڳ واري دور ۾ اسان جا عالم هڪ ئي وقت شاعر، سائنسدان، حڪيم، طبيب، تاريخدان ۽ رياضي دان هوندا هئا. سليم چنا صاحب جو طارق اشرف متعلق مضمون پڙهي "سهڻي" رسالو ياد آيو جنهن سنڌ جي ادبي ۽ صحافتي کيتر ۾ انقلاب آندو هو، پر افسوس جو اسان وٽ ماڻهن جي موڪلائي وڃڻ سان گڏ انهن جا رسالا ۽ ادارا بہ وفاق ڪري وڃن ٿا. اسان جي سوسائٽي ۾ اڃان تائين رسالن جي مستقل بقا جو ڪو بہ نظام قائم نہ ٿي سگهيو آهي. هن دفعي سنڌ ۾ هندو برادري جي مسئلن تي اوهان جي پينل ڊسڪشن ڏاڍي چڱي هئي ان طريقي سان تعليم، صحت، بيروزگاري ۽ سماجي قدرن جي زوال تي بہ لڳاتار ان قسم جا گروپ ڊسڪشن جاري رکڻ گهرجن. منهنجي صلاح آهي تہ اوهان سنڌ جي ضلعي ۽ صوبائي وڏن عملدارن خاص طور تي سيڪريٽري صاحبن جي ڪارڪردگيءَ جي متعلق بہ انهن جا انٽرويو ڏيو ۽ انهن کان انهن جي ڪارگذاري پڇو تہ هو اربين رپين جي بجيٽ مان عوام کي ڪهڙو فائدو پهچائين ٿا. اهڙي طريقي سان سٺي ڪارڪردگي رکندڙ استادن کي بہ پذيرائي ملڻ گهرجي. صبا قيوم لغاري جي ارد گرد جي ماحول متعلق ناهيل پينٽنگون ڏاڍيون پسند آيون.

***

## زاهد حسين تنيو/ اڳڙا

آڪٽوبر 2019 جو همسري وقت سر مليو. همسري اهو واحد رسالو آهي جيڪو سنڌ جي ماڻهن جي درد جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪري ٿو. همسري سنڌ جي ماڻهن جو درد محسوس ڪري انهن جو آواز بڻجي اڀري رهيو آهي. سنڌ اڳ جيان سهڻو هو، ايڊيٽوريل، دوستن جا رايا بہ سهڻا هئا. شوڪت اڄڻ صاحب، يوسف سنڌي، سليم چنا، سرمد غني، مدهوش مير، اعجاز منگي، حفيظ چانڊيو، ضراب حيدر جو مواد سونهن ۾ سانڍڻ جهڙو هو. ادل سومرو جو غزل، قاضي منظر حيات، حسن پنهيار ۽ سيني جي شاعري سهڻي هئي.

***

## اويس امداد جروار/ سنڌڙي

همسري سنڌ جو خوبصورت رسالو آهي، جيڪو ڪافي وقت کان سنڌي ادب لاءِ جاکوڙ ڪندو پيو اچي. همسري رسالو اسان جي ڪاليج جو دوست سانگي شبير ڪنير آڻيندو آهي، مهيني جي شروعات کان ئي پڇا ڳاڇا ۾ هوندو آهيان تہ ڇا هن مهيني جو همسري آيو آهي يا نہ. اسان جي ڪاليج جا ڪيترائي شاگرد همسري کي ڏسندا آهن، پر آئون دوست کان وٺي گهر وڃي پڙهندو آهيان، اميد آهي تہ همسري اسان کي بہ نصيب ٿيندو رهي.

***

## ڪرم فقير "ڪافي"/ ماتلي درگاهہ اوٺو شريف

همسري تمام بهترين رسالو آهي، تمام گهڻي چاهہ سان خريد ڪري پڙهندا آهيون. ڪجهہ مواد مطلب تہ شاعري لکي موڪليندا آهيون، پر افسوس جو اسان جي موڪليل شاعري کي توهان جي رسالي ۾ جاءِ نہ ملي سگهندي آهي. الائي ڇو؟ شاعري بہ تمام معياري ۽ ميرٽ کان گهٽ نہ هوندي آهي.

***

## منور علي "منور" ڪيهر/ ڳوٺ آگاٽي لاڙڪاڻو

ايڊيٽر ماهوار همسري حيدرآباد عرض تہ ناچاقيءَ سبب بہ ٽي مهينا همسري ۾ غيرحاضري لڳي وئي. دراصل هن وقت منهنجي پڙهڻ ۽ لکڻ جي رفتار گهٽجي وئي آهي. همسري جو وقت سر مطالعو نٿو ڪري سگهان تنهنڪري خط لکي ۽ مواد موڪلي ناهيان سگهيو. همسري هر مهيني وقت سر پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان نڪرندو ۽ پهچندو رهي ٿو. هن وقت همسري جي همسري ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. دعا آهي تہ همسري اڃان بہ ڪاميابين جا مرحلا طئي ڪندو. همسري جي ساري سٽ کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

***

## سانگي شبير ڪنير/ ڊگري ڪاليج سنڌڙي

همسري مئگزين کي گهڻي وقت کان پڙهندو اچان. شروع ۾ همسري ميرپورخاص مان وٺندو هئس. هاڻي پياري دوست عبدالغني شر جي معرفت اسان واري پوسٽ آفيس تي ملي ويندو آهي، همسري ملڻ کانپوءِ گهر ايندي ئي منهنجون ڀينرون همسري هٿن مان ڦري وٺنديون آهن. هو پورو مهينو هن جون منتظر هونديون آهن. جڏهن همسري کي پڙهي بس ڪنديون آهن تہ پوءِ مون کي ملندو آهي. پوءِ آئون خاموشيءَ سان ڪمري ۾ وڃي همسري کي ايڊيٽوريل کان پڙهڻ شروع ڪندو آهيان. آڪٽوبر واري پرچي ۾ حڪيم عمر خيام جون رباعيون، سنڌي ادب جو دلير ليکڪ طارق اشرف، زاهده ابڙو جو هندو ڪميونٽي سان انتها پسندي واري رويي بابت پينل ڊسڪشن، تعليمي ادارا مافيائن جو ڳڙهہ بڻيل آهن ان بابت ايڊيٽوريل پسند آيو. ٻيو زندگي جا راز، سنڌ ۾ هن وقت غربت جي شام غريبان لٿل آهي ۽ نائلا رند کان نمرتا ڪماري تائين حفيظ چانڊيو جو ليک عاليشان آهن. ساقي ابڙو ۽ هالار سولنگي جون ڪهاڻيون ۽ شاعري بهترين لڳيون.

# جديديت پڄاڻان دور جو رڙيون ڪندڙ انسان

**ڊاڪٽر غفور ميمڻ**

اسان سڀ زندگي جي مرحلي ۾ ڪٿي نہ ڪٿي حيران ٿيندا آهيون تہ آخر هي سڀ ڪجهہ ڇا پيو ٿئي؟ دنيا کي اوچتو هي ڇا ٿي ويو؟ ڇا اها صورتحال صرف سنڌ جي آهي يا دنيا ۾ ائين ٿي رهيو آهي. اسان انهن سيني مسئلن جو سبب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون تہ آخر مسئلو ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪرپشن، لاقانونيت يا حڪومت جي خراب ڪارڪردگي يا اجا ايجنسين جي سازش؟ پر آخر ڪهڙو مسئلو آهي جو انتشار وڌندو وڃي، ملان چون ٿا قيامت جون نشانيون آهن. هي دجالي دور آهي، ڪي چون ٿا اوچتو تڪڙي تبديلي اچڻ ڪري انسان ان کي ساساهي نہ سگهيو آهي، چريو ٿي پيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي، سوشلزم ختم ٿيڻ جا نتيجا آهن. دنيا جو آخري حل صرف سوشلزم آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ انسان جا عمل خراب آهن انهن جي سزا آهي، پر سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر ٿيو ڇا آهي؟ جو ماڻهو ماڻهوءَ کي کهي ٿو، رشتا ناتا ختم ٿي ويا، اخلاق جهڙي ڪا شيءِ نہ رهي، حيا عزت جو تہ ڪو تصور ناهي، عورت مارڪيٽ جو وکر بڻجي ويئي، شريف، خانداني ماڻهو جي جاءِ ضمير فروشن ۽ ڪوچڙن اچي ورتي آهي. ڪنهن جي بہ عزت محفوظ ناهي، نہ وري جان، جنهن کي ڏڌ سان ماني بہ ميسر نہ هئي ان جي گهر مان سٺ اربن جا هيرا پيا نڪرن، جيڪو مزوري ڪندي پيٽ پاليندو هو ان وٽان ڪربن جي ملڪيت پئي نڪري.

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ پاڪستان جو مسئلو ڪرپشن آهي، قانون جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي تنهنڪري اها صورتحال پيدا ٿي آهي، ڪن جو اهو چوڻ آهي تہ انهن جي پنيان اقتدار جي ڳجهن هٿن جو راز سمايل آهي، آئون سمجهان ٿو سڀ ڪجهہ ائين بہ آهي ۽ ائين ناهي بہ. توهان ڪنفيوز ٿي ويندا تہ ڇا مطلب؟؟ پر جي بلڪل انهيءَ جديديت پڄاڻان جي دور جي خصوصيت اها آهي تہ ڪنفيوز ٿيو، رڙيون ڪريو، بيوس ٿيو، ايترا اميچوئر ٿيو جو چريي ۽ سالم ۾ ڪوبہ فرق نہ رهي.

جديديت پڄاڻان ويهين صدي جي آخر ۾ جڏهن سوويت ٽٽي ويو تہ ان وقت پنهنجا اثر ڏيکارڻ لڳو. جڏهن دنيا يونيپولر ٿي ويئي، جنهن جو بنياد مائڪل فوڪو، دريدا، ليوٽارڊ، جين بودريلارڊ وغيره جهڙن فلسفين جي فڪر تي رکيو ويو. ليوٽارڊ چيو هو تہ جڏهن ڪارل مارڪس غلط ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ دنيا جي هر شيءِ غلط ٿي سگهي ٿي. بلڪل اها ئي فڪر جي شروعات آهي تہ جديد دور، روشن خيالي، لبرل ڊيمو ڪريسي سڀ غلط هئا. جديديت پڄاڻان جو سڀ کان پهرين نقطو اهو آهي تہ ”سچ“ جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي يعني قطعي سچ آهي ئي ڪونہ، سڀ شيون نسبتي آهن، توهان لاءِ توهان جو سچ منهنجي لاءِ منهنجو سچ آهي. جيڪا منهنجي لاءِ چاڙهي آهي اها تنهنجي لاءِ لاهي بہ آهي، جيڪو منهنجو نقصان آهي اهو تنهنجو فائدو آهي، تنهنڪري اهو تصور ڪيو ويو تہ سچ قطعي ناهي، نسبتي آهي، تنهنڪري هڪ وسيع ميدان خالي ٿي ماڻهو کي ملي ويو تہ سڀ ڪجهہ جائز آهي. ٻيو نقطو هو تہ ضدن جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي، عورت ۽ مرد هڪٻئي جا ضد ناهن، رات ۽ ڏينهن هڪٻئي جا ضد ناهن، عزت ۽ بيعزتي هڪٻئي جا ضد ناهن، بلڪہ هر شيءِ پنهنجي جڳهہ تي هڪ الڳ حقيقت آهي. ٻئي جي حقيقت سان اسان کي اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر انهيءَ جي بيانيي کي غلط قرار نٿو ڏيئي سگهجي.

تنهنڪري ڪو ڏوهہ ڪري ٿو، ماڻهو ماري ٿو، جعلي ڊگريون ورهائي ٿو، ضمير وڪڻي ٿو، ريپ ڪري ٿو ڪرپشن ڪري ٿو، عوام کي سخت اذيت ڏئي ٿو تہ اهو سندس بيانيو درست آهي. توهان اهو ڏسو تہ انهيءَ سان ڪهڙي ڳالهہ تي متفق ٿي سگهو ٿا مثال طور: هن جو ڪم آهي ماڻهو مارڻ توهان جو ڪم آهي ماڻهو بچائڻ، پر گهٽ ۾ گهٽ رات جي ماني تہ ٻئي ڪائيندا نہ؟ اچو تہ ان تي دوستيون ڪريون، باقي سڀ ڪنهن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيون. ٽيون نقطو جيڪو فوڪو اٿاريو تہ دنيا ۾ جديد دور سيڪس کي دٻائي اجائي فوبيا بڻائي ڇڏيو هو. قدرن جي رڪ رڪاءَ ۾ سيڪس انسان جي اندر کي ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڪو هو. جديديت پڄاڻان جو ڪم آهي تہ انهيءَ سيڪس جي رپريشن کي ختم ڪري. يعني سيڪس کي اشو نہ ناهي يا قدرن جو موضوع نہ هجي يا وري عزت سان سيڪس لاڳاپيل نہ هجي. جنهنڪري فوڪو سيڪس جي تاريخ تي چار واليوم لکيا، جديديت پڄاڻان دور جو اهم نقطو سيڪس آهي.

هاڻي صورتحال اها ٿي جو جديد ٽيڪنالوجي ۽ جديديت پڄاڻان جو سنگم اهڙو ٿي ويو، جو جهڙا سڳا پائر. نظريا تہ ختم ٿي ويا، مرڪزيت ختم ٿي ويئي، نہ مذهب جي مرڪزيت، نہ اخلاق جي نہ وري قانون جي. دنيا ۾ ست ارب ماڻهو آهن تہ ست ارب بيانيہ آهن ۽ سڀ درست آهن، معنيٰ جيترا وات اوتريون ڳالهيون ۽ سڀ ڳالهيون درست تہ پوءِ ڪير غلط ڪير صحيح آهي؟ جديديت پڄاڻان چوي ٿي ڪير بہ غلط ناهي توهان جنهن تي جهڙو بہ الزام هڻو اهو بغير ڪنهن تصديق جي لڪين ماڻهو ان تي لعنت ملامت ڪندا، آخر ملامت ڇو ڪندا جڏهن تہ سڀ درست آهن. ان جو سبب اهو ناهي تہ ماڻهو غلط ۽ صحيح جي بنياد تي ملامت ڪن ٿا بلڪل نہ، هتي هر ماڻهو غلط ڪان بہ وڌيڪ غلط ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر اصل ۾ هن کي پنهنجو بيانيو ڏيڻو آهي. هن کي پنهنجي لڪل محرومين جو اظهار ڪرڻو آهي، هن کي پنهنجي جنسي مونجهہ دور ڪرڻي آهي، هن کي پنهنجي جلن، حسد دور ڪرڻو آهي، هن جو نہ ملزم سان واسطو آهي نہ مظلوم سان همدردي آهي، وري توهان ڪنهن جي تعريف ڪريو، لڪين ماڻهو توهان جي پوئيواري ڪندي ان جي تعريف ڪندا. هنن کي واسطو ماڻهو سان ناهي، پر پنهنجي مفاد سان آهي، تنهنڪري ڪرپشن يا ڏوهہ تي عوام جو ڪوبہ ري ايڪشن ناهي، عوام کي صرف رڙيون ڪرڻيون آهن، عوام کي پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻو آهي، تنهنڪري بيانيہ ڪجهہ سماجي ٿهي چڪا آهن. مثال طور: هر دوست يا مائٽ ٻئي کي چوي ٿو دعائن ۾ ياد ڪجو يا ڪو پنهنجي مائٽ جي بيماري جو ٻڌائي فيس بُڪ تي فوٽو رکي تاڪيد ڪندو تہ دعائن جي اپيل. سيني کي خبر آهي تہ

ڪير بہ ڪنهن جي لاءِ دعا ڪونہ ٿو گهري، پر هڪ بيانيو آهي، مثال طور: اهو بيانيو آهي تہ نيٺ تان خريداري ڪريو جيڪو امير آهي اهو نيٺ تان ڪپڙا وٺي ٿو، پر سيني کي خبر آهي تہ نيٺ تي وڏا فراڊ ٿين ٿيا. مثال طور: ڪرپشن هڪ بيانيو آهي تہ وارو مليو آهي هاڻي ڪائو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري وٺو. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ، هر عهديدار ۽ هر سياستدان کي ڪرپشن ڪرڻي آهي، توهان ٿورو غور ڪري ڏسو. چيو وڃي ٿو پاڪستان غريب ملڪ آهي، پئسو ڪونهي، پر هڪ سياستدان يا بيورو ڪريٽ پڪڙجي ٿو تہ ان وٽ اربين، ڪربين رپيا نڪرن ٿا. جيڪڏهن صرف هڪ سياستڪار جي لٽيل رقم مان سڄي سنڌ جي اسڪولن کي تعمير ڪيو وڃي تہ فل ايئر ڪنديشن وال ٽو وال ڪارپيٽ ٺهي پوندا. جيڪڏهن سڄي سنڌ جي اسپتالن ۾ هر مريض جو بهترين علاج مفت ۾ ڪيو وڃي تہ سالن تائين علاج هلندو رهندو. جيڪڏهن سڄي سنڌ جي روڊن کي نئين سري کان ڪارپيٽ ٺهرايو وڃي تہ بہ پئسا بچي پوندا. جيڪڏهن سڄي سنڌ کي بجلي سڄو سال مفت ۾ ڏني وڃي تہ بہ پئسا بچي پوندا!!!! پوءِ توهان سوچيو توهان جون خوشيون، توهان جو مستقبل سڄو سياستڪارن، بيورو ڪريٽن، عملدارن جي ٽجوڙين ۾ پيو آهي، سڀ ڪم ڪاغذن ۾ ٿي وڃي ٿا. ملڪ روز پوئتي، پر توهان ڪڏهن احتجاج نہ ڪيو نہ وري فيس بُڪ تي اهڙي ڪرپشن جي خلاف واويلا ڪئي. بلڪہ توهان تہ اهڙن ماڻهن کي سونا تاج پارايا. ڇو تہ توهان ڪرپشن کي غلط نٿا سمجهو. توهان تہ پاڻ ڪرپشن ڪرڻ چاهيو ٿا، رڳو موقعو ملي. اهڙا موقعا ڳولڻ لاءِ ڪرپٽ ماڻهن جي چاپلوسي ڪندي نٿا ٽڪجو، پر فيس بُڪ تي اشو ڪپي ڪنهن هندو ناري جو، ڪنهن ٽُر جي بلا جو، ڪنهن پروفيسر جي خلاف واويلا جو، توهان ڏسندا تہ خبر ايندي تہ موٽرسائيڪل کي ٽرڪ چيپاٽي ڇڏيو، پر انهيءَ موضوع تي ڪونہ ڳالهايو ويندو تہ سنڌ ۾ ٽريفڪ جو قانون ڇو ڪونهي؟

جديديت پڄاڻان جي صورتحال جو اهم نقطو اهو آهي تہ مسلسل ڪوڙ ڳالهايو. ايترو خوبصورتي سان ڪوڙ ڳالهايو جو ڪوڙ ئي سچ لڳي. ايترو گهڻو ڪوڙ ڳالهايو جو ماڻهو ڪوڙ کي حسين سچ سمجهي ڪوڙ جي سحر ۾ گم ٿي وڃي. غلط انفارميشن جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو. ايتري تہ اٿل پٿل ڪريو جو سڀ پراڻا بيانيہ غلط ثابت ٿين. توهان ڏٺو هوندو تہ هر روز توهان کي گهمراهہ ڪيو وڃي ٿو، ڪڏهن چيو وڃي ٿو تہ ايلو پيٿي غلط آهي، هوميو پيٿي صحيح آهي، ڪڏهن چيو ويندو آهي تہ دعا، سڳو ڦيٽو ڪرايو اهو صحيح اٿئو، ڪڏهن چيو ويندو پير مزار تي وڃو اهو صحيح اٿئو، ڪڏهن فلاڻو ڊاڪٽر صحيح آهي، ڪڏهن پاڻي واري مائي، ڪڏهن ڪنڊ پڙهي ڏيڻ وارو شگر جو علاج پيو ڪري. توهان سوچيندا هوندا تہ اها صورتحال صرف پاڪستان ۾ آهي، جي نہ سڄي دنيا ۾ آهي. توهان خوش نہ ٿيو تہ توهان جا ٻار ٻاهر پڙهڻ ويا آهن، اتي ڪابہ پڙهائي ڪانهي، صرف پئسن ڪمائڻ جو مسئلو آهي. ڏوهہ اتي بہ عروج تي آهي. ائبنارملٽي جا ڪيس اتي بہ خطرناڪ آهن. ڪو ماڻهو اٿي ٿو اوچتو سمنڊ ڪناري وڃي پنجاهہ ماڻهو ماريو ڇڏيو،

ڪنهن کي ٿوري ڪسر نٿي اچي تہ ماڻهو قتل ڪريو ڇڏين. ٻاهر جي دنيا صرف ٻن ڳالهين تي هلي ٿي نہ صرف ٻاهر جي دنيا بلڪہ جديديت پڄاڻان جي دنيا جو دارومدار صرف ٻن ڳالهاين تي هڪ پئسو ٻيو سيڪس انهيءَ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. هاڻي اچو تہ جديديت پڄاڻان ۾ موجود سيڪس جي استحصال تي بحث ڪريون. ايرڪ فرام چيو هو تہ ويهين صدي جو وڏي ۾ وڏو حيران ڪندڙ واقعو نہ سوويت انقلاب هو نہ ٻي عالمي جنگ هئي نہ وري ڪمپيوٽر جي ايجاد هئي بلڪہ وڏي ۾ وڏو واقعو عورت جي آزادي هئي. عورت آزاد ٿي اهو جديد دور جو نعرو هو. جديديت پڄاڻان عورت کي ڇڙواڳ بڻايو ويو. ڇو تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي معاشيات سيڪس آهي. ڪو وقت هو جو اسان وٽ بليڪ اينڊ وائٽ ٽي. وي هو، جنهن ۾ عورت مٿي تي گندي پائي خبرون پڙهندي هئي، فلم ۾ بہ عورت ۽ مرد هڪٻئي کان پري رهندا هئا. جڏهن سي اين اين اسٽيشن شاليمار ٽي. وي تي ايندي هئي تہ رڳو عورت جي ٻانهن اگهاڙي ايندي هئي تہ ان تي بہ سينسر لڳائي ڇڏيندا هئا. اهو وقت پري جو ناهي، پر 1990ع جو آهي. توهان وٽ تصور بہ نہ هو تہ توهان جي گهر ۾ هر ڪنهن جي هٿ ۾ سيڪس اپارينڊڙ گدلاڻ طوفان برپا ڪري ڇڏيندي. اڄ توهان ڪيبل ڪلچر، انٽرنيٽ، موبائل، فيس بڪ، واٽس اپ وغيره سڀ استعمال ڪريو ٿا جنهن تي اگهاڙو مواد ائين موجود آهي، جيئن ڪاڏي جي ميز تي پاڻي موجود آهي. ڇوڪري کي مشهورين ذريعي ترغيب ڏني وڃي ٿي تہ "خوبصورتي کان ڪهڙو شرمائڻ" جسم تہ هڪ آرٽ آهي، ان جي نمائش ڪرڻ توهان جو حق آهي.



"رات شروع بات شروع"، "اب سب ڪجهہ ڪهہ دو" مشهوري ۾ توهان ڏٺو هوندو ڪنڊوم خريد ڪرڻ ۾ مرد هٻڪ محسوس ٿو ڪري، پر عورت بيباڪي سان اچي خريد ڪري ٿي، ڪنهن پرفيوم لڳائڻ سان ڇوڪرين جي قطار لڳي وڃي ٿي. ڪيتريون مشهوريون ڳٽايان هر مشهوري ۾ صرف سيڪس جي ترغيب آهي. وري انڊين فلمون گهرن ۾ هلن ٿيون جن ۾ سيڪس جي ترغيب تہ اهڙي خطرناڪ ڪئي وڃي ٿي، جو ماڻهو ڇتو ٿي پوي. ٻئي طرف اسان جي دنيا وٽ عشق جو تصور صرف مرد ۽ عورت جي سيڪس تي ختم ٿئي ٿو. ڪابہ اسٽوري عورت ۽ مرد جي سيڪس جي چڪر ڪانسواءِ اڌپوري آهي. اسان جا شاعر بہ محبوب جي زلفن کان ٻاهر نٿا نڪرن، ڄامشوري جي هوائن ۾ اڄ بہ ماڻهو پنڊ پهڻ ٿين پيا. يونيورسٽين ۾ پڙهائي کان وڌيڪ عشق جا داستان سانديا وڃن ٿا.

اهڙي صورتحال کان ٻاهر نڪر تہ دنيا اڄان بہ سيڪس ۾ اڳتي آهي، هاڻي گهڻن ملڪن جو گذر سفر ئي سيڪس تي آهي هنن وٽ ٽوئرازم جو تصور ئي اهو آهي. عورت کي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ پنهنجي ميرٽ يا قابليت جو سهارو وٺڻ بدران هن کي ترغيب ڏني وڃي ٿي تہ جنس جو سهارو وٺي، پنهنجا جسماني نقش نگار ڏيکاري پاڻ گوئي ڪٽي، ائين هڪ وڏي قطار لڳي پئي آهي. دنيا ۾ بزنس جو بنياد هاڻي سيڪس تي رکيو ويو آهي. گهڻا ادارا خوبصورت عورتون رکي گراهڪن کي لپائيندا آهن. اسان جي هيءَ

نئين پيڙهي جنهن کي نہ تہ قدرن جي خبر آهي نہ اخلاق جي نہ هن فطرت ڏني نہ وري خانداني وقار، هن پيڙهي کي توهان ڪجهہ بہ سمجهايو، پر اهي صرف ميڊيا جي پوئيواري ڪندا. تنهنڪري جديديت پڄاڻان جو دور انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو نسل پيدا ڪري رهيو آهي. جنهن وٽ پنهنجي حيثيت ناهي جنهن وٽ پنهنجي سڃاڻپ ناهي، هو سڃاڻپ صرف جنسي آلودگي ۾ ڳولهي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌ سوڌو سڄي پاڪستان ۾ تيزي سان مختلف واقعا ٿي رهيا آهن، جن ۾ ريپ ڪيس، خودڪشيون، بليڪ ميلنگ، ڇوڪرين جو گهر کان ڀڄڻ، شادين جو ناڪام ٿيڻ، گهرن ۾ تفرقا پيدا ٿيا آهن، رشتا ٽٽندا وڃن، اسان جو رويو انهن سيني واقعن ڏانهن کهڙو آهي، اسان وٽ فيس بُڪ آهي، اسان وٽ واٽس اپ آهي، جتي اسان پاڻ جج آهيون، اسان پاڻ فتويٰ صادر ڪرڻ وارا آهيون، اسان پاڻ وڪيل آهيون، اسان پاڻ مظلوم آهيون، اسان پاڻ کي چمڪائڻ بہ چاهيون ٿا، پاڻ کي مشهور ڪرڻ بہ چاهيون ٿا، اسان جو رويو اميچوئر ۽ انتهائي ڄٽڪو آهي، جنهن ۾ اسان ڪنهن کي بہ مجرم بڻايو ڇڏيون، ڪنهن جو بہ پٽڪو لاهيو ڇڏيون.

بنيادي طور هر جديديت پڄاڻان دور قومن کي نٽو مڃي، هنن جي خيال ۾ تہ ٻولي پنهنجي معنيٰ وڃائي چڪي آهي. لفظ هوا ۾ تحليل ٿي ويا آهن، بلڪہ دنيا کي ڪا معنيٰ شروع ڪان ڪونهي. اسان صرف هوا ۾ تير پيا هڻون، تنهنڪري دنيا ۾ سوين نظريا، مذهب، پيغمبر دنيا کي سڌاري ڪونہ سگهيا، تنهنڪري غلط صحيح، ضدن جي دنيا، نظرين جي دنيا صرف تصور آهن، لفظن جو کيل آهن، جن جو ڪو دائمي اثر ناهي. اڄ جو واقعو سڀاڻي ڪنهن کي ياد بہ ڪونہ هوندو. هن صورتحال جديد ٽيڪنالوجي کي ايترو تہ منفي استعمال ڪيو آهي جو ماڻهو نہ صرف چريو ٿي رهيو آهي، پر جيئڻ جو چاهہ بہ وڃائي ويٺو آهي. تنهنڪري دنيا ۾ هن وقت وڏ ۾ وڏ جيڪو مرض وڌي رهيو آهي اهو ڊپريشن آهي.

ماڻهو جي فطرت آهي تہ هن کي ڇپر ڇانو کپي، ڪو سهارو کپي، ڇو تہ زندگي جي هن دجالي دور ۾ هر ماڻهو اڪيلو آهي، هر ماڻهو کي سهارو کپي، جيستائين سوشلزم قائم هو ماڻهو گهٽ خطرناڪ حالتن کان بچيل هو، ڇو تہ هر ملڪ جي سرمائيدار، رياستي طاقت، ملٽري، جاگيردار کي خبر هئي تہ جي ڇڙواڳي پيدا ڪنداسين، ماڻهن تي ظلم ڪنداسين تہ ماڻهو سوشلزم جو سهارو وٺي انقلاب برپا پيدا ڪندا. لحاظ هر رياست ماڻهن کي ٿورا گهڻا حق ڏنا ٿي، ڪجهہ قانون موجود هو، پر هاڻي لٽيرن کي کلي ڇوٽ آهي، جيڪو وٺين سو ڪن، تنهنڪري ماڻهن ۾ فرسٽريشن پيدا ٿي چڪي آهي.

ڇو تہ هن دور جو نعرو آهي تہ هر عمل پنهنجي جڳهہ تي صحيح آهي، تنهنڪري ڪو مذهب ۾ پناهہ وٺي رهيو آهي، ڪو پير پرستي، ڪو داڳي ڦيٽي ۾، ڪو هر سال عمرو ڪري ٿو، ڪو ايران ۽ عراق جا چڪر ڪاٽي ٿو، ڪو ٿائليند، ڪو دبئي تہ ڪو باڪو، ڪو وري سوشل ميڊيا ۾ وارو وار لاهيو ويٺو آهي، ڪو ايجنسين جو دلبر آهي، ڪو ٺرو پيئي ٿو، ڪو چرس واپرائي ٿو، ڪو گٽڪو کائي ٿو، حسب توفيق سڀ ڪو عياشي ڪري ٿو. ڇو تہ اوچتو زندگي جو واهياتپڻو، بي مقصديت ظاهر ٿي پئي آهي، پر مسئلو اهو آهي تہ اسان مان ڪير بہ حقيقت کي تسليم نٿو ڪري، اڪيون چورائي ٿو، بلڪل انهيءَ بادشاهہ وانگر جنهن چيو هو تہ مون کي ڪو درزي اهڙو لباس تيار ڪري ڏئي جيڪو نظر نہ اچي. هڪ درزي چالاڪيءَ سان بادشاهہ کي اهڙو لباس لفظن ۾ پارائي ڇڏيو. بادشاهہ اگهاڙو بازار جو گشت ڪندو رهيو، پر ڪير چوي تہ بادشاهہ اگهاڙو آهي.

سڀ چون تہ واهہ واهہ درزي واهہ جو لباس ٺاهيو آهي. بلڪل اسان جي صورتحال بہ اهڙي آهي اسان منافق روين جي يلغار ۾ ڦاٿل آهيون. ڪير بہ حقيقت تسليم نٿو ڪري. اسان سڀ ڪجهہ سمجهون ٿا، پر بيانيہ پراڻا جنهن تي اسان جو جياپو آهي. مثال طور: ”نياڻي ست قرآن“ ”اقليت هميشہ مظلوم آهي“، ”اسان سنڌي قوم پرست آهيون“، ”قوم پرست پارٽين سنڌ کي بچايو“ ”اسان امن پسند قوم آهيون“، ”اسان صوفي آهيون“، ”اسان جي تهذيب دنيا جي عظيم تهذيب آهي“، ”اسان غيرت مند آهيون“، ”اسان سان ظلم ٿيو آهي“ ۽ آخري بيانيو ”جيئي ڀٽو، ڀٽي خاندان جو قرض آهي سنڌي قوم تي“ وغيره وغيره. هڪڙي سروي مطابق سنڌي ماڻهن شهرن ۾ اڇي رڳو ٻولي ڪونہ ڇڏي آهي بلڪہ غيرت بہ ڇڏي ڏني آهي. پنج ئي آڱريون برابر ناهن، پر سنڌي ماڻهو جنسي آلودگي ۾ سيني کان اڳتي آهي، اها مارڪيٽ بہ خطرناڪ حد تائين وڌي رهي آهي.

سوال وري بہ اهو آهي تہ سچ غائب ٿي ويو، رڳو ئي ڪچ وڪامي ٿو. تنهنڪري ”ڊگري ڊگري هوتي هي اصلي نقلي ڪيا“ عملي طور اصل اسان جو بيانيو اهو آهي.

سوال اهو آهي تہ آخر ڇا ٿيڻ گهرجي؟ ايرڪ فرام چيو هو، انسان فطرت کان وڇڙي رهيو آهي، تيئن دکي ٿي رهيو آهي. روسو چيو هو، تهذيب وڏو ڦاهو آهي، انسان فطرت ۾ ئي خوش هو. مذهبن جي مطابق انسان کي ڏينهون ڏينهن زوال ڏانهن وڃڻو آهي، انسان جو زوال اٽٽر آهي، ڇو تہ انسان ناشڪرو، بي صبرو ۽ فسادي آهي، پر فرائيڊ چيو هو، انسان وحشي ناهي، پر بيمار آهي، ڪارل مارڪس چيو هو، توهان معاشياتي نظام ٺيڪ ڪريو، سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. جيستائين ماڻهو شين ذريعي سڃاڻپ ڪرائيندو، خريد وڪرو ڪندو، تيستائين هر شيءِ وڪر هوندي. ان لاءِ مارڪيٽ بہ وجود ۾ ايندي. مارڪس چيو هو، انسان اجان پيدا نہ ٿيو آهي، پر انسان کي اجان اپرڻو آهي.

بنيادي طور انسان کي انڌي گهٽي ۾ ڦاسايو ويو آهي. انسان کي منفي دنيا جو پاسو ڏيکاريو ويو آهي، انسان کي ماچس جي تيلي وانگر جيئڻ سيکاريو ويو آهي. جنهنڪري پڙڪو ڏيو وساميو وڃي، جلدي پور ٿيو پوي. واهيات پٽي کي مٽائڻ لاءِ وري ٻيا هلڪڙائي جهڙا ڪم ڪري ٿو.

دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ قانون کان بغير نٿو هلي سگهي، ڪوبہ ماڻهو نظم ۽ ضبط کانسواءِ، اصول کانسواءِ نٿو هلي سگهي بلڪل اهڙيءَ طرح ڪوبہ گهر قدرن ۽ قانونن کان بغير نٿو هلي سگهي. سماج جو بنياد ئي اصول ۽ قانون، جزا ۽ سزا تي آهي. تنهنڪري هي جديديت پڄاڻان نظام جيڪو انسان کي انتشار ۽ لامرڪزيت ڏانهن وٺي ويو آهي اها سوچيل سمجهيل سازش آهي تہ ڪروڙين انسانن کي صرف ٻارڻ ناهي انهن جي لاشن تي ڪربين رپيا ڪمائجن. اصل ۾ انسان سان وڏو دوکو پيو ٿئي.

دنيا جي هيءَ صورتحال وڌيڪ دير نہ هلندي، ڇو تہ جهڙي طرح ڌرتي جا وسيلا ختم ٿي رهيا آهن، جهڙي طرح ماحولياتي گدلاڻ دنيا کي تباهہ ڪري رهي آهي، جهڙي طرح جنگي ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي، اهو وڌيڪ دير نہ هلندو يا جلدي انسان ڪنهن خوفناڪ جنگ جو شڪار ٿيندو يا وري اهڙا انقلاب اچڻ لڳندا جو دنيا تبديل ٿي ويندي. في الحال انڌيرو آهي پردي جي هن پاسي ڪجهہ نظر نٿو اچي.



# ڪردستان جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ دوشيزائن جي نانءُ

ڊاڪٽر پيار علي جتوئي

”محبوب جي اڳيان ڪوبہ پنهنجي شڪست تسليم ناهي ڪندو، مون کي عاشقن جي فوج ڏيو تہ مان دنيا فتح ڪري وٺندس.“ عظيم مفڪر افلاطون جون هي سٽون ڪيڏيون نہ دل کي ڇهندڙ لڳن ٿيون. پنهنجي ديش جي آزادي لاءِ وڙهندڙ هر باغي، هر ڪامريڊ، هر سرفروش ذهني توڙي شعوري طور ڏاڍو سهڻو ۽ دلربا لڳندو آهي، پر سون تي سهاڳو اهو تہ جڏهن ان ديش جون الهڙ جوانڙيون، نازڪ ناريون جڏهن پنهنجي حسين نازڪ نفيس بدن تي ويڙهاڪ پوشاڪ پهري ۽ پنهنجي ميندي رتل هٿڙن ۾ هٿيار کڻن ٿيون تہ پوءِ اهي شهزاديون جنت جي حورن کان وڌيڪ سهڻيون ۽ دلربا لڳنديون آهن، ڇڻ تہ ان قوم جي تقدير بدلائي ڇڏينديون آهن ۽ ديش جا دشمن سندن حُسن ڏسي هرڪجي پون ٿا. سندن جوش، جذبو ۽ همت ڏسي سندن دليون دهلجي وڃن ٿيون ۽ انهن نازڪ نارين جي هٿن ۾ هٿيار ۽ جسمن تي ڪفن پهريل ڏسي دشمن دهلجيو وڃي ۽ موت بہ اهڙين بهادر قوم جي نياڻين جي حُسن تي موهت ٿي انهن کي لازوال موت مرڻ آڇي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اهڙين سورمائن کي موت ڏاڍي پيار پاٻوهہ سان اهڙين جنگجو هرڻين کي پنهنجي گود آڇي ٿو جيڪي ڪيئي دشمن سپاهي، جرنيل جهنم پهچائي چڪيون هجن ٿيون. ها اهڙيون سهڻيون هرڻيون، جن جي چال ڪنهن ڊيل کان گهٽ نٿي هجي، جيڪي پري کان پرستان جون ڪي پريون لڳنديون هجن ٿيون، پر جڏهن اهي پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي عاشقن جي ٻانهن ۾ هجڻ گهرجن، جن جي اها عمر اجان ميندي رتن هٿڙن ۾ گل کڻي پنهنجي عاشقن جي اوسيئڙي ۾ راتيون جاڳڻ ۽ چنڊ جي ٿڌي روشني ۾ ٻاهر آڳر ۾ کٽولا رکي تارن ڀري رات ۾ جڏهن ٿڌڙي هير گهلندي هوندي آهي تڏهن پنهنجي عاشقن جي اچڻ جو انتظار ڪنديون آهن، پر اهڙي چلولاين واري الهڙ جوانيءَ ۾ جڏهن اهي ڪارن وڏن وارن واريون، ڳاڙها گلابي ڳل رکندڙ من موهي وجهندڙ محبوبائون جڏهن پنهنجي هٿن ۾ هٿيار کڻي هلن ٿيون تہ يقينن دشمن جو ساهہ سڪائي ڇڏين ٿيون ۽ جڏهن اهڙيون پوپريون، من موهڻيون پنهنجي سيني سان بم بارود ٻڌي دشمن جي لشڪر ۾ گهڙي پون ٿيون ۽ پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجي ديش جي آزاديءَ خاطر پنهنجي رت جو آخري ڦڙو وهائي ڇڏين ٿيون تہ اهڙين جوڌين دوشيزائن جي حملي جي ڪري دشمن جي لشڪر ۾ ڀاڄ پئجي وڃي ٿي ۽ اهي ويڙهاڪ محبوبائون وڙهندي وڙهندي دشمن جا ڪيئي جرنيل ۽ ڪرنل موت جي حوالي ڪري، دشمن جون ڪيئي چوڪيون تباهہ ۽ برباد ڪري آخرڪار ڪنهن دشمن جي بم، توپ جي گولي لڳڻ جي ڪري ڪلندي، مرڪندي ڏاڍي خوشيءَ سان موت سان مهاڏو اٽڪائي، موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڄڻ تہ موت کي ماري، موت جي موت تي ٺهڪ ڏيئي، هميشہ لئہ پنهنجي ديش جي مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿيون.


اهڙيون نازڪ ناريون جڏهن پنهنجي ديش جي ڌرتيءَ لاءِ وڙهندي مرنديون آهن تہ انهن جي اهڙي ڪُمهلي موت تي ڪو غم ناهي ڪندو، ڪنهن جي اکين مان ڪو ڳوڙهو ناهي ڳڙندو، پر اهي تہ پنهنجي قوم جي تقدير بدلائي وينديون آهن. انهن جي اهڙي ارڏائپ ۽ دليري واري موت تي سندن ديش ڌڻين کي ڄڻ تہ نئون جيئدان ملي پوندو آهي. ديش جي ڀيرو جوانن ۾ نئون جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ٿي پوندو آهي. ديش جون مائرون ڀينرون، جوڌا جوان، پڪا پوڙها سيئي ڄڻ تہ جنگي جوڌا ٿي پوندا آهن ۽ پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي پوندا آهن. اهڙين بيباڪ نارين جي جنازن تي روج راڙو ناهي ٿيندو، پر شادمانا ملهايا ويندا آهن. آزاديءَ جا ڀيچ ڳايا ويندا آهن، ديش جون نازڪ ناريون ڪنوارون پنهنجي ورن جي ڀاڪرن مان نڪري پنهنجي ديش جي آزاديءَ لاءِ ويڙهاڪ بڻجي وينديون آهن. اهڙين ويڙهاڪ ۽ آزادي پسند نارين جي سورهيائي جا قصا ڳوٺ ڳوٺ، وستي توڙي واهڻ ۾ ڪيئي پيڙهين تائين ٻڌايا ويندا آهن. ديش جو هر ڪوپو جوان پنهنجي ديش جي آزاديءَ خاطر پنهنجي جسم تي دشمن جو ڀالو تير ترار سهڻ لاءِ اتاولو ٿي ويندو آهي. هرهڪ جي اها خواهش هوندي آهي تہ شل انهن کي بہ اهڙو ارڏائپ وارو موت نصيب ٿئي. اهڙين قومن ۾ بستري واري موت کان هرڪو پناهہ پيو گهرندو آهي ۽ بيماريءَ ۾ مرڻ ڄڻ تہ مهڻو ٿي پوندو آهي. ديش جي هر سورهيہ جي دلي خواهش هوندي آهي تہ مان جنگ ۾ دشمنن سان وڙهندي ماريو وڃان. منهنجو



سينو ديش جي حفاظت ڪندي گولين سان پروڻ ٿي وڃي. اهڙين شهزادين جون مائرون پنهنجي حسين ۽ جميل نياڻين جي جواني جي موت تي ويڻ ناهن ڪنديون، پر انهن جي سورهيائي بيان ڪري ديش جي ٻين نياڻين جي دل ۾ ديش جي محبت لاءِ نئون جذبو جاڳائينديون آهن. اهڙين بيباڪ نياڻين جا جنازا هٿيارن جي ڇانو ۾ کنيا ويندا آهن ۽ انهن کي توپن جي سلامي ڏيئي هميشه لاءِ موڪلايو ويندو آهي. انهن سورهيه شهزادين جا نالا پنهنجي اولاد تي رکڻ پنهنجي لاءِ وڏي عزت سمجهندا آهن ۽ انهن دلير دوشيزائن جي نالي تي ملڪ ۾ عاليشان مينار اڏايا ويندا آهن. انهن کي ڪڏهن به مئل ناهي سمجهيو ويندو، پر تاريخ ۾ ڪين زنده ۽ جاويد تصور ڪيو ويندو آهي.

موت اهڙين معشوقائن جو موت ڏسي پنهنجو موت پاڻ مري ويندو آهي. اهي دوشيزائون شهادت ملڻ ڪانپوءِ اجان وڌيڪ سهڻيون من موهڻيون ٿي پونديون آهي ۽ پڪ سان اهي جنت جون حورون ٻڻجي پونديون آهن جن جي مُنهن ۾ نوراني نور چمڪي پوندو آهي ۽ انهن جا چهرا مرڻ ڪانپوءِ اجان وڌيڪ دلڪش ٻڻجي پوندا آهن ۽ سندن چهرا تجلا ڏيڻ لڳندا آهن. سندن جسمن مان جنت جي خوشبو اچڻ لڳندي آهي، پڪ سان اهڙين ديش جي وفادار ۽ ويڙهاڪ نارين کي جنت جون حورون آبِ زم زم سان غسل ڏينديون هونديون ۽ سندن شان ۾ مان ۾ جنت جا سوين در کوليا ويندا هوندا ۽ اهڙين معصوم مکڙو رکندڙ چوڪرين جو جنت ۾ وڏي پئماني تي آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو هوندو، جيڪي ڌرتيءَ تي پنهنجي ديش جي آزاديءَ خاطر بي خوف ۽ بي ڌڙڪ ٿي وڙهي، پنهنجي ڌرتيءَ جي دنگن جي نگهباني ڪندي پنهنجي عاشقن کي پنهنجي سينن تي سمهاري ڪين اگهور ننڊ ۾ ڇڏي، پنهنجي ڌرتيءَ سان وفا نڀائيندي پنهنجي جسم جي رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي آيون آهن. سچ پچ اهي ڪيڏيون نه خوش نصيب سڏبيون جن جي آمد جو سچي جنت ۾ پڙهو ڏياريو ويندو هوندو ۽ جتان جتان سندن گذر ٿيندو هوندو، مٿائن گل نڇاور ڪيا ويندا هوندا. سندن ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ تي جن، ملائڪ، پريون توڙي حورون جهمريون پائينديون هونديون. بيبي فاطمه ضرور انهن کي پنهنجي آغوش ۾ ڀري سندن ارڏائپ ۽ سورهيائي جا ڳيچ ڳائيندي هوندي ۽ اهو ارشاد فرمائيندي هوندي، ”اي منهنجون ٻچڙيون، توهان پنهنجي مائن جي ٿڄ نڀائي آهي، توهان پنهنجي پائرن جي همت وڌائي آهي، توهان کي پنهنجي ملڪ جون مائون پيٽون سلام ڪن ٿيون ۽ مان توهان کي خدا جون رضائون توهان جي حوالي ڪريان ٿي چو ته توهان حق سچ جي راهه ۾ پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو آهي، هي جنت توهان جي آمد تي توهان کي سلام ڪري ٿي.“

هوڏانهن ديش جي بهادر نياڻيءَ جي شهادت تي آسمان به وسي پيو آهي، ديش جا جوڌا جوان، مرد توڙي مايون هٿن ۾ هٿيار کڻي پاڻ سان بم گولا ٻڌي وڃ وانگر دشمن تي ڪڙڪي پيا آهن، دشمن جي بيرڪن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو آهي. ديش جي ڌرتي دشمن لاءِ ٽامو ٻڻجي پئي آهي. دشمن جي فوج ديش جي سرزمين ڇڏي ڀڄي رهي آهي. دشمن جا حوصلا خطا ٿي چڪا آهن. دشمن شڪست مڃي چڪو آهي ۽ ديش واسي پنهنجي آزاد ڌرتي تي جهمريون پائي نچي رهيا آهن. دنيا جي نقشي تي هڪ نئون ملڪ ڪردستان جنم وٺي رهيو.



ڊاڪٽر پيارعلي جتوئي

p03323993783@yahoo.com

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

# غير اخلاقي رويا ۽ ڇڙواڳي

سرمد ڪوسو

اسان هن وقت هڪ اهڙي سماج ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون، جيڪو انيڪ بُرائين ۽ بيمارين جي ور چڙهيل آهي. هر طرف بيحسي ئي نظر اچي ٿي. اِن ۾ ڏوهه وري رڳو نوجوانن کي ڏنو ويندو آهي ته اُهي سنجيده ناهن، پر آئون پوري يقين سان ٿو چوان ته نه رڳو نوجوانن پر پوڙهن پڪن جو به ان حوالي سان سچ لٿل آهي. اسان پنهنجو بيڙو پاڻ ٻوڙي، خاموش تماشائي بڻيل آهيون. اسان جا ادارا به اهڙن رَوين جو شڪار آهن. جتي فردن جي غير سنجيدگي، لاتعلقي ۽ ڇڙواڳي عروج تي آهي ۽ ادارا زوال تي پهتل آهن. اسان وٽ ڪوبه ڪم نه ڪندڙ فرد کي وڏو چالاڪ ۽ داناءُ سمجهيو ٿو وڃي. ڪو ماڻهو ڊيوٽي چور هوندو ته پاڻ کي وڏي همت وارو پيو سمجهندو. الميو ته وري اهو به آهي جو سماج جا ٻيا فرد به چوندا ته ڏسو هن همراهه جي نوڪري ته ڪيڏي نه ڀلي آهي، جو ڪوبه ڪم ناهي ٿڌي ڇانو ۾ ويٺي سُٺي پگهار ٿي مليس. توهان پاڻ اندازو لڳايو ته اهو غير سنجيده رَويو اسان کي ڪيڏي نه وڏي تباهي طرف وٺي پيو وڃي. مون اهو مشاهدو ڪيو آهي ته هن وقت اسان جي لڳ ڀڳ هر اداري ۾ اهڙن ماڻهن جا انبوهه آهن، جيڪي نه ڪو ڪم پاڻ ڪن ٿا ۽ نه وري ٻين کي ڪرڻ ڏيڻ ٿا.




مان توهان کي هڪ مثال پنهنجي ذاتي مشاهدي مان ڏيندو ٿو هلان. مون ۽ ڪجهه ٻين دوستن جڏهن پنهنجي نوڪري جوائن ڪئي ته اُتي موجود اسان جي سينئر اُستادن چيو ته اسان جا ڪلاس به هنن کي ڏيو، هي نوجوان آهن، پاڻ ئي پيا پڙهائيندا. وري جيڪڏهن ڪنهن به ڇڱي ڪم جي ڪا صلاح ڏيو ته وري ساڳي ڳالهه چون ته اهو ڪم به اوهين ڪريو. سو اهڙي طرح ڪنهن آفيس ۾ وڃو ته اُتي موجود ڪمپيوٽر آپريٽر چوندو ته مون کي ڪمپيوٽر آپريٽ ڪرڻ نٿو اچي، جيڪو ڊرائيور ڀرتي ٿيندو، سو چوندو ته مون کي گاڏي ڊرائيو ڪرڻ نٿي اچي، اُستاد چوندو ته پڙهائڻ نٿو اچي، هاري چوندو مون کان ٻني جو ڪم نٿو ٿئي، ڊاڪٽر چوندو ته مون کي بيماري جي خبر نٿي پوي، انجنيئر چوندو ته مون کي پنهنجي ڪم جي خبر ناهي وغيره وغيره. اِن کان وڏو ظلم باقي ڪهڙو ٿو ٿي سگهي جو اسان پنهنجن فرضن کان بي خبر بڻيا وتون ۽ بيحسي جي ان انتها تي پهچي وڃون جو اهڙن ماڻهن کي انهن جاين تائين پهچايون جيڪي ڪم ڪرڻ جي قابل نه هجن ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي قابل آهن انهن کي ان جاءِ تي پهچڻ نه ڏيون.

ٻيو ته اسان وٽ هن ڪني روايت تمام تيزي سان وڌڻ شروع ڪيو آهي، اُها اِها ته جنهن به ماڻهو کي توهان لاڳاپيل ڪم چئو ته هُو اُن جو جواب اِهو ڏيندو ته اِهو ڪم منهنجو ناهي، فلاڻي جو آهي. اهڙيءَ طرح فلاڻي وٽ وڃو ته اُهو چوندو ته ڪنهن ٻئي جو آهي ۽ پوءِ اِهو اڻ کُٽ سلسلو پيو هلندو، پر توهان جو ڪم نه ٿيندو.

اخلاقي حوالي سان به هي سماج ڏيوالپڻي جو شڪار ٿيل آهي. هاڻي جيڪو ماڻهو گاريون ڏيئي ڳالهائي ٿو، سو دلير ۽ چالاڪ سمجهيو ٿو وڃي ۽ جيڪو گاريون نٿو ڏئي سو بزدل ۽ بيوقوف آهي. مون کي اُن وقت شديد ڏک ۽ افسوس ٿيندو آهي جڏهن والدين کي پنهنجي اولاد سامهون گاريون ڏيندي ۽ ڪريل ٻولي استعمال ڪندي ڏسندو آهيان. ساڳي طرح ڪنهن اُستاد کي پنهنجي شاگردن جي سامهون اهڙي ٻولي ڳالهائيندي ڏسندو آهيان ته اُن وقت ته زمين پيرن هيٺان نڪري ويندي آهي.


اسان پنهنجي نوجوان نُسل جي جهڙي تربيت ڪنداسين ۽ ڪين جهڙو ماحول ڏينداسين، هُو اُهڙا ئي ٿيندا. والدين ۽ استاد پاڻ شاگردن ۽ اولاد سامهون غير اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، وري توقع اها ڪندا ته ٻار، شاگرد يا نوجوان اسان جي عزت ڪن، اهو ناممڪن آهي. جيستائين اسان پنهنجن روين ۾ مثبت تبديلي نه آڻينداسين ۽ اخلاقي برتري حاصل نه ڪنداسين، تيستائين اهي بڇڙايون وينديون وڌنديون ۽ اسان سماجي ۽ ادارتي طور تي ڪمزور ۽ ردي ٿيندا ويندا سين. اچو ته هڪ ڀيرو جتي جتي بيٺل آهيون پنهنجن پنهنجن رَوين جو جائزو وٺون ته ڪٿي اسان ته ان بيماري جو شڪار ناهيون؟ جيڪڏهن آهيون ته جلد کان جلد پنهنجو علاج پاڻ ڪريون. تڏهن ئي اسان هڪ صحتمند سماج کي ناهڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين.



# انساني ارتقا جو جاري سفر!

**عذير عابد**

هر ڳالهہ، فڪر، توڙي خيال کي بهتر نموني سمجهڻ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي تہ ان جو پسمنظر ڏٺو وڃي ۽ ان پسمنظر کي بهتر نموني سمجهڻ کانپوءِ ئي پاڻ ان فڪر توڙي خيال کي بهتر نموني سمجهي سگهنداسين. ساڳي طرح اسان جو سماج جن نفسياتي فڪري توڙي خيالي مونجهارن ۾ ڦاٿل



آهي انهن مونجهارن کي سمجهڻ توڙي حل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پاڻ انساني جبلتن، انساني نفسيات توڙي عادتن جو مطالعو ڪيون، ڇو جو معاشري جا سيئي معاملا توڙي مونجهارا لازمي انسانن پاڻ ئي پيدا ڪيا آهن، تڏهن ئي پاڻ هن وقت جي سماجي بيمارين کي بهتر نموني سمجهي سگهنداسين. جيئن تہ انسان هميشہ کان وني اهڙي ماحول توڙي ضرورتن ۾ نہ رهيو آهي، جيڪي سندس اڄ جون ضرورتون آهن ۽ انسانن سان جيڪي معاملا درپيش پئي آيا يقينن اهي بہ اڄ جي معاملن کان بلڪل مختلف هئا. تنهنڪري انساني تاريخ جي ڪهاڻي ۾ مختلف دور آيا آهن ۽ انهن مخصوص دورن ۾ مخصوص عقيدن ۽ خيالن پرورش پاتي آهي. ان دور جي معاملن ۽ مسئلن کي سمجهڻ لاءِ ان دور جي عقيدن ۽ فڪرن نہ فقط انهن معاملن ۽ ورتائن کي سمجهيو، پر ان جا حل بہ ٻڌايا ويا. اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ انسان جبلتن پراڻ پسند رهيو آهي، انسانن جي اڪثريت پنهنجي فطرت ۾ باغي نہ آهي هن هميشہ پنهنجن ابن ڏاڏن جي ٻڌايل ڳالهين کي اڳتي وڌايو آهي، پر جيئن تہ هر دور، پنهنجو پاڻ سان گڏ پنهنجون ضرورتون کڻي اچي ٿو، تنهنڪري اها ماڻهو جي مجبوري هئي تہ اهو وقت سان گڏ پاڻ ۾ پنهنجي ريتن، رسمن ۽ عقيدن ۾ بهتري آڻي، پر هن ڪڏهن بہ اهو عمل رضا خوشي سان نہ ڪيو آهي، حالتن هميشہ ماڻهو کي تبديلي طرف ڌڪيو آهي. ائين انساني سماج سفر ڪندي ڪندي پنهنجو پاڻ ۾ ڪي نيون ڳالهيون سموئي ۽ پراڻين ڳالهين کي ڇڏي اڳتي وڌيو آهي. انسان سان شروعاتي دور ۾ جيئن تہ ڏاڍا خطرناڪ ۽ حادثاتي واقعا پيش آيا ۽ تجربا بہ تمام تلخ رهيا، تنهنڪري ضروري هو تہ انهن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ هن جي فطرت ۾ بہ ڪي تلخ جبلتون ۽ ڪي وحشي عادتون شامل ٿي وڃن. انساني سمجهہ ۽ خيالن جو تعين ان ماحول ئي ڪيو جنهن ۾ ان پرورش حاصل ڪئي ۽ ايئن انساني تاريخ جي ڊگهي سفر ۾ ماڻهو جيڪي ڪم بار بار ڪيا پئي، اهي ڄڻ تہ هن جي وجود جو حصو ٻڻجي ويا ۽ ائين ڪافي اهڙا عمل ساڳيا هئا جيڪي نہ رڳو فردن، پر معاشري گڏيل طور تي ادا پئي ڪيا. تنهنڪري مجموعي طرح ڪجهہ ڳالهيون ۽ خيال توڙي احساس هنن جي وجود جو حصو ٿي ويا ۽ ائين ماڻهو جي فطرت يا جبلتن جو جنم ٿيو. مثال طور: ڪنهن سچي گروهہ يا قوم بابت چيو ويندو آهي تہ هيءَ قوم مهمان نواز آهي تہ اها پڻ ان قوم جي سيني فردن ۾ ساڳي ماحول ۾ رهڻ سبب ۽ ساڳي قسم جي عملن توڙي رد عمل ڪرڻ سبب جنم وٺندي آهي. سائنس جي مطابق جبلت ۾ انسان کي صرف هڪڙو خوف مليو آهي ۽ اهو آهي وڏي آواز کان خوف کائڻ. ان جو مطلب هي ٿئي ٿو تہ اسان جي وڏن وڏي آواز جو تمام گهڻو تجربو ڪيو ۽ تمام گهڻي حد تائين ان کان ڊنا، تنهنڪري اهو سندن وجود جو حصو ٻڻجي ويو. وحشي رويا ۽ قبائلي جهيڙا بہ قديم انسان جون وحشي عادتون رهيون آهن جيڪي اڄ جي انسانن ۾ پڻ هلنديون اچن. جڏهن تہ اهي قبائلي جهيڙا اڄ جي انسان کي نٿا سونهن، پر جڏهن ماڻهو قبيلن جي صورت ۾ رهندا هئا تڏهن اهي پنهنجي قبيلي جي بچاءُ لاءِ قبائلي جهيڙا ڪندا هئا. گڏوگڏ هر غلط عمل يعني چوري، ڌاڙو وغيره پنهنجي قبيلي ۾ غلط سمجهيا ويندا هئا، باقي جيڪڏهن پنهنجي قبيلي کان ٻاهر اهي ڪم ڪيا وڃن تہ انهن کي جائز ۽ قبوليت لائق عمل سمجهيو ويندو هو. ماڻهن جا گروهہ گڏجي قبيلا جوڙين ٿا ۽ قبيلا گڏجي انساني سماج ۽ قومن کي جنم ڏين ٿا. تنهنڪري شروع ۾ انسان پنهنجي قبيلن جي حفاظت لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هئا ۽ قبيلي کان ٻاهر جي ماڻهن سان ڄڻ هنن جو ڪو واسطو بہ نہ هو، بلڪہ ٻين قبيلن جي ماڻهن کي دشمن سمجهيو پئي ويو. پوءِ اڳتي هلي انساني عقل جي ارتقا ايسيتائين پهتي جو هنن پنهنجي قومن کي پنهنجي وجود جو سبب سمجهيو، پنهنجي قوم جي حقن لاءِ ماڻهو جدوجهد ڪرڻ لڳا، پر اها قومپرستي فاشزم ۾ تبديل ٿي وئي. پنهنجي قوم کي ٻين کان بهتر ۽ افضل سمجهيو ويو ۽ ٻين جي حقن توڙي ثقافت جو احترام نہ ڪيو ويو. يقينن اهو رويو بہ قبائليت وانگر مجموعي انساني سماج ۽ انسانيت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو. گهڻو پوءِ وري شايد اهو يوناني ڏاهو سسرو هو جنهن انسانيت جي ڳالهہ ڪئي. تنهن کانپوءِ ئي انسان ان ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ سيئي انسان محترم آهن، تنهنڪري انهن جون خواهشون، اميدون توڙي خيال احترام جوڳا آهن ۽ هر ماڻهو جي خيال جو احترام ڪيو وڃي توڙي جو توهان ان سان متفق نہ هجو جنهن کي اظهار جي آزادي جو نالو پڻ ڏنو ويو. بهرحال ان کانپوءِ وري انساني سمجهہ ۽ عقل ۾ هڪ ٻي بهتري بہ آئي ۽ انسانن اهو طئي ڪيو تہ صرف انسانن جا نہ پر سموري آبي جيوت ۽ ٻين سيني جاندارن جانورن، وڻن، ٻوٽن، درياهن ۽ سمنڊن جا پڻ حق ٿين ٿا ۽ انهن جو صرف پنهنجي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ استحصال نہ ڪيو وڃي. اها انسان جي ڪهاڻي آهي تہ هو ڏينهون ڏينهن بهترين خيالن کي جنمي ٿو، اڳتي وڌندو رهي ٿو، پراڻن ۽ ردي خيالن کي رد ڪري ٿو ۽ پنهنجو پاڻ ۾ وسيع تناظر ۾ شين ۽ واقعن کي ڏسڻ جي سگهہ پيدا ڪندو وڃي ٿو.

# مهتاب اڪبر راشدي

تحرير: مسلم شميم

محترم مهتاب اڪبر راشدي سان غائبانہ واقفيت لڳ ڀڳ چئن ڏهاڪن جي عرصي تي پکڙيل آهي. لاڙڪاڻي سان منهنجو واسطو 1960ع کان آهي. نئون ڏيرو يعني محترم جي جنم ڀومي، ڀٽو خاندان جي حوالي سان پهرين ئي غير معمولي اهميت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ جڏهن هوءَ پنهنجي اباڻي حيثيت سان مهتاب اڪبر چنا مان مهتاب اڪبر راشدي ٿي وئي تہ سندس نالو منهنجي لاءِ اجان وڏيڪ احترام جوڳو بڻجي ويو. بنت حوا جي حيثيت سان جنرل ضياءُالحق جي دور ۾ پاڪستان ٽي وي جي ميزبان جي حيثيت سان جڏهن ڪيس مٿي تي رئي پائڻ لاءِ چيو ويو تہ هن اهڙن حڪمن جي ڪلم ڪلا خلاف ورزي ڪئي جنهن جي ڪري منهنجي دل ۾ سندس لاءِ غير معمولي عزت ۽ احترام وڌي ويو، سندس غير معمولي فڪر ۽ جرئت ۽ اهڙن حڪمن کان انڪار جي حوالي سان هن ان وقت جي عورتن جي وچ ۾ پنهنجي هڪڙي خاص جڳهہ ٺاهي ۽ منهنجي ذهن ۾ سندس نالو سيني کان مٿي تري آيو. لاڙڪاڻي جي مڪتبہءِ فڪر جي حوالي سان محترم مهتاب اڪبر راشدي جي شخصيت ۽ فڪر ۽ سندس حياتي جي جدوجهد تي لکڻ جو خيال منهنجي لاءِ وڏي معنيٰ رکي ٿو ڇو تہ هوءَ هڪ غير معمولي شخصيت جو روپ ڌاري چڪي آهي. اها ڳالهہ چٽي آهي تہ ڪنهن شخص يا شخصيت جو منصب حاصل ڪرڻ هڪ غير معمولي واقعو هوندو آهي. محترم اهو منصب يعني شخصيت جو منصب ڪيترا ڏهاڪا اڳ ئي حاصل ڪري ورتو هو. سندس ڪارنامن ۽ خدمتن جو سلسلو سندس شاگردي واري دور کان ئي شروع ٿي چڪو هو ۽ هن زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيترن ئي مرحلن تي ڪاميابيون حاصل ڪيون.



محترم جي باري ۾ مضمون لکڻ کان پهرين هڪ دوست سان رابطو ڪيم تہ ان پڇيو تہ توهان سندس ڪيترا افسانہ پڙهيا آهن ۽ سندس ڪهڙن ڪتابن جو مطالعو ڪيو آهي، مون وٽ خاموشيءَ کانسواءِ ڪوبہ جواب نہ هو. مون ان دوست جي ان ڳالهہ تي اهو عرض ڪيو تہ هن مرحوم پروفيسر ڪرار حسين جون ڪهڙيون لکڻيون پڙهيون آهن جنهن پنهنجي لکڻين سان ڪيترن ئي نسلن کي متاثر ڪيو آهي ۽ سندس فڪر ۽ نظريا ماڻهن ۾ موجود ملن ٿا ۽ مختلف موضوعن تي مذاڪرن ۽ مقالمن ۾ سندس حوالو اظهار خيال لاءِ سند جو درجو رکندو آهي. پروفيسر ڪرار حسين تحريري طور تي ڪو گهڻو قيمتي سرمايو ناهي ڇڏيو. مون پنهنجي گفتگو ۾ پروفيسر صاحب جي غير معمولي شخصيت ۽ ان جي فڪر ۽ نظرين جي هماگيريت، پذيرائي ۽ ڪيترن ئي نسلن تي ان جي اثرن جي باري ۾ سقراط سان ڪيس ڀيٽيو آهي ۽ اهو بہ چيو آهي تہ سقراط جا نظريا، خيال ۽ فڪر ان جي شاگرد افلاطون جي ذريعي فڪر ۽ شعور جي دنيا تائين پهتا جنهن پنهنجن ڪيترن ئي ڪتابن ۽ مقالمن ۾ سقراط جي فڪر کي مرڪزي حيثيت ڏني آهي ۽ ان کي مرڪزي ۽ محوري درجو عطا ڪيو آهي. اها بہ ڳالهہ صحيح آهي تہ محترم جي ڪا باضابطہ تحرير، مقالا يا ڪا تصنيف بيشڪ منهنجي نظر مان ناهي گذري، پر سندس فڪر ۽ شعور، بصيرت ۽ بصارت کان آگاهي جيڪڏهن پوري ملڪ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۽ گهڻي وسيع دائري ۾ نہ بہ صحيح تڏهن بہ سنڌ جي حد تائين پوري يقين سان چئي سگهان ٿو تہ:

"آپ بي بهرا هين جو معتقدِ مير نهين"

هن ۾ مير جي جاءِ تي مهتاب ڪري پڙهيو وڃي ان سلسلي ۾ گذريل سال ڊاڪٽر آفتاب ابڙو جو ترتيب ڏنل هڪ جامع ڪتاب "مهتاب" سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ اهم ۽ معتبر، فڪر ۽ دانش رکندڙ شخصيتن جا لکيل مضمون شامل آهن جيڪي سندس فڪري گهڻ پاسائي ۽ جامعيت جي ڀرپور نمائندگي ڪن ٿا. جيئن چئجي تہ افلاطون پنهنجي اهم ترين تصنيف "جمهوريہ" Republic ۽ ٻين مقالمن ۾ سقراط جي فڪر جي تبليغ جو ڪم ماڻهن تائين پهچايو. ساڳيو ئي فرض ان ڪتاب جي صورت ۾ اجتماعي طور ادا ڪيو ويو آهي. ائين ڪڻي چئجي تہ ڪيس سقراط جي قبيلي جو رڪن قرار ڏيئي سگهجي ٿو. مون محترم جي گهڻ پاسائي شخصيت کي لاڙڪاڻي جي مڪتبہءِ فڪر جي وسيع پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مڪتبہءِ فڪر لاڙڪاڻي جي عظيم تاريخي ورثي جي فروغ ۾ سندس ڪيل ڪم ۽ خدمتن جو جائزو ورتو آهي.

هيءَ 1952ع جي ڳالهہ آهي جڏهن مان پٽنا يونيورسٽي جي هڪ ڪاليج "بهار نيشنل ڪاليج" جي ٻين سال ۾ پڙهندو هئس ۽ عالمي تاريخ منهنجي نصاب ۾ شامل هئي ان ڪري سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جنهن جي دريافت 20 هين صدي جي اوائل 1922ع ۾ موهن جو دڙو جي کوٽائي سان ٿي هئي، ان جي باري ۾ پڙهڻ کانپوءِ اها ڳالهہ مون کي خبر پئي تہ موهن جو دڙو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي. ائين لاڙڪاڻي شهر جو نالو پهريون ڀيرو منهنجي شعور ۽ منهنجي

ڪنن تائين پهتو. موهن جي دڙي سان گڏوگڏ لاڙڪاڻي جي سياحت جي تمنا ۽ آس بہ 1952ع ۾ عالمي تاريخ جي مطالعي سان پيدا ٿي، اها خواهش ايتري تہ سچي هئي جو پاڪستان ۾ لاڙڪاڻو منهنجو ٻيو وطن بڻجي ويو جنهن کي مان پريم پومي ۽ گيان پومي چوندو آهيان، جتي مون زندگيءَ جا بهترين سال يعني جواني جو دور گذاريو، جتي مون شعور حاصل ڪيو جيڪو منهنجي فڪر ۽ نظر جو سرچشمو آهي. اهو شهر جنهن کان مان چاليهہ سال جسماني طور تي پري آهيان، پر فڪري ۽ روحاني طور تي ان شهر کان هڪ ڏينهن بہ جدا ناهيان ٿيو. ڇو تہ لاڙڪاڻو منهنجي شعور ۽ ضمير جو حصو بڻجي چڪو آهي ۽ هي شهر منهنجي سڀ کان وڏي سڃاڻپ آهي.

لاڙڪاڻو ٻن حوالن سان مشهور رهيو آهي جنهن جي ڪري لاڙڪاڻي جي مڪتبہِ فڪر جي شهرت ان سطح ۽ معيار تي نہ ٿي سگهي جنهن جي اها مستحق هئي، اهي ٻہ حوالا هڪ موهن جو دڙو جي بين الاقوامي سطح تي شهرت ۽ تحقيق آهي ۽ ان تي ٻڌل دستاويز ۽ مقالن جي ريل پيل آهي جنهن جي نتيجي ۾ تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ ۾ سنڌو ماتريءَ جي تهذيب جي منصب ۽ مرتبي جو تعين ٿيڻ ۽ ٻيو حوالو لاڙڪاڻي جي سياسي حيثيت ۽ شهرت ۽ سياسي شخصيتن جو بين الاقوامي ميڊيا تي چرچو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ لاڙڪاڻي جي مڪتبہِ فڪر جو سڄ ڄڻ تاريخ جي آسمان، تهذيب ۽ سياست جي ذڪر ڪيل حوالن جي ڪڪرن جي اوٽ ۾ لڪل رهيو آهي. ان بابت منهنجو مطالعو ۽ ان جي روشني ۾ منهنجي اها سوچيل سمجهيل راءِ آهي تہ لاڙڪاڻي جي ادبي حيثيت ان جي سياسي حيثيت کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ آهي بلڪہ منهنجي ويچهو ان جو پلڙو اجان وڌيڪ ڳرو آهي. ويهين صدي سنڌي ادب لاءِ Renaissance جي صدي آهي. هن صدي ۾ سنڌي ادب جي سڀني صنفن ۾ غير معمولي ترقي ۽ انقلابي تبديليون ڏسڻ ۾ آيون آهن، خاص طور تي شاعري جي دنيا ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعرانہ عظمتن جو وسيع ۽ گهرو ادراڪ ان کي سمجهڻ ۽ ان جي Creative Genius جي حقيقي دريافت جيڪا گذريل صديءَ ۾ ڪيترن ئي استشراقي عالمن (Orientalists) جيئن سورلي، ٽرمپ، شيمل ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪاوشن جي ڪري شاهہ جي شاعري جو سج عالمي ادب جي آسمان تي پوري آب ۽ تاب سان نمودار ٿي چمڪڻ لڳو. جنهن ۾ لاڙڪاڻي جي شاعرن تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ تخليقيت کي هٿي ملي.

لاڙڪاڻي جي مڪتبہِ فڪر جي حوالي سان اهو بيانيو محترمہ مهتاب اڪبر راشدي جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو آئينيدار آهي. لاڙڪاڻو محترمہ جو سڀ کان وڏو حوالو آهي ۽ هاڻي هوءَ خود لاڙڪاڻي لاءِ هڪ وڏو حوالو بڻجي چڪي آهي. مان ڪيس ٽئين عنصر جي حصي طور ڏسان ٿو اهو ٽيون عنصر محترمہ بينظير ڀٽو، محترمہ فاطمہ ڀٽو ۽ محترمہ مهتاب اڪبر راشدي آهي، انهن ٽنهي جي هڪجهڙائي سندن شعور ۽ دانش آهي. سياسي شعبي ۾ محترمہ بينظير ڀٽو هڪ بيمثال حيثيت رکي ٿي ۽ مسلم دنيا جي تاريخ ۾ پهرين چونڊيل وزيراعظم جي حيثيت سان نمايان مقام تي فائز ٿي چڪي آهي. پاڻ پنهنجي سوانح حيات The Daughter of East جنهن تاريخي بصيرت جو اظهار ڪيو آهي ان پسمنظر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هوءَ وسيع مطالعو رکندڙ فڪر ۽ دانش جي منصب تي فائز عورت هئي. محترمہ سان مهتاب اڪبر راشدي جي دوستي ۽ قربت ان ڳالهہ جو اهڃاڻ آهي تہ بينظير ڀٽو علم ۽ دانش سان ڳنڍيل هئي. ڀٽو خاندان جي نئين نسل جي نمائنده محترمہ فاطمہ ڀٽو جنهن جو تعلق پڻ شعر ۽ ادب کان علاوه سندس فڪري جهتون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي شعور جي دنيا سان ملن ٿيون. فڪري وسعت ۽ دانشوري جو اهو سلسلو محترمہ مهتاب اڪبر راشدي تائين پهچي ٿو ۽ ان تناظر ۾ ڪيس ٽيون عنصر قرار ڏيڻ منهنجي ويچهو لاڙڪاڻي جي مڪتبہِ فڪر جي خوشنصيبي جو اعتراف آهي. انهن ٽنهي جي ذهني افق ۾ تمام گهڻي ڳوڙهي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. مطلب تہ دانشوري جو ورثو لاڙڪاڻي خاص طور موهن جي دڙي جي عظمت جو هڪ اڻ ڪٽ جزو آهي ۽ نئين ديري جي سر زمين جي حوالي سان ائين چئي سگهجي ٿو تہ "زمين جو ايترو ٽڪرو آسمان آهي." سنڌ ۾ گذريل اڌ صدي دوران ڪو انقلاب برپا ناهي ٿي سگهيو ۽ سنڌي سماج ۾ انقلابي تبديلين جي شاهدي جي ڪوجنا گهڻي معنيٰ ڪانہ ٿي رکي، پر ارتقائي تبديلي ۽ ترقي جي عملداري سنڌي سماج ۾ وقت سان گڏوگڏ وسيع دائري ۾ وڌندي نظر اچي ٿي. محترمہ مهتاب اڪبر راشدي جي حيثيت هڪ رول ماڊل ۽ لاڙڪاڻي جي نئين نسل جي ڇوڪرين لاءِ خاص حيثيت رکي ٿي. سندس فڪر ۽ شخصيت جي خصوصيت ان جي ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڏسي سگهجي ٿي. مٿي عرض ڪري آيو آهيان تہ محترمہ مهتاب اڪبر راشدي سان غائبانہ ڄاڻ سڃاڻ اڌ صدي کان وڌيڪ وقت تائين آهي، پر گذريل ويهن پنجويهن سالن کان ساڻس مختلف حوالن سان رابطا ٿيندا رهيا آهن ۽ سندس فڪري، علمي ۽ نظرياتي شخصيت جا مختلف پاسا سامهون ايندا رهيا آهن. ويجهڙ ماضي ۾ ابراهيم جويو صاحب جي سئو سالا سالگره جي تقريب ۾ ساڻس ملاقات ٿي. منهنجي نظر ۾ محترمہ جي ابراهيم جويو صاحب جي نظرياتي زندگي ۽ ترقي پسند تحريڪ سان وابستگي ۽ سندس ڪارنامن ۾ ان جي ڪا غير معمولي دلچسپي سندس فڪري ۽ نظرياتي شخصيت جي تفهيم لاءِ وڏي معنيٰ رکي ٿي. روشن خيالي ۽ عقل پسندي تہ خير سندس دانش جي دنيا جا روشن پاسا آهن، پر ڳالهہ ان کان بہ اڳيان آهي. يعني هوءَ هڪ سائنسي فڪر رکندڙ سيڪيولر دانشور آهي، هتي سيڪيولر ازم جي اصطلاح جي حوالي سان وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ مذهبي جماعتون ان مان لا دينيت جو مطلب وٺن ٿيون ۽ بدظني ۽ نفرت پکيڙين ٿيون ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ان ڪم ۾ مصروف آهن. سيڪيولر ازم کي لا دينيت سان ڳنڍڻ عوام جي راءِ کي گمراهي ۾ مبتلا ڪرڻ آهي. ان جو صحيح مطلب هما دينيت آهي، يعني سڀني مذهبن ۽ عقيدن لاءِ احترام وارو نظريو رکڻ. ان ڳالهہ کي ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ پاڪستان جو باني سئو سيڪڙو سيڪيولر جمهوريت پسند مدبر هو ۽ سندس 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير سيڪيولر جمهوري پاڪستان جي منشور جو درجو رکي ٿي


۽ خاص طور تي سندس تقرير جو هي ٽڪرو سيڪيولر ازم جي صحيح معنيٰ آهي:

"Religion Has Nothing to do with The Business of The State" ان تناظر ۾ جمهوريت ۽ سيڪيولر ازم لازم ۽ ملظوم آهن جمهوري رياست جو سيڪيولر هجڻ کانسواءِ ٻيو ڪو حل آهي ئي ڪونہ جيڪڏهن رياست سيڪيولر ناهي ۽ ان جو پنهنجو ڪو مذهب آهي تہ هو پنهنجن انهن شهرين سان جن جو تعلق ڪنهن ٻئي مذهب سان آهي برابري وارو سلوڪ ۽ انصاف نٿي ڪري سگهي. ساڳي صورتحال پاڪستان جي آهي اسلامي جمهوريہ پاڪستان ۾ اقليتي فرقي مان ڪو غير مسلم فرد پاڪستان جو نہ تہ صدر ٿو ٿي سگهي نہ وزيراعظم اها آئيني صورت جمهوريت جي نفي تي وڃي ختم ٿئي ٿي، جيڪا قائد اعظم جي تصور جي ابتڙ آهي.

محترم مهتاب اڪبر جي فڪري ۽ نظرياتي شخصيت جو ان پسمنظر ۾ جائزو ورتو وڃي تہ هوءَ هڪ روشن خيال سائنسي فڪر رکڻ واري سيڪيولر جمهوريت پسند، دانشور جي معيار تي پوري لهي ٿي. سنڌ جي حوالي سان سائين ابراهيم جويو وانگر سندس قومپرستي جو نظريو بين الاقواميت يا آفاقيت سان ٽڪراءُ ۾ ڪونهي. هتي اهو چوڻ بہ ضروري آهي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سان جيڪا عقيدت سائين ابراهيم جويو کي ملي ساڳي عقيدت محترم کي بہ آهي. لطيفي فڪر ۾ سنڌ سان عشق پوري ڌرتي سان عشق جو تعلق شرط آهي، شاهہ جو فڪري ورثو سنڌي ثقافت جو خاص ورثو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ شاهہ کي سنڌ ۽ سنڌ کي شاهہ سڏيو وڃي ٿو.

سندس دانشوري ۽ عالمي بصيرت جي فروغ ۾ لاڙڪاڻي جي مجموعي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي شعبن ۾ غير معمولي شخصيتن جي ڪارنامن ۽ تحريڪن سان آگاهي جو ڪردار جاچي سگهجي ٿو. سياسي شعبي ۾ جيڪي شخصيتون تاريخ جون حصو بڻيون انهن جو بيان ٿي چڪو آهي. هڪ اهم تحريڪ جنهن ۾ هن شهر جو اهم ڪردار رهيو اها هئي "هاري تحريڪ" ان تحريڪ جي سڄي سنڌ ۾ وڏي اهميت آهي ۽ ان جي اثرن کان سيئي ماڻهو واقف آهن. منهنجو ڪتاب "لاڙڪاڻہ کي چهار درويش" ۾ جن شخصيتن جي خدمتن ۽ ڪردار جو بيان ٿيل آهي ان ۾ ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ مولوي نظير حسين جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ڪان علاوه ٻين شخصيتن جو بيان بہ درج آهي. محترم انهن شخصيتن کي نہ صرف ڏٺو پر انهن جي ڪردارن ۽ ڪارنامن کان چڱي ريت واقف آهي. هوءَ نظرياتي طور انهن کان ڪيترو متاثر هئي اهو هڪ ڌار موضوع آهي، پر انهن جي قدر ۽ اهميت کان هوءَ ڪيئن ٿي انڪار ڪري سگهي انهن کان نظرياتي فاصلي هجڻ باوجود لاڙڪاڻي جي حوالي سان انهن شخصيتن جي تاريخي اهميت آهي. سندس جهڙي سمجهہ رکندڙ خاتون خود کي انهن سيني کان ڌار نٿي ڪري سگهي منهنجي ويچهو ان شيءِ جو تصور ڪرڻ بہ ممڪن نہ آهي.

محترم مهتاب راشدي کي ذڪر ڪيل ٽن عنصرن (شهيد بينظير ڀٽو، فاطمہ ڀٽو ۽ مهتاب اڪبر راشدي) جو رڪن قرار ڏنو اٿم. ان تناظر ۾ توقع ٿي ڪجي تہ هوءَ بہ پنهنجي سوانح عمري لکي انهن ٽن عنصرن جي ذمري ۾ شامل ٿي ويندي. واضح رهي تہ محترم جي سوانح عمري دراصل جڳ جو داستان، هڪ عهد جو داستان ۽ همعصر سماج جو داستان هوندو. جيڪا ڳالهہ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو. ڇو تہ مان سندس وسيع مطالعي کان بي خبر ناهيان. سندس تعليم جي شعبي سان وابستگي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي بين الاقوامي معاملن جي شعبي ۾ بہ سندس ڪارڪردگي مثالي رهي آهي. صوبائي محڪمن جي سيڪريٽري شپ خاص طور اطلاعات جي شعبي ۽ ثقافت ۾ سندس ڪارڪردگي جو اڄ بہ مثال ڏنو ويندو آهي انهن منصوبن سان سندس وابستگي جي ذريعي چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ ايوان اقتدار جي منظر نامي کي ٻين تائين پهچائي سگهي ٿي. ان کان علاوه سندس ثقافتي ۽ سماجي شعبي ۾ سندس غير معمولي ڪارڪردگي جو علم بہ ٻين وانگر مون کي بہ آهي. انساني تهذيب ۽ تمدن جي ارتقا جو سفر سندس مطالعي جو حصو رهيو آهي ۽ ان حوالي سان هوءَ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جي عظمت جو ڀرپور شعور رکي ٿي. سنڌ جي وادي جي تهذيب جي قدامت ۽ عظمت جي فخر جو ميسوپوٽاميہ ۽ مصر جي تهذيب جي تاريخي پسمنظر ۾ جڏهن اظهار ڪريون ٿا تہ موهن جي دڙي جي حوالي سان لاڙڪاڻي جي مڪتبہءِ فڪر جي عظمت جو نقش پڻ ذهن ۾ ابري اچي ٿو. ويجهڙائي ۾ ٿيل تحقيق جا تفصيل روزاني ڊان ڪراچي ۾ شايع ٿيا جن جي مطابق سنڌ جي وادي جي قدامت 5500 سالن کان وڌيڪ ٿي ڪري 8000 سالن تائين پڪڙيل آهي. ٻين لفظن ۾ ميسوپوٽاميہ ۽ مصري تهذيب تي بہ ان کي فوقيت حاصل ٿي رهي آهي. سنڌو ماٿريءَ جي قديم تهذيب جا اهڃاڻ هتان جي فڪر ۽ دانش رکندڙن جي شخصيتن تي بہ نقش آهن. اهي نقش محترم مهتاب اڪبر راشدي جي گهڻ پاسائي شخصيت ۾ نمايان نظر اچن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ محترم جي فڪر ۽ دانش جي دنيا تائين رسائي ان ڪتاب جي صورت ۾ ٿي سگهندي جنهن جي روشني ۽ رهنمائي ۾ ڪتاب پڙهندڙ سنڌ جي عظيم ورثي کي سمجهي سگهندا. ساڳي ئي وقت همعصر انساني معاشري يعني گلوبل وليج جي هر وقت بدلجندڙ صورتحال کي بہ ڏسي سگهندا. محترم جي زندگي مسلسل جدوجهد سان ڀريل آهي. جنهن ۾ ڪيس سماجي ۽ سياسي للڪارن کي منهن ڏيڻو پيو آهي، پر انهن مسئلن سان گڏ ڪيس خوش قسمتي سان وسيلا بہ ميسر رهيا آهن. دنيا ڏسڻ جي موقعي سان ڪيس نئين ۽ پراڻي دنيا کي بہ ويجهو کان ڏسڻ ۽ مشاهدو ڪرڻ جو بہ موقعو مليو آهي. اهو سڀ ڪجهہ حياتي جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي جيڪا ڪانئس گهر ڪري ٿي تہ هوءَ پنهنجون يادون، ڳالهيون، مشاهده ۽ تجربا پنهنجي سوانح عمري ۾ لکي سماج کي واپس موٽائي جيڪو



ڪيس سماج عطا ڪيو آهي جنهن تي اسان سندس شڪرگذار رهنداسين. منهنجي ويجهو هوءَ لاڙڪاڻي جي مڪتبہءِ فڪر جي ڪهڪشان جو هڪ روشن ستارو آهي.

**سنڌيڪار: زاهده ابڙو**

# ڊاڪٽر قدوس شيخ جي ياد ۾

**عبدالنبي سومرو**

دوست جڏهن گهرا ٿي ويندا آهن ته اهي پائرن جهڙا ٿي پوندا آهن ۽ پائر جڏهن گهرا ٿي پوندا آهن ته دوست لڳندا آهن. ڊاڪٽر عبدالقدوس شيخ منهنجو پائرن جهڙو دوست، پرين پيارو، هڏ ڏوکي ۽ وڻندڙ شخصيت جو مالڪ هو.

سورهن سال اڳ لياقت لائبريري ڪراچي جي ريڊر هال ۾ هڪ ٽيبل تي هڪ وڻندڙ ڪتاب رکيل هو، ڪتاب جو مالڪ نه ڏسي مان ڪتاب کنيو ۽ پڙهڻ لڳس، ٿوري دير کانپوءِ پينٽ ۽ شرٽ پهريل هڪ ڇوڪرو ان هنڌ اچي ويٺو جتان مان ڪتاب کنيو هو، ڪتاب نه ڏسي هن هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ شروع ڪيو، اهو ڏسي مان ڪتاب هٿ ۾ کڻي هن کي ڏيکاريو ته مون وٽ آهي، هن به اشاري سان چيو ته پلي رک پاڻ وٽ. لائبريري جي ريڊنگ روم ۾ ڏاڍي سانت هوندي هئي. ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي تڏهوڪي پرنسپال محمد يوسف شيخ جو حڪم ته Pin Drop Silence مون کي هن لائبريري ۾ سمجهه ۾ آيو هو. مان لاڳيتو ٽي ڪلاڪ هي ڪتاب پڙهيو هو. لائبريري رات جو نائين وڳي بند ٿيندي هئي. هو ساڍي ستين وڳي اٿي بيٺو ۽ اشاري سان ڪتاب گهريائين مان به ٻاهر نڪتس تعارف ٿيو ۽ ان پهرين ملاقات ۾ ئي سنگت ٿي وئي. واپسي ۾ مني بس X 24 ۾ ويهي گلستان جوهر آياسين، مان رابعه سٽي وٽ لٿس ۽ هو پهلوان ڳوٺ هليو ويو.

ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو، ڪچهريون، علمي بحث، ڪتابن جي ڏي وٺ، مطلب ته ڏاڍي گهري دوستي ٿي وئي.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو، گهر ڪراچي ۾ هئس ته بس ۾ ڏينهن لاڙڪاڻي، ٻه ڏينهن پنڌ ۾ ته چار ڏينهن ڪراچيءَ ۾ گذاريندو هو. هڪ دفعي چيومانس ڊاڪٽر تنهنجي ڪري ڪراچي، لاڙڪاڻو ڪوچن ڪرايو وڌائي ڇڏيو آهي، ڪلي پيو هو.

چيائين، "حڪم ڪر پنڌ ايندا سين اڳتي لاءِ." قدوس سان ويجهڙائيءَ جو هڪ قدرتي سبب اهو به هو ته هن جا وڏا بنيادي طور تي منهنجي ناناڻي ڳوٺ صدر جي پٽين (تعلقي ڪنگري) جا هئا، جيڪي پوءِ خيرپور جي مير علي بازار واري علائقي ۾ وڃي ويٺا. هن جي چانڊڪا ۾ پڙهڻ دوران مان ٻه ٽي ڀيرا هن وٽ وڃي ترسيو به هئس ۽ هو مون سان هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ به هلي رهيو هو. اسان ڳوٺ آيل مهمان کي رتيديري يا ڊکڻ (ڊکٽي) ضرور وٺي ويندا هئاسين. قدوس کي ڊکٽي عَلَمَ جي پرسان فالودو ملائي به کارايم، وٽيس ته چيائين "ٻيو به کائيندس."

پڇومانس "ملان آهين ڇا جو مٺو ايترو ٿو وٽئي"؟

چيائين، "اها هڪ سنت ضرور پوري ڪندو آهيان"

مان C.S.S جي پهرين امتحان ۾ فيل ٿي روزگار جا ٻيا ذريعا تلاش ڪري ورتا هئا ۽ هن پنهنجي M.B.B.S پوري ڪري هڪ ٻن اسپتالن ۾ پارٽ ٽائيم جاب شروع ڪئي ان سان گڏ دارالصحت اسپتال جي ڪاليج ۾ پڙهائڻ به شروع ڪيائين. روزي ۽ نماز جو پابند ته اڳ ۾ ئي هو، وري ڏاڙهي به وڌائي ڇڏي هئائين. پنهنجي ڪلينڪ کولڻ لاءِ جڏهن مون سان صلاح ڪرڻ آيو ته چيومانس، "مان ته امتحان ۾ فيل ٿيس تون ته ايتري محنت کانپوءِ به هڪ دفعو امتحان ۾ نه وينئين، هڪڙو attempt ڏئي پوءِ ڪلينڪ رکو."

منهنجي ڳالهه دل سان لڳي هئس 2009 ۾ C.S.S جو امتحان پهرين attempt ۾ ئي پاس ڪري پاڪستان ڪسٽمز سروس ۾ منتخب ٿيو.





مون سان ملڻ آيو، مٺائي ساڻ هئس. ڪچهريءَ دوران چيائين، ”تون ڇو پنهنجي محنت وڃائي خوش لڳو وينو آهين. هڪ دفعو ٻيهر امتحان ڏي ضرور پاس ٿي ويندين. جيڪڏهن مان پاس ٿي سگهان ٿو ته تون ڇو نه“؟

ٻئي سال يعني 2010ع ۾ مان فارم ڀريو، هن به ٻيهر امتحان ڏيڻ لاءِ فارم ڀريو. سيٽ نمبر به گڏ لڳا هئا ڇو ته الفابيٽيڪل آرڊر تقريبن ساڳيو هو. امتحان ڏيڻ لاءِ گڏ ويندا هئاسين سنڌ ٽي. وي جي پروگرام نئين ٿهي جو ميزبان لطيف گاد به گڏ هوندو هو. منهنجي ڪار ۾ هو موسميات جي اسٽاپ وٽ ويهندو هو ۽ لطيف گاد نيپا جي ڀرسان.

خوش قسمتيءَ سان مان پاس ٿيس ۽ قدوس ٻيو دفعو پاس ٿيو. چيائين، ”يار ڀل ته پاڪستان جو هن امتحان ۾ نتيجو پنج سيڪڙو هجي پر تو واري ڪار جو 66.33 آهي.“ هر وقت ڪلندڙ مسڪرائيندڙ ماڻهو هو قدوس.

الائي ڪهڙا درد ڪٽي ويو. هن جانورن جي سماج ۾ هڪ سنو، سهڻو، سلڇڻو دوست، ڀلو ياءُ، وٽندڙ وَرُ، پيار ڪندڙ پيءُ ۽ انتهائي فرمانبردار پٽ هو. ويجهي ماضي ۾ قدوس جي گهر جڏهن به ويندو هئس ته ننڍڙو حسيب دروازي تي ايندو هو. ڏسي معصوميت وچان اعلان ڪندو هو، ”اڙي هو پارس جو پپا آيو آهي.“

اوطاق واري ڪمري ۾ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندا هئاسين. هن جا ٻار ٽينگ ٽپا ڀندا هئا ۽ واري واري سان پنهنجا رانديڪا ڏيکاريندا هئا. ياڃائي وري واري واري سان ڪجهه نه ڪجهه ٺاهي يا پچائي موڪليندي هئي، خبر ئي نه پوندي هئي ڪڏهن شام ٿي ۽ وري ڪڏهن رات.

ٻه سال اڳ ڪراچيءَ ۾ سيءُ پيو هو، مون گهر واري تگاريءَ ۾ باهه ٻاري، ٻاهر اڱڻ ۾ ويٺاسين. چيائين، ”يار لڳي ائين ٿو ته ڄڻ اسان سيءَ جي ڪري باهه تي نه ويٺا آهيون، پر باهه جي ڪري سيءُ ۾ ويٺا آهيون.“ ڇا ته ماڻهو هو، موتيءَ داڻو هو ۽ داڻي جيان تسبيح مان ڪري پيو.

ڪوئيٽا بدلي ٿيس، ٻئي ڏينهن تي هليو ويو، فون ڪري چيومانس ته ٻڌائي به نه وئين چيائين ياءُ ڪوئيٽا وري ڪهڙو پري آ سڏ پنڌ تي آهي. توڪلي ماڻهو هو سڀ شيءِ قدرت طرفان سمجهندو هو، هر مسئلي ۾ چوندو هو ”الله سٺائي ڪندو.“

گذريل عيد جي ٻئي ڏينهن تي ٻارن سوڏو آيو. حسيب، عشل، حسان گاڏي مان لهي پارس جو پپا ڇئي مون کي چنبڙي پيا. خشڪ ميوو آندو هئائين جيڪو اڃان تائين به ڪجهه پيو آهي، ڪيئن کائون نڙيءَ مان ڪيئن لهندو.

رمضان جي عيد کانپوءِ اسڪول جي موڪلن جي ڪري ٻچڙا ساڻ وٺي ڪوئيٽا ويو. هڪ دفعو فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي چيومانس، مسرور مينگل جي پارٽ اٿئي. پڇيائين، ڪهڙو؟ مان چيومانس، انسپيڪٽر آهي تو وٽ. چيائين، حاضر ياءُ حاضر.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مسرور حادثاتي طور تي گولي لڳڻ جي ڪري گذاري ويو، ڏاڍو ڏک ٿيو هئس. مسرور کي ڪٽائي ڪرم خان بروهي ڳوٺ ۾ وڃي پهتو هو. ڏک سک ۾ دوستن سان بيهڻ وارو ۽ پير ڪٽڻ وارو ماڻهو هو.

منهنجي هڪ دوست محسن ڀٽي ٻڌايو ”عيد تي ڊاڪٽر قدوس کي فون ڪيم، خوش خير عافيت کانپوءِ چيائين، ”مون ڏانهن اشارو ڪري، تون اسان جي پيارن جو پيارو آهين ته اسان کي به پيارو آهين.“

ايتري رک رکاءُ ۽ مان ڏيڻ واري قدوس جو ائين وڃڻ ٺهي نه پيو. ملڪ ۽ قوم جو احساس رکندڙ ماڻهو هو. چوندو هو ته جيڪو غريب ماڻهو پنڻ تي مجبور آهي ان ۾ اسان سول سرونٽس جو به ڏوهه آهي. اسان سچائي سان ڪم نٿا ڪيون. ان فرض شناسي هن کان جان ته کسي، پر جام شهادت ڏنو. هاڻي هو ڊاڪٽر قدوس نه پر شهيد ڊاڪٽر عبدالقدوس شيخ سڏبو ۽ ان جا ٻار شهيد جو اولاد.

مان پنهنجي دل ئي دل ۾ اهو پيو سوچيان ته جڏهن سندس ٻار مون کان پڇندا ته، ”پارس جا پپا اسان جو پپا ڪٿي آهي؟“ ته مان ڇا جواب ڏيندس، ڪهڙو دلاسو ڏيندس، ڪهڙي آٿت ڏيندس، جهري پوندس، مرڻ جهڙو ٿي پوندس، ڪڇي ڪونه سگهندس، ڏسي ڪونه سگهندس، پر مان هنن سان ملندو رهندس ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيندس جيسين جيئرو آهيان جهان ۾.

# ويچ ۾ ٻُڪِي ڏي آلا ڇَڳِي ۾ ٿِيان!

**راشد شر**

جڏهن ڪو جاندار جنسي عمل کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ سُتت جنسي قوت کان ٿڪجي پنهنجي جسماني جنسي ڪيفيت ۾ ماٺار آٿي پاڻ چنڊيندو آهي ساڳئي طرح هڪ مريض به بيماريءَ جي مڪمل علاج ڪرڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر ڏانهن دوا لاءِ ناهي ويندو ڇو ته هن جو ڊاڪٽر ۽ دوا سان واسطو ايستائين هوندو آهي جيستائين هن جي طبيعت کي ڊاڪٽر ۽ دوا جي ضرورت هوندي آهي نه ته ڪير به بنا مرض جي ڊاڪٽر ڏانهن ناهي ويندو.

انسان ڪان ويندي هي سموري فطرت تضادن جي جدلياتي قانونن اندر پنهنجون سرگرميون ڏيکاري ٿي ڇو ته هن ڪائنات ۾ فطرت جي ڪا معنيٰ تڏهن ئي نڪري ٿي جڏهن ڪائنات اندر فطرت جي تضادن کي پڙهجي ٿو. ڇو ته فطرت ۽ هن سماج جي اندر هر مادي شيءِ جي لقائن ۾ ڪو نه ڪو تضاد ۽ وحدت شامل آهي جيئن ڪڙاڻ جو ميٺاج، ڏينهن جو رات، پاڻيءَ جو باهه، ظالم جو مظلوم، سچ جو ڪوڙ وغيره جهڙا انيڪ دلچسپ ڪائنات جي لقائن ۽ فطرت جا تضاد نظر اچن ٿا جن تي سوچڻ، ڳالهائڻ ۽ لکڻ سان دلچسپ سوالن جي جوابن منجهان ٻيا ڪيترائي دلچسپ سوال پيدا ٿين ٿا.

تضادن جي جدليات، فلاسافي جو اهڙو علم آهي جيڪو پوري ڪائنات ۽ فطرت جي لقائن کان واقف ڪري انهن کي پرکڻ جو موقعو ڏئي ٿو.



جيئن تضادن جي دنيا ۾ ڪڙاڻ ۽ ميٺاج آهي ته انهن جو به تضاد آهي ڇو ته جيستائين ميٺاج جي معنيٰ يا وجود نه هوندو ايستائين ڪڙاڻ جو ڪو به پتو نه پوندو يا ايئنءَ ڪٽي چئجي ته ڪڙاڻ جو تعلق ميٺاج سان لازم آهي ۽ ان جي سڃاڻپ هڪٻئي جي تضادن ڪانسواءِ ناممڪن ۽ اڻپوري آهي.

عام زندگيءَ مان نڪري جڏهن پيچيده زندگيءَ ڏانهن ليئو پائي عشق، ادب ۽ آرٽ جي دنيا کي ڏسون ٿا ته هتي وري قصو ئي ٻيون آهي. هن دنيا ۾ ادب آرٽ جي عشق جو امام آهي ۽ ان عشق جو وري جيڪو معراج آهي اهو حد کان گهڻو ايذاءُ آهي.

هونئن ته عشق جو ٻيو نالو ايذاءُ آهي، پر ان عشق جي جيڪا تخليقي صورت ادب آهي ان جي هڪ الڳ سڃاڻپ ان ڪري به آهي جو ادب ڪِولِ جهڙي ننڍڙي جيت جي چيپاٽجڻ جي ان گمنام دردن ڏانهن کي به احتجاجي صورت ۾ آسمان جي بلندين تائين سوڳوار نوحي جي روپ ۾ پهچائي پوري ڪائنات جي ڪنن جا پردا ڦاڙي اتم ڪري ڇڏيندو آهي.

پوري دنيا جي اندر آرٽ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جنهن ۾ پهريون حصو جسماني محنت ۽ ٻيو حصو ذهني محنت يا ذهني آرٽ جو آهي.

هونئن ته ذهني آرٽ جو به سڌو ۽ اڻ سڌو تعلق جسم سان ٿئي ٿو، پر انهن ٻنهي محنتن کي ڌار ڌار شڪل ۾ ورهائڻ ان ڪري به ضروري آهي جو ذهني قوت جي ۽ جسماني قوت جي محنتن جي هڪ الڳ سادي ۽ پيچيده شڪل جڙي ويندي آهي. فطرت جي ارتقا کان وٺي هيل تائين هن دنيا جا هي سمورا لقاءُ فطرت کان ٿيندي جاندارن جي جسماني قوت جي محنت رهيا آهن. ساڳئي طرح دنيا اندر جڏهن کان علم، عقل، شعور ۽ ساڃاهه جي پيداوار ٿي آهي ان وقت کان ذهني محنت يعني ادب آرٽ جو جنم ٿيو آهي، جنهن ذريعي نه صرف هن سڄي دنيا ۽ فطرت جي اڻ گهڙيل رنگن ۾ اجان وڌيڪ سونهن اوتجي وئي آهي، بلڪ پوري دنيا جي ڪک پن کان ٿيندي انسانن، جانورن، پکين، جيتن جي ڏکن سکن ۽ ڪيفيتن جو رنگ شاعري، نثر، منطق ۽ فلسفي جي بحث هيٺ آيو آهي.

جيڪڏهن اسان کي ادب، آرٽ ۽ عشق کي آسان لفظن ۾ سمجهڻو آهي ته شاهه جو رسالو ڪڇ ۾ ڪري لطيف جي ٿيهن ئي سُرن کي سيني سان لائي لطيف جي شاعريءَ کي پڙهي ان کي ساڃاهه سان سمجهڻو پوندو.

لطيف جي شاعريءَ ۾ سوشل سائنس جي ٻي انت جمالياتي رنگن جا ايترا ته سنجيده ۽ پرجوش موضوع ملندا جيڪي دنيا جي ٻي ڪنهن به شاعري توڙي نثر ۾ ملي نه سگهندا.

ان ڳالهه مان اهو به مقصد نٿو ڪڍي سگهجي ته ڪو لطيف پهريون ۽ آخري دنيا جو فلاسافر آهي جنهن جي فڪر ۾ هيءَ ڪل ڪائنات اوتيل آهي، بلڪ دنيا جي ڪا اهڙي ننڍڙي ڪنڊ واندي ناهي جتي ٿوري تعداد ۾ دنيا، سائنس ۽ فلسفي جو علم رکندڙ دماغ ۽ انهن جا فلسفياڻا ڪتاب ۽ ڪارناما نه هجن بلڪ لطيف جهڙن دنيا جي ڏاهن جون اهڙيون سوين لکڻيون نظر انداز ڪرڻ جهڙيون ناهن.

جن ۾ "قرآن شريف" انساني ڀلائيءَ جي پيغام لاءِ لاثل مقدس ڪتاب، انساني تاريخ، فطرت، سماج، انقلاب، جدليات ۽ سوشل سائنس جي روح ڪارل مارڪس جو "سرمايو"، فريڊرڪ اينگلز جو سماجواد، لينن جون عظيم لکڻيون، هيروڊوٽس جي تاريخ، دنيا جو سڀ کان طويل شعري مجموعو "ڀڳوت گيتا"، مغربي فلسفي جي ابي افلاطون جا مڪالما، ارسطو جو اخلاقيات، ورجل جو لکيل

ڪلاسيڪي روم جو عظيم جنگ نامو "اينيڊ"، سر ٿامس مور جو "يوٽو پيا"، پلوٽارڪ جو "لائيوز"، ٿامس ڪارلائل جي عالمي تاريخ 1789ع وارو "فرانسي انقلاب"، مئڪسم جو ناول "ماءُ"، روميءَ جي مثنوي ڀڳت ڪبير جي شاعري سميت اڻ ڳڻيون علمي، فڪري لکڻيون ۽ عظيم ذهنن جا عظيم پورهيا دنيا جي تاريخ، ادب ۽ لائبريرين جي ورقن جو سينگار بڻيل آهن.

دنيا جي ان ڏکي دانشوراڻي سلجهيل صف جي عظيم ذهنن مان لطيف جي سڃاڻ ان ڪري بہ الڳ آهي جو هن ٻين فلسفين جيئن پنهنجي ڪلام جو هڪ اڌ موضوع ڪٽي پنهنجي سچي نظريي فڪر جي هڪ سٽ ۾ پوري انساني تاريخ اوتڻ بجاءِ لطيف پنهنجي هرهڪ سر ڪان ويندي هڪ هڪ سٽ ۾ دنيا جي انيڪ رنگن جي الڳ الڳ موضوعن تي الڳ الڳ بحث ڪري تاريخ، فطرت، عشق ۽ انقلاب کي پنهنجي تخليقي اڏام سان معراج تي پهچايو آهي.

شاهه لطيف کان ويندي ڪبير، رومي، خيام، رودڪي، شيڪسپيئر، اقبال، فيض، ٽئگور، مئڪسم جهڙن اديبن جون جڏهن لکڻيون شاعري توڙي نثر ۾ پڙهجن ٿيون تہ هنن وٽ ڪمال درجي جو اذيت ناڪ ادب عشقيہ ڪهاڻين جو مواد ملي ٿو جنهن کي پڙهڻ ڪانپوءِ باقي سرجڻهارن جي ٻين ڏند ڪٿائي لکڻين ڏانهن واجهائي ڏسجي ٿو تہ هنن وٽ ان عشقيہ سورن سان ڀريل لکڻين ڪانسواءِ واريون لکڻيون مڙئي وقت جو پورائو ۽ سليماني چانهہ مثل آهن.

ڇو تہ حقيقي آرٽ جي چاش ۽ مقصد جو مزو آهي ئي درد، تڙپ، شوق، دلچسپي ۽ عشق جي انتها منزل جي طلب سان گڏ سورن مان سڪون وٺي مسلسل اذيت کي سيني سان لائڻ.

اذيت جي رت مان ٽمي نڪتل ادب جهڙي ئي هڪ اذيتناڪ پکيءَ جي قصي بابت اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي پلوڙ ليکڪ بدر ابڙو پنهنجي جيل ڊائري "آهيڙين جي اک ۾" هڪ پکيءَ جو ذڪر ڏاڍو دلچسپ ڪيو آهي.

Thoru Bird، هڪ روايتي پکي آهي جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ صرف هڪ دفعو ڳائيندو آهي، ايترو سٺو دنيا جي ڪا بہ مخلوق ڳائي نٿي سگهي. هي پکي جڏهن اڏامڻ لائق ٿيندو آهي تہ هو پنهنجو آکيرو ڇڏي، ڪنهن ڪنڊائين وڻ جي تلاش ۾ نڪرندو آهي، تيستائين سک نہ ايندو اٿس جيستائين اهو نہ ڳولي لهي.

پوءِ هو ان ظالم ۽ ڪنڊائين ٿارين جي وچ ۾ وچڙندو ۽ ڳائيندو آهي. ڳائيندي ڳائيندي هو پاڻ کي سڀ کان ڏکي، تيز ۽ اڀي ڪنڊي جي مٿان ڇڏيندو آهي ۽ ڪنڊو سندس جسم ۾ کُھڙي ويندو آهي. هو مرندي مرندي پنهنجي اذيت منجهان سرور وٺي تنواريندو آهي ۽ دنيا جي سڀ کان پياري گيت کي جنم ڏيندو آهي.

هاڻ پاڻ جيڪڏهن صرف ان پکيءَ جي ان اذيت سان ڀريل مٺڙي ترنم کي گهوري ڏسنداسين تہ ان جي ٻوليءَ جي جماليات ۾ جيڪا بہ خوبصورتي آهي اها هن جي نہ پر سندس درد ۽ اذيت جو نڪتل آواز آهي.

دنيا جو ڪوبہ اهڙو ادب ناهي جيڪو اهڙي پيڙاءُ مان نہ نڪتو هجي جيڪڏهن ماضيءَ جا ڪجھ ڏند ڪٿائي من گهڙت کي لوڪ ادب جا قصا ملي بہ وڃن تہ انهن جي چس ۽ حقيقي مفهوم حقيقي تجرباتي درد ڪانسواءِ هوا ۾ لٽ هڻڻ مثل نظر ايندا ۽ هڪ مدي خارج بورنگ لکڻي طور چڻ مٽي جو سور پيا لڳندا.

لطيف وٽ انهن سمورين روايتي لکڻين کان هٽي هڪ اهڙو آرٽ، اذيت، عذاب ۽ عشق جي آتش جهڙي ٻني ۾ ٻرندڙ ٽانڊن جو ذخيرو آهي جنهن جي تپش جا اُلا جهڪڻ رڪجڻ ۽ ٽڪجڻ جو تہ نالو ئي نٿا وٺن.

**جُئان گهڙي تِئان گهيڙُ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪُوڙيُونِ،**
**ڏَمَ سين جُسو ظاهِرا، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ،**
**سا نَدِي پانئي نيڙُ، جَنهِنڪي سِڪَ ساهَڙَ جِي.** (سُر سهڻي)

***

**جُئان وَهي تِئانِ واتَ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوڙيُونِ،**
**جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙَ نہ پُڇَنِ گهاٽَ،**
**جن کي عِشقَ جِي اُساتَ، سي واهُڙَ پانئِينِ وِڪڙِي.** (سُر سهڻي)

لطيف وٽ منزل جو گهيڙ ان عشق جي سيني مان گذري ٿو جيڪي باهہ جي اڙانگهي نہ ڪٽندڙ جستجو واري واٽ مان گذري جنهن تي پنڌ ڪرڻ سان دلي سڪون ۽ عشق جي معراج جي پڪ ٿئي ٿي تہ عشق اهو جنهن ۾ جستجو هجي، عشق اهو جنهن ۾ ڏک ۽ اڻٽڪ صدما هجن.

**سَڏ ائِتي سَيَڪا، ٻُڪَ نہ ٻاسي ڪا،**
**جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا،**
**مون سين هلي سا، جا جِيِّ مِٺو نہ ڪَري.** (سُر سسئي آبري)

هي لطيف جو ڪمال تہ ڏسو جنهن ۾ هو سيني نام نهاد انقلابين، عاشقن، ڏڄڻن ۽ سست ماڻهن کي آئينو ڏيکاريندي چوي ٿو تہ سڪون سان ڪُٽي ڪائڻ لاءِ سڀ فقير تاڙيو وينا آهن يا وري اهڙا نام نهاد انقلابي سوشلسٽ سماج سڌارڪ جيڪي سک سڪون واري جدوجهد ۾ انساني سماج جي آزاديءَ جي گهر ڪن تہ ٿا، پر انهن جي ذات اذيت کان اڻ واقف آهي اهي لطيف جهڙن ڪاهوڙي انقلابين سان نٿا هلي سگهن لطيف ۽ ان جي ڪاهوڙي ڪردارن سان صرف اهو ڪردار هلي سگهندو جيڪو پنهنجو جيءُ مٺو نہ ڪندو جنهن کي پاڻ کان وڌيڪ اهڙي محبوب ۽ منزل جي تڙپ هوندي جنهن ۾ ڏک ئي ڏک هجن، جدوجهد ئي جدوجهد هجي، عشق جا اُلا هجن، اذيت جو روج هجي، تڙپ هجي، تلاش هجي، سڪ هجي، درد هجي، دانهون هجن، پرين هجي.

ها جيڪڏهن دنيا جي حقيقي آرٽ ۽ عشق جي معراج جي فلسفي جي پرک ڪرڻي هجي تہ لطيف جي هن آرٽ مان اندازو لڳائي عشق، ادب ۽ فلسفي کي سمجهي سگهجي ٿو، جنهن ۾ لطيف هڪ اهڙي عشق اذيت جي ڳالهہ ٿو ڪري جنهن ۾ عشق ذريعي صرف پرين ۽ پنڌ جي پچار هجي هڪ اهڙي زندگي جنهن ۾ پرينءَ جي پنڌ جا پيچرا، تڙپ ۽ اذيت سان ڀريل هجن، هٿن پيرن سميت جسم وڍيل، چيريل ۽ چچريل هجي، جنهن جو علاج ڪرائي خاموش پرسڪون زندگي گذارڻ بجاءِ تڙپ مان اذيت مان سڪون حاصل ڪري عشق منزل ۽ انقلاب جي معراج کي ان آسري تي رسي سگهجي ٿو تہ حقيقي عشق انقلاب آهي ئي ڏکن، ڏوجهرن ۽ اذيت سان ڀريل زندگيءَ ۾.

ڇو تہ جيڪڏهن عشق جي واٽ تي پرينءَ کان وڌيڪ جسم مان هٿن پيرن مان ٽمندڙ رت ۽ زخمن کي ڏسي پنهنجي بچاءُ جي علاج ۾ محو ٿي وڃبو تہ ڪڏهن بہ پرينءَ جي اوکي ڏور پنڌ ڏانهن پهچي نہ سگهبو نہ ئي وري پوءِ اهڙي حالت ۾ ڪو پرين پڇڻ ايندو.



**ويچَ! مَ ٻُڪِي ڏي! آلا چَڱِي مَ تِيان!**
**سَڃَڻُ مانَ اَچي، ڪَرَلاهُو تِي ڪَڏِهِين.** (سُر يمن ڪلياڻ).

حصو پنجويھون

# لوئر ميوزيم ۾ مونا ليزا سان ملاقات

اعجاز منگي

لوئر ميوزيم ۾ سنگتراشي جو ڌار هڪ حصو هو جنهن ۾ شروعات ۾ تہ صرف 100 بت هئا، پر پوءِ انهن جو انگ وڌايو ويو. جنهن ۾ مائيڪل اينجلو جو ”مرندڙ غلام“ ۽ ”باغي غلام“ شامل ڪيا ويا. وقت گذرندو پيو وڃي ان لاءِ سوچيو تہ وڌيڪ هتي ترسڻ مناسب نہ ٿيندو لوئر ميوزيم جا ٻيا حصا بہ ڏسڻ گهرجن. رش وڌندي پئي وڃي شديد سيءُ هوندي بہ ماڻهن جا هجوم گڏ ٿي ويا هئا ان لاءِ وقت وڃائڻ ڪانسواءِ پهريان ان حصي ۾ ويس جتي ڪليسا ڪان مجسما ڪسي هڪ وڏي ڊگهي هال ۾ رکيا ويا هئا. انهن مجسمن ۾ گهڻا درويشن جا هئا جنهن کي انگريزي ۾ Saint چون ٿا. عيسائيت ۾ سينٽ انتهائي اعليٰ درجو جو متقي ۽ پرهيزگار ٿئي ٿو. اسلام ۾ ان کي ولي، هندو مت ۾ رشي ۽ ٻڌ مت ۾ ارهت چئي سگهون ٿا، يهوديت ۾ ”Tzadik“ صادق چون ٿا. صادق عربي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پرهيزگار چون ٿا عربي ۾ ڪافي لفظ عبراني ٻوليءَ جا آهن درويشن جا مجسما سون جي تعداد ۾ قطار ۾ پيل هئا سوين سال پراڻا هجڻ جي ڪري انهن مان اڪثر ڪارانجي چڪا هئا ۽ ڪن جون وري يا تہ ٻانهون ڀڳل هيون يا سندن ٽنگون، پر انهن جو تعداد ٿورو هو. اڪثر اهڙا هئا جيڪي بلڪل صحيح سلامت هئا ڪيترو نہ پنهنجي ورثي سان پيار ڪن ٿا.

مون کي هڪ اطالوي دوست ٻڌايو تہ اسان مان اڪثر چرچ ناهن ويندا، پر پوءِ بہ چرچ سان محبت ڪيون ٿا. ان محبت جو بنياد عقيدت ناهي، پر آرٽ ۽ ڪلچر سان محبت آهي. فرانسيسي بہ پنهنجي آرٽ ۽ ڪلچر سان محبت ڪن ٿا هڪ تمام وڏو ورانڊو هو جنهن ۾ اهي مجسما پيل هئا ۽ ان ورانڊي مان ننديون گهٽيون پيون نڪرن جيڪي هڪ وڏي هال ۾ پيون پون ۽ اتي بہ درويشن جا مجسما پيا هئا. سڀ کان وڌيڪ مجسما يسوع مسيح ۽ حضرت مريم جا هئا، جيڪي مختلف دورن ۾ مختلف مجسما سازن ٺاهيا هئا ان ڪري مختلف هئا، پر مختلف هوندي بہ ساڳيا لڳي رهيا هئا. اسان بہ ورانڊي ۾ پيل هرهڪ مجسمي کي ڏسون پيا ڪنهن تي اڇاتري نظر تہ ڪنهن کي غور سان ڏسون پيا. ورانڊي جي وچ ۾ هڪ ديو ڪامت هيبت ناڪ مجسمو پيو هو، جنهن جي اکين مان هڪ عجيب دهشت پئي بکي. اهو هيبت ناڪ مجسمو هڪ ڪرسيءَ تي ليٽيل هو ۽ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو ويجهو وڃي تختي تي ڏٺو تہ اهو حضرت موسيٰ جو مجسمو هو، پر جنهن بہ ان کي گهڙي ٺاهيو هو چا تہ ڪمال ڪيو هو، گهڻائي ماڻهو حضرت موسيٰ جي مجسمي سان گڏ بيهي سيلفيون وٺي رهيا هئا. ڪافي دير مجسمن جي وچ ۾ رهيس ۽ بت تراشن جي فن کي سلام پيش ڪندو رهيس هاڻ نہ اهي بت تراش هئا ۽ نہ اهي جن جا مجسما ٺاهيا ويا هئا، پر سندن فن اڄ بہ زنده آهي جن کي دنيا ڏسڻ پئي اچي ان ڪانپوءِ ليو نارڊو ڊيوانچي جي مونا ليزا ڏسڻي هئي. Leonardo da vinci جو مطلب ٿيندو ”وانچي جو ليو نارڊو.“ وانچي اٽلي جو ڳوٺ آهي جتي هي تمام وڏو انسان پيدا ٿيو هو. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ هي مهان آرٽسٽ بنا شادي جي پيرو ڊاونچي ۽ هڪ هارياڻي ڪترينا جي تعلقات ۾ پيدا ٿيو. وانچي ڳوٺ فلورنس پرڳڻي ۾ اچي پيو. ليو نارڊو کي ڪابہ اسڪول جي تعليم نہ هئي. هي فنڪار 14 يا 15 اپريل 1452ع تي ڄائو ۽ سندس وفات 2 مئي 1519ع تي ٿي هئي. جاڳرتا يعني Renaissance واري دور جو تمام وڏو آرٽسٽ ٿي اڀريو. سندس شوق مجسما سازي، پينٽنگ، تعمير جي فن، سائنس، موسيقي، رياضي، انجنيئرنگ، ادب، جاگرافي، فلڪيات ڪانسواءِ ٻين ڪيترن ئي علمن ۾ هو ۽ هن هر فن ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو.

هن کي سيني دورن جو عظيم رنگتراش (Painter) مڃيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ هن جي ٺهيل تصويرن مان صرف مونا ليزا سميت 14 ٻين تصويرن جي حياتي بچي وئي، پر مونا ليزا سڀ کان مشهور آهي اها مونا ليزا جي تصوير ڏسڻي هئي.

مونا ليزا هڪ شاهڪار آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ هر سال هزارين سياح اچن ٿا ۽ لوئر ميوزيم ان مان هزارين يورو مهيني جي حساب سان ڪمائي ٿو. مجسمن جي سيڪشن مان نڪري مونا ليزا واري سيڪشن ۾ وڃڻ وقت رستي جي ديوارن جي ٻنهي پاسي يا تہ مجسما هئا يا وري پينٽنگون ٽنگيل هيون رستي ۾ ڪيترائي اهڙا گروپ وينل نظر آيا جيڪي ڪنهن پينٽنگ کي پاڻ ٻيهر پينٽ ڪري رهيا هئا يا وري سندن استاداڻي کين ان پينٽنگ جي ٽيڪنيڪي پاسن تي ڪو ليڪچر ڏيئي رهي هئي. اهڙن ميوزمن جا تمام گهڻا فائدا ٿين ٿا ماڻهن جو روزگار جڙي وڃي ٿو، ماڻهن کي سکڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ تاريخ محفوظ ٿي وڃي ٿي.

رسول حمزه توف جي هڪ ڳالهہ مون کي اڪثر ياد ايندي آهي تہ **”جيڪڏهن اوهان ماضيءَ کي گوليءَ سان اڏائيندا تہ مستقبل اوهان کي توپ سان اڏائي ڇڏيندو.“** هنن ماڻهن پنهنجي ماضيءَ کي محفوظ ڪري مستقبل جي توپ کان پاڻ کي بچائي ورتو آهي.

مونا ليزا کي ڏسڻ لاءِ هجوم قطار ۾ بيٺا هئا اسان بہ قطار ۾ لڳي وياسين جڻ ڪو محبوب جي درشن لاءِ عاشقن جي قطار ۾ لڳل هجي، پر يقين ڪريو اڄ تائين اهڙو ڪوبہ محبوب ناهي ڏٺو جنهن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو لکين رپيا خرچ ڪري اچي بيهن ۽ قطار ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪن هڪ جهلڪ ڏسڻ ڪانپوءِ وري لکين رپيا خرچ ڪري واپس هليا وڃن اهڙي محبوبا نہ شيرازي جي هئي نہ اياز جي، پر سوين سال اڳ ليو نارڊو ڊيوانچي جي ٺهيل تصوير اهڙي آهي جنهن کي پسڻ لاءِ آئون بہ ڪشالا ڪڍي پهتو آهيان.

اصل ۾ مونا ليزا فلورنس ۾ ڄائي هئي ۽ سندس سڄي عمر اتي ئي گذري هئي سندس عمر 63 سال هئي ڪيس 6 ٻار هئا ٽي پٽ، ٽي ڌيئرون. 1479ع ۾ ڄائي هئي ۽ 1542ع ۾ مري وئي، سندس شادي انتهائي امير خاندان ۾ ٿي هئي. ان دور ۾ عورت جي لاءِ اهو وڏو اعزاز هو يا تہ هوءَ ڪليسا جي پادرياڻي ٿي وڃي يا وري هوءَ ڪنهن جي زال ٿي گذاري، زال ٿيڻ ڪو آسان ڪم نہ هو. ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ تمام گهڻو ڏاج ڏيوڻ جي ضرورت هئي هر عورت جو خاندان ڏاج نہ ڏيئي سگهندو هو، پر مونا ليزا جو خاندان انتهائي امير هو ۽ انهن کيس وڏو ڏاج ڏيوڻ ڏيئي تمام گهٽي لاڏ ڪوڏ سان پرڻايو. چون ٿا تہ مونا ليزا جو جڏهن ٻن سالن جو پٽ مري ويو تہ ڏک ۾ هن اهو پورٽريٽ ٺهرايو. مونا ليزا جو اهو پورٽريٽ ڪاري وڳي ۾ آهي. ڊاونچي فلورنس ۾ اچي رهڻ لڳو هو وٽس پئسن جي ڪمي هئي ان لاءِ هن پورٽريٽ ٺاهڻ لاءِ حامي ڀري ان دور ۾ هر عورت جي تقريبن اها خواهش هوندي هئي تہ حضرت مريم جي تصويرن سان سندس

شڪل ملي ان ڪري مونا ليزا جي پورٽريٽ ۾ بہ اها جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسان جو وارو اچي ويو محبوب جي ديدار لاءِ اجايل اکين کيس ڏٺو، پر الائي چو ڏسڻ سان زبان مان بي اختيار اهي لفظ نہ نڪتا "واهہ واهہ زبردست" پر تصويرن جا ڄاڻو چون ٿا تہ هي شاهڪار آهي. جنهن طريقي سان عورت جي درد کي لازوال مرڪ ۾ سمايو ويو آهي اهو ئي



ان تصوير جو ڪمال آهي اها مرڪ اڄ بہ هر عورت جي درد ۾ سمايل آهي بس تصوير جا اکيون پري ديدار ڪياسين ۽ سندس مرڪ ڏٺيسين جيڪا 500 سال گذرڻ ڪانپوءِ اڄ بہ قائم آهي.


مون کي هاڻ ڏسڻو هو مصر جي بادشاهن جو حصو فرعونن جا مجسما شيشن ۾ بند پيل هئا. چون ٿا تہ مصر جي عجائب گهرن ۾ مجسما اصلي ناهن. تمام وڏو هال هو جيئن ڪوئي تمام وڏو صنم خانو هجي. فرعونن جي مجسمن ۾ اڄ بہ هڪڙي عجيب قسم جي هيبت هئي. ٺاهڻ واري جو ڪمال هو يا واقعي سندن ايڏي هشمت هئي. هڪ فرعون جي ممي جي مٿان وچي بيٺاسين، سندس جسم قبر نما هڪ وڏي پٿر ۾ پيو هو ۽ سندس هٿ سيني مٿان رکيل هئا ۽ ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڄاڻ اکيون کوليائين ۽ اچي اٿي بيهي رهندو. چون ٿا تہ قرآن ۾ فرعون جو ذڪر آهي تہ الله سائين فرعون کي عبرت جو نشان بڻائي ڇڏيو ۽ سندس لاش اڄ بہ انسانن جي عبرت لاءِ رکيل آهي، پر اڃان مون کي اها خبر ناهي پئي تہ اهو ڪٿي رکيل آهي. هڪ فرعون جو مجسمو شيشي کان ٻاهر پيو هو پاڻ سوچيوسين ڇو نہ هن سان تصوير ڪيرائجي پرسان هڪ جوانڙي گذري پئي کيس چيم تہ جيڪڏهن اوهان مائينڊ نہ ڪريو هن فرعون سان منهنجي تصوير ڪڍو، مرڪي چيائين، "ڇو نہ اها يادگار هوندي." فرعون سان تصوير ڪيرائڻ ڪانپوءِ حمورابي جو لکيل آئين پڙهڻ لاءِ سندس پٿر ڳولڻ لڳس ٿورو ڳولڻ سان پٿر ملي ويو. شيشي ۾ بند پيل هو نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڪنهن ديو مالائي ٻوليءَ ۾ سندس آئين اڪريل هو جنهن کي هزارين سال گذري چڪا هئا ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ ان آئين ۾ ڦير ڦار ناهي ڪري سگهيو ۽ ان آئين جي ذميداري ڪنهن بہ ناهي ڪنئي.

ڪافي غور سان ڪيتري ئي دير ان پٿر کي ڏسندو رهيس، پر سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو بس هڪ حيرت جي جهان ۾ ٻڏل رهيس، جيڪا شيءِ لکي وڃي ٿي اها پٿر تي هجي يا پني تي اها هڪ اڻ مٽ تاريخ آهي. اها شاهہ جي شاعري هجي يا حمورابي جو قانون. فرعونن جي وچ ۾ هئس ۽ سندن هزارين سالن جي تاريخ وچ ۾ گهمان پيو. انهن مان هڪ هڪ فرعون کي ايتري طاقت هوندي هئي جو سندس اشاري تي گهڻن کي موت ملندو هوندو ۽ گهڻن کي زندگي. انساني تاريخ هڪ عجيب حيرت جو جهان آهي جنهن ۾ مستقبل کي سمجهڻ لاءِ هزارين ڏس ۽ ڳس آهن تاريخ ڪوڙ ناهي ڳالهائيندي سندس اها وڏي ۾ وڏي خوبصورتي آهي. ڪافي وقت گهمڻ ڦرڻ ڪانپوءِ احساس ٿيو تہ هاڻي شديد قسم جي بک لڳي آهي ان لاءِ پيٽ پوڄا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. لوئر ميوزيم پورو گهمڻ لاءِ تہ هفتا کپن پر اسان وٽ ٽائيم محدود هو هڪ ڏينهن ۾ صرف چار پنج حصا ئي ڏسي سگهجن ٿا، پر انهن حصن جي چونڊ ڪئي سين جيڪي انتهائي اهم لڳا. لوئر ميوزيم کان گيٽ تائين پهچندي پهچندي اڌ ڪلاڪ کان مٿي ئي لڳو هوندو. رستي جي ٻنهي پاسي يا تہ تصويرون هيون يا وري مجسما هر تصوير يا مجسمو ڪنهن تمام وڏي استاد جو ئي شاهڪار هوندو ۽ اهو استاد پنهنجي دور ۾ عظمتن تي ئي پهتل هوندو. هر تصوير چرچ ۽ عيسائيت جي رنگ ۾ رڱيل هئي جنهن ۾ يا تہ حضرت عيسيٰ جو جنم پئي ٿيو يا سندس موت. عورتون حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ تي لوبان جون سوڪڙيون ڪٺي آيون آهن ڪنهن درويش جو موت پيو ٿئي تہ سندس مريد ۽ مريدياڻيون چوڌاري ويٺل آهن. ڪجهہ تصويرن ۾ ديو مالائي قصا چٽيل هئا ڪائي عورت اڌ اگهاڙي بستري ۾ ستي پئي آهي ۽ سندس چهري تي لافاني سڪون ڏيکاريل آهي، ڪوئي شهزادو سڄي رات گذارڻ ڪانپوءِ ٻاهر وڃڻ جي تياري ۾ آهي ۽ عورت کيس اطمينان ۽ خوشي سان ڏسي رهي آهي. اهڙيون تصويرون اسان کي يورپ جي آرٽ گيلرين ۾ ڏسڻ لاءِ عام جام ملنديون. لوئر ميوزيم ۾ هر هال ۾ ڪجهہ صوفا پيل هوندا آهن جيڪڏهن اوهان ٿڪجي ٿا پئو تہ ساهي پٽي وري پنهنجي سفر کي جاري رکو.

عجائب گهر کان ٻاهر نڪري آياسين تہ رات ٿي چڪي هئي ۽ پيرس روشنين ۾ وهنتل هو ٿڌ تمام گهٽي وڌي چڪي هئي زندگي ۾ بہ ڦيراءُ اچي ويو هو. پيرس جي هڪ فوڊ اسٽريٽ ۾ پيٽ پوڄا لاءِ داخل ٿياسين هر دڪان جي اڳيان هڪ ڪائونٽر ٺهيل هو ۽ ان ڪائونٽر تي رات جي ماني جو مينيو لکيل هو ڪجهہ مينيو ڏٺاسين پر مزو نہ آيو هڪ ترڪي جي ريسٽورينٽ جي ٻاهران مينيو ڏسون پيا تہ هڪ اڌڙوٽ، پر انتهائي خوش مزاج عورت نڪري آئي ڪلندي چيائين تہ اوهان اسان جو کاڌو کائي ڏسو اوهان کي اسان جو کاڌو تمام گهڻو پسند ايندو ۽ ڪافي اسرار پئي ڪيائين تہ ماني هتي ئي کائون. سندس اسرارن تي اندر وياسين تہ سندس چهري تي اهڙي خوشي آئي جهڙي هڪ ٻار کي ڪوئي رانديڪو ملڻ تي ٿيندي آهي. ڪائنس پڇيوسين تہ کائڻ ۾ ڇا آهي چيائين تہ اسان وٽ ترڪي جا ئي کاڌا آهن، سڀ لذيذ آهن، پر مان توهان کي صلاح ڏينديس تہ پليٽر وٺو جنهن ۾ سڀ شيون اچي وينديون ان پليٽر ۾ سڀ کان لذيذ شيءِ ڊونر ڪباب ۽ پيئڻ بلڪل مفت. پليٽر گهرايوسين ۽ ان سان گڏ سوڊا لائم، واقعي کائڻ ۾ مزو اچي ويو تمام گهڻو لذيذ کاڌو هو مائي جو نالو فاطمہ هو ۽ وڃڻ وقت مرڪندي چيائين "ٻيهر ضرور اچجوَ" مير تقي مير جو شعر منهنجي ذهن تي تري آيو،

"اب جو بت خاني سي جاتي هين مير
ڦر ملينگي اگر خدا لايا."

رات ڪافي ٿي چڪي هئي اکين ۾ ننڊ جا گهيرٽ هئا هوٽل تي پهتاسين تہ اهڙي ننڊ اچي وئي جو صبح جو ئي اک کُلي. پروگرام اهو هو تہ ايفل ٽاور ڏسبو. .... (هلندڙ)....



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد

## انٽرويو

# موسيقار، محقق ۽ شاعر محمد قاسم ماڪا

## زاهده ابڙو

تعارف: مان 3 مئي 1953ع تي سنڌ جي شڪارپور ضلعي ماڪا ڳوٺ شاهه پنائي جي خليفن واري گهراڻي ۾ جنم ورتو. بي بي سي تان هڪڙو پروگرام آيو هو جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ماڪا جيڪو جاگيردار هو ان کي ڪافي زمينون هيون ايتري قدر جو بقول بي بي سي جي، بلوچستان جو جيڪو نالو آهي اهو دير سان پيو اهو ماڪا جي نالي سان سڏيو ويندو هو، اهو ان رڪارڊ ۾ موجود آهي. هاڻ توهان ايران ويندا ته رستي ۾ بورڊ نظر ايندو ان تي لکيل هوندو شهرِ ماڪا. اسان جو جيڪو گهراڻو آهي والده ٻڌائيندي هئي ته لطيف سرڪار هالا آيو، هالا ۾ ماڪا نالي سان ڳوٺ آهي ان ۾ لطيف جو اوتارو آهي اڄان به اهو موجود آهي اڄان به اتي ديگيون لهنديون آهن. اسان جو خاندان لطيف سرڪار جو خليفو هو، منهنجو پيءُ روڊس ۾ داروغو هو.

**سوال: محمد قاسم ماڪا جي زندگيءَ جا گهڻا رخ آهن صداڪار، ڪمپيئر، محقق، ڊائريڪٽر ۽ شاعر اڄان ٻيو ڪو به رخ جيڪو اسان کان لڪل هجي؟**


**جواب:** منهنجي زندگي جي باري ۾ اڄان ماڻهن کي خبر نه آهي. ڪنهن زماني ۾ مون کي شوق هو ته آئون مولوي ٿيان، پوءِ مان مدرسي ۾ داخل ٿيس، مان حافظ قرآن به آهيان ۽ قرات هڪڙو آرٽ آهي. اها ڳالهه 1960 جي دور جي آهي، پاڪستان جي سطح تي قرات جا وڏا وڏا مقابلا ٿيندا هئا ان ۾ مان انعام کٽيندو هئس. مدرسي ۾ پڙهندو هئس اتي مون کي مولوين جي ڪردار مان ڪافي ڏک پهتو. چو ته اهي شاگردن کي جن کي ان وقت ۾ خٿابي سڏيو ويندو هو، انهن کي ٿالهه ڏيندا هئا ۽ ڪين چوندا هئا ته وڃي ماني پني اچو. پوءِ اسان به ٿالهه کڻي ويندا هئاسين، ڳوٺ ڳوٺ ۾ پنندا رهندا هئاسين پوءِ ڪٿان ماني ملندي هئي، ڪٿان چانور ملندا هئا جيڪو به ملندو هو اسان کڻي ايندا هئاسين. ملان چوندا هئا ته خبردار جو ڪنهن رستي ۾ ڪجهه کاڌو آهي. اسان اهي ٿالهه مدرسي ۾ آڻيندا هئاسين، مدرسي ۾ اهي ٿالهه مولوي پنهنجي سامهون رکي اسان کي پري ويهاري انهن مان چڱيون چڱيون شيون پاڻ کائيندا هئا ۽ اسان کي بچيل شيون ڏيندا هئا. مان سوچيندو هئس ته پنائين اسان کي ۽ سٺيون شيون پاڻ کائين. پوءِ اها ڳالهه مون کي سٺي نه لڳي، ان ڪري مان مدرسي مان ڀڄي آيس. جڏهن به مان ڳوٺ ويندو هئس ته ماڻهو مون کي مولانا چوندا هئا ته آيو آهي. ان وقت ۾ مون ڏاڙهي به رکي هئي، ان مان فائدو مون کي اهو ٿيو ته اسلام جي باري ۾ مون کي تمام گهڻي ڄاڻ ملي. اتي قرآن سان گڏ ٻيا به ڪتاب ملندا هئا جنهن ۾ حديث جا ڪتاب، تاريخن جا ڪتاب مطلب ته جيڪي به جامع علمي ڪتاب هئا سڀ پڙهيم انهن مان ڪافي ڄاڻ ملي. توهان کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي ته مون کي ريڊيو پاڪستان ۾ اچڻ جو خيال به نماز دوران آيو. ڇاڪاڻ ته مان ننڍي هوندي مدرسي ۾ پڙهڻ ڪري پنج ئي وقت نماز پڙهندو هئس ان کان علاوه تهجد جي نماز به پڙهندو هئس. هر جمعي تي روزو به رکندو هئس، ڳوٺ ۾ اذان به مان ئي ڏيندو هئس. هڪڙي ڏينهن ٻنپهرن جي نماز پڙهي آيس ته مون کي خيال آيو نوڪري ڪريان اها به ريڊيو پاڪستان ۾، پوءِ نماز تان موٽي اچي مان گهر ۾ ويهي درخواست لکي. منهنجو ارادو هو ته آئون ريڊيو پاڪستان تي مذهبي پروگرام ڪريان، مون کي مدرسي ۾ اعلان ڪرڻ جو تجربو هو. مون جڏهن درخواست ڏني ته اها قبول ٿي وئي ۽ منهنجي ريڊيو پاڪستان ۾ سليڪشن ٿي وئي، اهو 1971ع جو سال هو.

**سوال: توهان پنهنجي ڪيريئر ۾ ڪيل ڪمن مان ڪهڙو ڪم وڌيڪ پسند ڪيو ٿا؟**

**جواب:** موسيقي ۾ جيڪا منهنجي ڪيل تحقيق آهي، مان مختلف ڪلاڪارن کي متعارف ڪرايو، ڪجهه کي مان متعارف ڪرايو ته ڪجهه وري پنهنجون ڪيسٽون ڪڍي آيا، انهن جي ڪيسٽن کي مون دنيا ۾ ڦهلايو ان ڪم مون کي تمام گهڻو مزو ڏنو.

**سوال: توهان ڪهڙن ڪهڙن فنڪارن جا ڪلام محفوظ ڪري سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين تائين انهن کي پهچايو آهي؟**

**جواب:** اهو ڪم تمام گهڻو طويل آهي، تمام گهڻا فنڪار ان لسٽ ۾ شامل آهن جن جون ڪيسٽون ۽ پوءِ سي ڊيون مون ٺاهي انهن کي تاريخ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. عابده پروين جي زندگي ۾ پهرين ڪيسٽ مون ڪڍي، ڀڳت ڪنور رام 1939ع ۾ گذاري ويو، ان جا رڪارڊ ڪڍي ڪليڪشن تيار ڪري ان کي مان ريڊيو تي هلايو، اها سڄي رڪارڊنگ 16 ڪلاڪن جي هئي. ان کان علاوه مائي ڀاڳي، جيوڻي ٻائي، سوڍل فقير، علڻ فقير، نور بانو، محمد ابراهيم، محمد جمن، زرينا بلوچ ۽ شيخ اياز جي ڪليڪشن مون تيار ڪئي، جنهن کانپوءِ شيخ اياز چيو ته منهنجي ڪليڪشن کي جيئن قاسم ماڪا تيار ڪيو آهي جيڪڏهن مان پاڻ تيار ڪريان ها ته اهڙي سٺي تيار نه ڪري سگهان ها. هڪ ٻي ڳالهه ته زرينا بلوچ کي "جيجي" جو خطاب ثبوت سان چئي سگهان ٿو ته مون ئي ڏنو. ان زماني ۾ توهان ٻين ڪيسٽن تي لکيل نالا ڏسندا ته ان تي جيجي لکيل ناهي. ڇاڪاڻ ته



ضرور. پوءِ ڪي سفر جي دوران ٻڌندا، عورتون گهر ۾ ماني پچائينديون پئي ٻڌنديون، بس ڪيسٽ پئي هلندي ماڻهو پيا ٻڌندا. انهن ٻنهي هن پروجيڪٽ لاءِ مون کي چونڊيو ڇو ته انهن کي منهنجي شاهه سان عشق جي ۽ ڪم سان لڳاءُ جي خبر هئي. ان جو اصل ڪريڊٽ انهن ٻنهي شخصيتن ڏانهن ضرور وڃڻ کپي جنهن کان شايد ماڻهو واقف نه آهن. صالح محمد شاهه جي آواز ۾ رڪارڊنگ ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه نه هئي ان ڪري جو هو تمام گهڻو شراب پيئندو هو ۽ هن مون کي اها ڳالهه ڇئي هئي ته جڏهن هو رڪارڊنگ ڪرائيندو ته ان وقت به هو شراب پيئندو. هن مون کي هڪ هدايت ڪئي ته جيڪو به ڪلام رڪارڊ ڪرائڻ چاهيان ٿو اهو هڪ ڏينهن پهرين مان به مڪمل ريهرسل ڪري پوءِ وٽس رڪارڊنگ لاءِ وڃان، متان نشي ۾ ڪو لفظ ڇڏجي وڃي يا زير زبر جو ڪو فرق نه اچي وڃي ته جيئن مان ڪيس روڪي ٻڌائي سگهان ته هي بيت هيئن پڙهبو. يقين ڪيو ته ان ڪري مون کي تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي هئي. ڇو ته اسان ڪو هڪ به بيت رڪارڊ ته نه ڪندا هئاسين جيئن هڪ سُر پورو رڪارڊ ڪندا هئاسين. جنهن جي ڪري مون کي تمام گهڻي محنت ۽ ڌيان سان اهو ڪم ڪرڻو پيو. ڇو ته ماڻهو ڇئي سگهن پيا ته هو نشي ۾ هو پر مان ته هوش ۾ هئس نه. ڪٿي هو ٿلجي پوندو هو ته ان کي روڪي درست ڪرائيندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي صبح کان رات جا ٻارهن ٿي ويندا هئا، رڪارڊنگ پئي هلندي هئي. مون رڪارڊ ڪيو وري ان کي ايڊٽ ڪيو.

**سوال: توهان جڏهن ريڊيو تي مختلف حيثيتن ۾ ڪم ڪيو ان**







**وقت جي ريڊيو جي اهميت ۽ هاڻي جي ريڊيو جي اهميت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟**

**جواب:** ان وقت ريڊيو جي تمام وڏي اهميت هئي، شام جي وقت شهر هجي يا ڳوٺ ماڻهو ڪم ڪار لاهي هوٽلن ۽ اوطاقن ۾ ڇٽڪار ڪري ميزون وچ تي رکي سَوَن جي تعداد ۾ اچي ويهندا هئا ۽ ريڊيو ٻڌندا هئا. نه رڳو ريڊيو جي اهميت هئي، پر ريڊيو تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جي به وڏي عزت هئي. اهو هڪ مقدس اداري جي طور تي مڃيل هوندو هو. ان وقت ۾ مخدوم طالب المولىٰ جيڪو پيپلز پارٽي جو وائيس چيئرمين هو. هڪ دفعي مان جيئن گيٽ مان داخل ٿيس ته هو مون کي اتي بيٺل نظر آيو. مون کي چيائين ته ڊائريڪٽر صاحب کي ٻڌايو، ان وقت ۾ ڊائريڪٽر ايم. بي انصاري هوندو هو، جيڪو تمام وڏو براڊ ڪاسٽر ٿي گذريو آهي. کيس ريڊيو سان تمام گهڻو عشق هو. هن جي گهر جي باٿ رومن ۾ به ريڊيو لڳل هوندو هو ته جيئن ڪنهن به پروگرام ۾ ڪا غلطي ٿئي ته هو نوٽ ڪري ان ماڻهو کي ٻڌائي. طالب المولىٰ مون کي چيو ته انصاري صاحب کي ٻڌائي ته طالب المولىٰ ٻاهر دروازي تي بيٺو آهي. هن وقت اها حالت آهي جو هڪ عام ماڻهو منهن ڪٽي اندر هليو ٿو وڃي، اڳي ايتريون معزز شخصيتون اهي به انتظار ڪنديون هيون. ماڻهو اسان کي ڏسڻ ايندا هئا عبدالڪريم بلوچ هوندو هو، جهانگير قريشي، گل حسن قريشي، سيد صالح محمد شاهه، محمد جمن، سيد مخدوم نقوي، مظفر حسين جوش، ان زماني ۾ جيڪو به ڪلام يا جيڪا به انائونسمينٽ ٿيندي هئي اها لائيو نه ٿيندي هئي. پهرين اسان اسڪرپٽ لکندا هئاسين ان کي اسڪرپٽ ايڊيٽر ڏسندا هئا، مراد علي مرزا به انهن مان هڪ هو. جڏهن آهي اوڪي لکندا هئا ته پوءِ اهو پڙهيو ويندو هو. ان وقت ۾ ريڊيو تي اچڻ وڏي ڳالهه هوندي هئي. جنهن به شيءِ جو قدر نه ڪبو اها توهان جي هٿن مان ڇڏائجي ويندي. اسان پنهنجو مقام ڏاڍي محنت سان جاکوڙ سان حاصل ڪيو. هر مهيني آڊيشن ٿيندا هئا مان هر مهيني آڊيشن جي لاءِ ويندو هئس، پوءِ اتي منهنجي لاءِ چيو ويو ته هن کي اندر اچڻ نه ڏجو. ان وقت ۾ منهنجي عمر 16 سال هئي، مون کي گيٽ ڪيپر آئندا اچڻ کان جهليو ته مون روئڻ شروع ڪري ڏنو. اتان ڪو ماڻهو گذريو جيڪو شايد ڊائريڪٽر جو پاءُ هو جيڪو مون کي ڊائريڪٽر ڏانهن وٺي ويو. پوءِ هن پنهنجي پاءُ کي چيو ته هن کي ڪمپيئر ڪرڻو آهي، جنهن ڪانپوءِ عنايت بلوچ مون کي تمام گهڻو سيکاريو.

**سوال: ٻين گهڻن ڪمن سان گڏ توهان بهترين انٽرويو وٺندڙ به رهيا ڪهڙي شخصيت جو انٽرويو وٺڻ ڪانپوءِ توهان محسوس ڪيو هجي ته اهو اڻ وسرندڙ انٽرويو رهندو.**

**جواب:** مون سنڌ جي سيني وڏين وڏين شخصيتن جا انٽرويو ڪيا. جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، سائين جي ايم سيد، حاڪم علي زرداري، اڪبر بگٽي، ايوب کهڙو ۽ حميده کهڙو شامل آهن. مون ڪل 228 انٽرويو ڪيا آهن، منهنجو انٽرويو عام انٽرويو وانگر نه هوندو هو، هن مهل به اهي انٽرويو موجود آهن اهي چاليهن چاليهن ڪلاڪن جا انٽرويو آهن. انهن انٽرويوئن وٺڻ دوران ڪڏهن ڪڏهن مان انهن وٽ رهي پوندو هئس يا وري ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ انٽرويو وٺڻ ويندو هئس. انهن انٽرويوئن ۾ مان ڪو به پهلو ناهي ڇڏيو. ان ماڻهو جي ازدواجي زندگي، لو افيئر، ڪيريئر، سياست ڪا به شيءِ نه ڇڏيم. آئون ماڻهن کي موٽيويٽ ڪري ويندو آهيان. توهان کي خبر آهي ته ايوب کهڙي تي الزام هو ته الهه بخش سومري کي هن مارايو هو. اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترا ماڻهن تي الزام هئا، مان انهن شخصيتن کان اهي حقيقتون اوڳرايون. مان جڏهن حميده کهڙو کان انٽرويو پئي ورتو اها منهنجي هڪ سوال تي چڙي پئي، چيائين ته هي ڪهڙو طريقو آهي، اهي سڀ ڪيس ويا ختم ٿي هاڻي وري توهان سيني ڳالهين کي پيا کوليو. مون چيومانس ته هيءَ هڪ تاريخ آهي جيڪا ماڻهن کي خبر هجڻ گهرجي. هر انسان هڪ ضخيم ڪتاب آهي ڪجهه ماڻهو توهان کي بنهه عام لڳندا، پر انهن جون ڳالهيون ٻڌي توهان حيران ٿي ويندا. سائين جي. ايم سيد ڪن ڪن سوالن تي صفا ڏند ڪرٽي ڇڏيندو هو. هر انٽرويو جي پنهنجي پنهنجي هڪڙي حيثيت آهي. اهو ضرور آهي ته انهن انٽرويوئن مان ڪڏهن ڪڏهن ڪو حوالو ڏيئي ڇڏيندو آهيان، جيئن مير رسول بخش ٽالپر انٽرويو ۾ ٻڌايو ته اڃان پيپلز پارٽي ٺهي به نه هئي، ڀٽو وٽس ويو هو، ٻڌايائين پئي ته ڀٽو تمام گهڻو حسين هو جو مان سندس منهن ۾ نه پيو ڏسي سگهان ۽ مون کي هن سان عشق ٿي ويو. رات جو اسان کي ڪچهري ڪندي ٽي چار ٿي ويندا هئا. هڪ پيري ڀٽو جڏهن رات جو گهري ننڊ ۾ ستل هو ته مان سندس عشق ۾ وڃي سندس پيرن کي چمي ڏني، جنهن تي هو جاڳي پيو مون کي چيائين ته مير صاحب هي ڇا ٿو ڪرين؟ ان کان علاوه هن هڪ ٻي ڳالهه ٻڌائي ته هڪ دفعو هو ٻئي سانگهڙ پئي ويا، ٻئي ڪار ۾ پٺيان

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد



وينل هئا، ٻڌائي پيو تہ پنو صاحب جيئن ڪار ۾ چڙهڻ وقت وينو هو، سانگهڙ پهچڻ تائين ايئن وينو رهيو پاسو نہ مٽايائين، ڪاڏي تي هٿ جيئن رکي وينو هو حالانڪ روڊ بہ ان وقت ۾ خراب هئا. پاڻ ٻڌايائين تہ ان وچ ۾ هن پاڻ سئو پاسا بدلايا. مون کي مير صاحب چيو تہ ماڪا علم نفسيات جا ڪجهہ ڪتاب پڙهي ڏسجانءِ تہ ماڻهن جي باڊي لئنگويج جي وسيلي توکي ماڻهن جي شخصيت جي خبر پوندي. هن ٻڌايو تہ هڪ مڪمل ميچوئر ماڻهو اهو هر هر پاسو نہ مٽائيندو ۽ جيڪو ڪوڙو ماڻهو هوندو آهي اهو اکيون گهٽيون چنپيندو آهي.

**سوال: توهان سنڌ الاجي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو ۽ اتي توهان آوازن جي هڪڙي لائبريري قائم ڪئي جنهن ۾ سنڌ جا هاڻي اڻ لڀ آواز محفوظ آهن. اهو خيال توهان کي ڪيئن آيو.**

**جواب:** حقيقت اها آهي تہ اهو خيال بہ منهنجو ناهي اهو خيال بہ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو هو. هو 1964ع کان 1990ع تائين ڊائريڪٽر رهيو، اهو خيال سندس هو. مون کان اڳ ۾ ادي عابده پروين جو گهر وارو مرحوم غلام حسين شيخ هوندو هو، پوءِ آيو شهزادو گلفام جيڪو هاڻي گذاري ويو آهي، پوءِ قاسم حيدر آيو. اهي سڀ عارضي هوندا هئا، پوءِ الانا صاحب کي خيال آيو تہ ڪو مستقل ماڻهو رکيو وڃي. مون کي الانا صاحب هتي مستقل رکيو. پهرين ريسرچ فيلو ڪري رکيائين، پوءِ وري ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪري رکيائين. مون کي پنهنجي ڪم سان عشق هو، مون پنهنجي شوق سان مختلف آواز جيئن ڳوٺن ۾ شاديون ٿين تہ سهرا رڪارڊ ڪيا جيڪا لوڪ شاعري هوندي آهي ان قسم جا مون هزارين گيت رڪارڊ ڪيا. ٽر جي شادين مرادين جا گيت رڪارڊ ڪيم. هڪڙو پراڻو گيت آهي "منهنجو دارون دوا تنهنجو ديدار آ" اهو گيت مون تقريبن چاليهہ سال اڳ رڪارڊ ڪيو هو، هاڻي مون کي ڏاڍي حيرت ۽ افسوس ٿيو تہ انڊيا جو هڪڙو وڏو شاعر لڇمڻ ان گيت کي پنهنجي نالي سان منسوب ٿو ڪري. ان گيت جو شاعر اصل ۾ "ورٿل" آهي. توهان ان کي چيڪ ڪرڻ جي لاءِ يو ٽيوب تي وڃو ۽ لکو جلال چانڊيو، جلال چانڊئي اهو گيت 40 سال اڳ رڪارڊ ڪرايو ۽ ان ۾ هو آخر ۾ "ورٿل" ٿو چوي. لڇمڻ بد ديانتي ڪري پنهنجو نالو وجهي ڇڏيو. ٻيو هڪڙو وڏو شاعر آهي جنهن جو نالو نٿو ڪڍان مون کان بہ وڏو آهي هن عابده پروين جو هڪڙو ڪلام رڪارڊ ڪرايو آهي جيڪو پنهنجي نالي سان رڪارڊ ڪرايو اٿس، اهو ڪلام لڳ ڀڳ 100 سال پراڻو آهي. ماسٽر چندر هڪڙو گانو ڳايو آهي "رنائي رهن شل هجن حياتي" مون وٽ هڪڙو پراڻو رڪارڊ آهي جيڪو لاک جو ٺهيل آهي، اهو ڪلام بہ ماسٽر چندر جي آواز ۾ ئي رڪارڊ ٿيل آهي، جيڪو لڳ ڀڳ 1935ع ۾ رڪارڊ ٿيو هو. جنهن جي آخر ۾ سامي جو نالو آهي. ان ۾ چندر ئي چوي ٿو، "سامي چوي ٿو". انڊيا وڃڻ کانپوءِ اهو ساڳيو ڪلام ڳايو اٿس جنهن ۾ چوي ٿو، "چندر چوي ٿو"، اهو ڪلام چندر جو ناهي سامي جو آهي. منهنجي ان شيءِ تي تمام گهڻي تحقيق ٿيل آهي. ڪي ٽي اين تي ان موضوع تي مون پروگرام ڪيا هئا. جن ۾ تقريبن مون سئو سوا اهڙا مثال پيش ڪيا هئا جنهن ۾ چوريون ٿيل شيون هيون. وڏن وڏن موسيقارن ڌنون چورايون، وڏن وڏن اديبن پراوا مقالا چوري ڪيا ۽ پنهنجي نالي تي ڇپرايا. ان پروگرام جو نالو هو "سُر جو سفر". توهان کي ٻڌي حيرت ٿيندي تہ موجوده دور جو هڪڙو وڏو ماڻهو آهي، منهنجا ان پروگرام جا اسڪرپٽ ڪٽي بنا ڪنهن رد و بدل جي آن تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. هاڻي اهو ڊاڪٽر "فلاڻي" جي نالي سان مشهور آهي، مان بہ ڪيس فون ڪئي، چيومانس، "سائين چوري تہ ڪئي اٿئي پر ان ۾ هڪ وڏي غلطي ڪئي اٿئي جنهن سان تنهنجي پي ايڇ ڊي ئي غلط ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن مان دعويٰ ڪيان تہ ڇو تہ سيئي پروگرام مون وٽ پيا آهن، ٽي وي تي پيا آهن، اسڪرپٽ محفوظ آهن" انهن پروگرامن ۾ چا ٿيو هو جو جيوڻي ٻائي جيڪا هڪ وڏي ڪلاڪار هئي، مون کان غلطي ٿي وئي جو مون جيوڻي ٻائي جي پيءُ جي جڳهہ تي سنڌس مڙس جو نالو ورتو ۽ سندس مڙس جي جڳهہ تي پيءُ جو نالو ورتو. پوءِ اڳتي هلي مون ڪنهن پروگرام ۾ ان جي تصحيح ڪئي هئي. ان پي ايڇ ڊي واري صاحب ان کي ڌنو ئي ڪونہ جيئن جو تيئن اها غلط انفارميشن شايع ڪرائي ڇڏيائين. نوشاد کي "موسيقار اعظم" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو سندس هڪڙو گانو آهي "يي زندگي ڪي ميلي دنيا ۾ ڪم نہ هونگي...." مون تحقيق ڪئي تہ خبر پئي تہ اها ڌن تہ اسان جي هڪ موسيقار جي ٺهيل هئي، هن پنهنجي نالي سان منسوب ڇو ڪئي آهي؟ سنڌي ۾ هڪ گانو آهي "هي زندگيءَ جون ڳالهيون هي زندگيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن کهڙيون ڇئي ٻڌايان هي بيشمار آهن" ايئن مان شين کي ثابت ڪيو. هڪ شخصيت جنهن کي مون متعارف ڪرايو هو، پر هڪڙي انٽرويو ۾ چيائين تہ ماڪا جي شاعري انڊيا جي هڪ پراڻي شاعر جي شاعري آهي. پوءِ امر جليل جهڙي ماڻهن مٿس تنقيد ڪئي تہ جنهن شاعر جو تو حوالو ڏنو آهي اهو تہ تمام وڏو شاعر هو. تون اَجان ايئن چوين ها تہ ماڪا کي شاعري مان ناهي ڏيندو آهيان. ان انڊين شاعر جي جيڪڏهن شاعري ماڪا کي ملي ها تہ سنڌ جا شاعر ماڪا کي لوئي ڇڏين ها.

**سوال: هن وقت ڪهڙا سنڌي موسيقار وڏيڪ ٽئلينٽڊ ۽ سگهارا ڏسو ٿا.**

**جواب:** استاد نياز جا پٽ ذوالفقار ۽ مظهر اهي سٺا موسيقار آهن. راڳ ۾ بہ پوري دنيا ۾ ست سُر آهن. هر ماڻهو جو ڳالهائڻ جو ڪارڊ پنهنجو هوندو آهي. هر ماڻهو وٽ ڳائڻ جو خيال بہ پنهنجو هوندو آهي. جڏهن ڪو ڪنهن کان بہ ڳارائڻ شروع ڪندو آهي تہ پهرين ان کان پلٽو لڳرائيندو آهي "ڇئو ها ها ها..." ان مان اندازو ٿي ويندو آهي تہ هن جو ڪارڊ ڪهڙو لڳائڻ کپي، هن جي آواز جي بيس ڪهڙي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين اهي ٻئي موسيقار هڪڙو بہ ڪلاڪار پيدا نہ ڪري سگهيا. ماڪا نہ ڪو ميراثي آهي نہ ڪو مگڻهار، پر ان هوندي بہ هن سوين فنڪار متعارف ڪرايا. موسيقار هن وقت سٺا هي آهن، پر هنن کي جيڪو ڪم ڪرڻ گهرجي ها اهو هنن ڪيو ناهي، جيڪو اسان جي لاءِ نقصانڪار آهي. شاگردن جا ٽيسٽ وٺڻ وقت ڪارڊ ئي غلط هڻندا هوندا تہ ويچارا فيل ٿي ويندا هوندا.

**سوال: توهان پنهنجي زندگيءَ جوڪو اهڙو لڪل پهلو اسان جي پڙهندڙن سان ونڊڻ چاهيندا جيڪو عام طور تي ماڻهن کي خبر نہ هجي.**

**جواب:** منهنجو اندازو آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو آرٽ سان دلچسپي رکندو هوندو ان جون آڱريون ڊگهيون ۽ مخروطي هونديون اهو بنيادي طور تي فنڪار هوندو آهي. ان ۾ ڪو ميوزڪ سان دلچسپي رکندو هوندو تہ ڪنهن کي پينٽنگ سان شوق هوندو. فنڪار بنيادي طور حسن پرست هوندو آهي. الله خود سهڻو آهي ۽ حسن کي پسند ڪري ٿو. دنيا ۾ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي ان شخص سان زندگي گذارڻ جيڪو توهان جي دل کي نہ وڻندو هجي. منهنجو مزاج بہ حسن پرستي وارو آهي. منهنجي پهرين شادي بلڪل ننڍي عمر ۾ ٿي جو

مون کي ڪپڙا بہ ٻين پارايا هئا ايترو ننڍو هئس ۽ پوءِ اڳتي هلي مون پنهنجي مرضي سان ٻي شادي ڪئي. ان شادي ڪانپوءِ وري عشق ڪيم پر شادي نہ ٿي سگهي.

**سوال: توهان تي الزام آهي تہ سنڌ الاجي مان رٽائرمينٽ ڪانپوءِ توهان اتان آوازن جو ڪافي ذخيرو چوري ڪري ان کي ڪمرشل بنيادن تي استعمال ڪيو. توهان پاڻ پنهنجو دفاع ڪيئن ڪندا.**

**جواب:** مان مختصر اهو چوندس تہ ماڻهن جو ڏوهہ ناهي، ماڻهن صرف اهو الزام نہ هنيو بلڪ اهو الزام ريڊيو پاڪستان جي لاءِ بہ مون تي لڳو. ماڻهو اهو سوچين ها تہ انصاري ۽ عنايت بلوچ جهڙن سخت ڊائريڪٽرن هڪ ڪچي ملازم جي چوري چو برداشت ڪئي. مان چوري ڪريان تہ ڇا اتي ڪم ڪري سگهان ها. ڪجهہ شيون اهڙيون هيون جن جون ڪيسٽون مون ناهيون، پر اها انهن کي خبر هئي تہ اها ملڪيت اتان جي ناهي. ريڊيو پاڪستان 1971ع واري دور ۾ 24 ڪلاڪ هلندو هو. سنڌي پروگرام تمام گهٽ هوندو هو نہ هجڻ جيترو. ڇهين وڳي خبرون هلنديون هيون ان ڪانپوءِ هڪ ڪلاڪار سڌو سنئون (Live) ڳائيندو هو. مون کي هڪڙو دفعو خيال آيو تہ اهي فنڪار ايڏو سٺو ڪلام ڳائي هليا ٿا وڃن، ان جو تہ وجود ئي ختم ٿي ويو. پوءِ مون پنهنجي ئي خيال سان پنهنجون ٽيپون ونئي آهي گانا رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيا. پروگرام جي فارميٽ ۾ ان جي رڪارڊنگ ٿيڻي نہ هئي. مان اها ڳالهہ ڪڏهن بہ اتي انتظاميہ کان نہ لڪائي. سنڌ الاجي ۾ بہ مون جيڪو خزانو آندو سو توهان اجان بہ ڪيٽ لاڳ ڪٽي ڏسندو جيڪو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. 90 سيڪڙو مواد منهنجو اتي آندل آهي ۽ ان تي ڪائونٽر سائن ادي مهتاب، عبدالقادر جوڻيجو ۽ شوڪت شوري صاحب جي بہ ٿيل آهي. جڏهن مون تي اهو الزام لڳو تہ مون تي آفيشل انڪوائري ٿي. پوءِ الانا صاحب جو خط بہ شايع ٿيو تہ ماڪا تي الزام غلط لڳل آهي ۽ هن ماڻهو جو تمام وڏو حصو سنڌ الاجي کي ٺاهڻ ۾ آهي، هن ماڻهو کي ڊائريڪٽر ڪيو وڃي.

**سوال: سنڌ الاجي کي جنهن ويزن تحت قائم ڪيو ويو ڇا اهو حاصل ٿيو آهي. هن وقت سنڌ الاجي جي ڪارڪردگي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟**

**جواب:** سنڌ الاجي تمام مختصر ڪم سان پنهنجي شروعات ڪئي. جنهن ۾ شروع ۾ تہ رڳو ڪتاب رکيا ويندا هئا جنهن ۾ پوءِ الانا صاحب، ادي مهتاب، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، حميد آخوند انهن سنيون تبديليون آنديون. جيئن مشاهير گيلري آهي جنهن ۾ سائين جي ايم سيد جي شين جي ڪليڪشن بہ آهي، ان جا فوٽو بہ آهن، نہ رڳو ايترو پر سندس ٻن گرل فرينڊس جا فوٽو بہ رکيل آهن. جيئن حسن علي آفندي صاحب مرحوم ان جو سڄو سامان، ان جا فوٽو رکيل آهن. ان جي هڪ تاريخي ڳالهہ ٻڌايان جيڪي تمام گهٽ ماڻهن کي خبر آهي تہ حسن علي آفندي جون ٻہ نياڻيون هيون جن جا نالا هئا شرف النساءِ ۽ خير النساءِ جيڪي انگلينڊ مان پڙهيل هيون ۽ اتي انهن غير مسلمانن سان شادي ڪئي هئي. پوءِ سندن والد ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انهن کي هتي وٺي آيو ۽ هن پنهنجي محل جهڙي گهر جي هڪ ڪمري ۾ ٻنهي نياڻين کي بند ڪري ڇڏيو جيڪي ٻئي بڪ ۽ اڃ ۾ روئي روئي مري ويون. هنن ٻنهي ڇوڪرين جون تصويرون سنڌ الاجي ۾ لڳل آهن. حسن علي آفندي جي پوٽي ملڪ النساءِ جو مون انٽرويو ورتو هو، ان اهو انڪشاف ڪيو هو تہ جيڪو ايڏو وڏو ماڻهو سڏبو هو هن ڪيئن پنهنجي ڌيئرن کي ماريو. سنڌ الاجي وس آهر پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي ڪنهن بہ ڊپارٽمينٽ ۾ جڏهن ڪم ٿئي ٿو تہ منظوري لاءِ تہ وي سي وٽ ٿو وڃي. هي تاريخ ۾ پهريون پيرو آهي جو استاد، ملازم، شاگرد سڀ موجوده وي سي جي خلاف آهن. ان جي باوجود بہ هي محفوظ آهي. افسوس ٿيندو آهي تہ سنڌ حڪومت اهڙي ماڻهو کي وي سي ڪري ڪيئن رکيو آهي جيڪو اندر ادارن کي مضبوط ٿيڻ نٿو ڏي ۽ مٿس ڪيترائي الزام آهن.

**سوال: ڇا توهان ڪو ڪتاب لکيو آهي يا پنهنجي بايوگرافي لکي آهي؟**

**جواب:** نہ مون اڃان تائين تہ ناهي لکي پر لکندس ضرور.

**سوال:** موجوده دور جي اديبن مان ڪهڙن اديبن کان متاثر آهيو؟

**جواب:** لطيف سائين جي سچي عاشقياڻي سائڻ ج. ع منگهاڻي صاحبہ (سائڻ جنت علي محمد منگهاڻي). هن نوجوان ليکڪا محترمہ ج. ع منگهاڻي صاحبہ لاءِ اها ڳالهہ ٻڌائيندي عقل دنگ ٿو رهجي وڃي تہ هن نوجوان نياڻي ڪڏهن بہ پنهنجي ويڙهي ڪانسواءِ ٻاهر نہ قدم رکيو آهي ۽ نہ وري ڪنهن غير مرد جي سامهون آئي آهي، پر هر ادب جو ڄاڻو هن ڳالهہ جو اقرار ٿو ڪري تہ سائڻ ج. ع منگهاڻي صاحبہ جي سنڌي ادب ۽ خاص ڪري لطيف سائين رح جي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل رسالن تي جيڏو شاندار ۽ بيمثال تحقيقي ڪم ڪيو آهي، تنهن سان ڪنهن جي بہ ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. ان ڪانسواءِ محترم امر جليل صاحب، محترم عنايت بلوچ صاحب، محترم عبدالقادر جوڻيجو ۽ محترمہ نورالهديٰ شاهہ صاحبہ جن جي لکڻين کان بہ متاثر آهيان.

**سوال: سنڌي موسيقي جي حال ۽ مستقبل بابت اوهان جي راءِ؟**

**جواب:** تمام اونداهو ۽ ڏکوئيندڙ.

**سوال: اوهان جي نظر ۾ ڪو حل؟**

**جواب:** برک براڊ ڪاسٽرن ۽ موسيقي جي ڄاڻن جيئن جناب عنايت بلوچ، جناب حميد آخوند، جناب جهانگير قريشي، جناب نثار ميمڻ، جناب گل حسن قريشي، جناب سميع بلوچ، جناب حنيف لاشاري، جناب بيدل مسرور، جناب استاد امير علي خان جن کي ڪلچر ڊپارٽمنٽ پاران خاص گذارش ڪري انهن جون ڀرپور خدمتون حاصل ڪري سنڌي موسيقي جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي وري تاري سگهجي ٿو.

**سوال: سنڌي چئنلن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟**

**جواب:** آئون اها ڳالهہ وڏي واڪي چوندي روحاني طرح سڪون ٿو محسوس ڪريان تہ سنڌي چينل کي ٽي اين ۽ ڪشش جي مالڪن جناب اسلم قاضي، جناب ايوب قاضي، جناب علي قاضي ۽ جناب اطهر قاضي ۽ سنڌ ٽي وي جي مالڪ جناب عبدالڪريم راڄپر جو سنڌ واسين تي ايڏو وڏو احسان آهي جو سنڌ واسي ان احسان کي قيامت تائين نٿا لاهي سگهن، پر اها ڳالهہ ڏک سان چوڻي ٿي پوي تہ انهن چينلن تي هلندڙ اڪثر پروگرامن جو معيار غير تسلي بخش آهي. خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙي پيش ڪرڻ اهو سلسلو عام آهي. ڪين گهرجي تہ ٻوليءَ جي ماهرن جون خدمتون بہ حاصل ڪن.

**سوال: سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مالڪن لاءِ ڪو پيغام.**

**جواب:** آئون همسري جي معرفت سنڌي چئنلن جي مالڪن کي انتهائي ادب سان عرض ٿو ڪريان تہ جناب پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، جناب حميد سنڌي صاحب ۽ جناب عنايت بلوچ صاحب جهڙن سڄاڻ شخصيتن جون خدمتون حاصل ڪن تہ مٿين خامين کان انهن سنڌي چئنلن کي پاڪ ڪري سگهجي ٿو.



# مَلڪ توتا خان ڪَلمتيءِ چوڪنڊي قبرستان

**امين جويو**

ريسرچ ايسوسيئيٽ سنڌ ايپاس اڪيڊمي، ڪراچي

**تحقيق جي ٻيڙيءِ مَٿي ريءَ رَکيجُ،**
**ٻانهُون ٻيئي لاهي ڏيئيءِ، ڪُشتي ڪمائيجُ،**
**سَنڌَ نئُون سارِيءِ، ٿَنگنئُون ٿاريءِ جَنگهُن ريءَ جُليجُ،**
**جا هَاجَ هَٿَنِ ريءَ نہ ٿِئيءِ، سا ٿُونٺُو ٽي ڪَريجُ،**
**هَڪلَ حقيقت جيءِ، ٻوڙو ٽي ٻُڌيجُ،**
**آنڌو ٽي پَسيجُ، مُشاهدو محبوب جو. (سُرڪاهوڙيءِ ٻيائي)**

**ٽَٽُ:** جيڪڏهن اسان مان هر هڪ ماڻهو، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي شهر يا پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي حصي جو سماجي ۽ اخلاقي ڪم ڪري ۽ مسئلن کي پنهنجو ذاتي مسئلو سمجهي حل ڪري تہ هُوند سموري سنڌ سون ورني ڌرتي ٿي پوي، پر بهرحال اڄ ڪلهہ ائين ٿئي ڪو نہ پيو، بس اهي سُڻيون سُڻيون ڳالهيون صرف ڪتابن تائين محدود ٿي ويون آهن ۽ هر هڪ ڪاتي جي حالت ڏاڍي خراب لڳي پئي آهي. اهڙيءَ طرح هر ضلعي جا قديم آثار پڻ بلڪل تباهيءَ جي ڪناري تي پُهچي چُڪا آهن. انهن ۾ ضلعي ملير وارو ميمڻ ڳوٺ جو، چوڪنڊي قبرن وارو ماڳُ پڻ هڪ آهي. مُنهنجي هن تحقيقي مضمون لکڻ جو مقصد هيءُ آهي تہ آئون هن مضمون ذريعي وَسَوارن (ثقافت کاتي) تائين اهو پيغام پُهچايان تہ صرف ٿوري احتياط ۽ ٿوري بجيٽ خرچ ڪرڻ سان اسان سنڌ جي صدين تي ٻَڌل تاريخي ورثي کي نہ صرف محفوظ ڪري سگهون ٿا، پر اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي بہ فخر سان، پنهنجي تاريخ ۽ فن تعمير بابت ٻُڌائي سگهون ٿا تہ ڪيئن نہ چار صديون اڳ، پورهيت ڪاريگرن وڏي محنت ۽ جفا ڪشيءَ سان پٿرن کي ٽُڪي ڪوري، اُنهن تي مختلف ڊزائينون ٺاهيون جو ڏسندڙن کي ڏندين آڱريون اچيو وڃن.

### مَلڪ توتا خان جو ڊٻل چوڪنڊي چبوترو: (مشاهداتي دورو)

12 جنوري 2019 تي صبح سوير سائين گُل حسن لاکي ۽ سارنگ جويي سان گڏ ڳوٺ مُراد ميمڻ، ضلعي ملير ۾ وڃڻ ٿيو، جيڪو ملير کان 11 ڪلو ميٽرن تي اُتر اوڀر طرف آهي. هتي شاهڪار قسم جون 400 کن چوڪنڊيون قبرون موجود آهن، جن تي بهترين قسم جي اُڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ مختلف قبرن تي ڌار ڌار ڊزائينون ٺهيل آهن. جن ۾ رَليءَ جون ڊزائينون ۽ زيورن جون ڊزائينون نهايت مُنفرد ۽ نفاست واري انداز سان اُڪريل آهن. اهڙي ڪاريگري ڏسي اسان سنڌ جي اُنهن هُنرمندن کي نِمي سلام ڪيو، جن اُهي محنت سان ٺاهيون هونديون. بهرحال پوءِ اسان اُتي موجود ماڻهن کان هن ماڳ بابت ڇاڻ وٺڻ لڳاسين.

هيءُ ماڳُ ميمڻ ڳوٺ کان اُتر طرف، ٿڏي نئين جي ڪناري تي هڪ مٿانهين پوٺي تي ٺهيل آهي، هتي موجود مقامي ماڻهن اسان کي ٻُڌايو تہ، ”هيءُ قبرستان 44 ايڪڙن تي ٻَڌل آهي ۽ هن ۾ تقريبن 400 کن اُڪر واريون قبرون ٺهيل آهن جيڪي جوکين، بُرفتن ۽ ڪلمتين جون آهن ۽ اِهي سترهين ۽ ارڙهين عيسوي صديءَ جو شاهڪار فن تعمير آهن.“ بهرحال اهو ميدان اسان پاڻ ماپڻ جو وچن ڪيو ۽ قبرن جي ڳُٽپ شروع ڪئيسين، مون تصويرون ڪڍڻ ۽ ماپون وٺڻ شروع ڪيون ۽ سارنگ ۽ سائين گُل حسن فيس بُڪ تي لائيو ٿيا ۽ هن تاريخي ماڳ بابت ڳالهائيندي، ڏسندڙن ۽ ٻُڌندڙن تائين ڪارائتي معلومات پُهچائڻ لڳا. مون



جڏهن چوڪنڊي قبرن تي ڪجهہ غور ڪيو تہ اُتي گهڻين ئي قبرن تي نالا اُڪريل نظر آيا، جيڪي وقت جي گُذرڻ ۽ مقامي ماڻهن جي هٿ ڇُراند جي ڪري هاڻي پڙهڻ جوڳا نہ رهيا آهن، پر اڃان بہ ڪُجهہ چوڪنڊين تي نالا پڙهي سگهجن ٿا. جيڪي اسان پڙهيا ۽ انهن جون تصويرون پڻ ڪڍيوسين.

هتي ٻہ عدد رائنڪون، هڪ مسجد ۽ هڪ ڊبل چوڪنڊي چبوترو ڏسڻ وٽان آهن. سنڌ جي جاکوڙي مُحقق سائين گل حسن ڪلمتيءَ مطابق اهو چبوترو ڪلمتين جي راڏا ملڪن جي چڱي مُڙس ملڪ توتا خان جو آهي. هڪڙي رائنڪ ۾ اندر 11 ننڍيون وڏيون چوڪنڊيون قبرون ٺهيل آهن، جن تي خوبصورت اُڪر جو ڪم ٿيل آهي. هتي مون ٻنهي رائنڪن ۽ ڪجهہ چوڪنڊين جون ماپون ورتيونسين، جيڪي هن ريت آهن:


هڪڙي رائنڪ جي ماپ 39 X 38 آهي، جيڪا رستي جي اُتر اوڀر طرف آهي ۽ ٻي رائنڪ جي ماپ 36 X 38 آهي، جيڪا ڏکڻ اولهہ طرف آهي. اهي ٻئي رائنڪون لڳ ڀڳ هم چورس آهن، جڏهن تہ اُتي موجود مسجد انهن ٻنهي رائنڪن کان ننڍي هُئي، پر وقت جي گهٽتائيءَ جي ڪري آئون اُن جون ماپون نہ وٺي سگهيس. هتي موجود چوڪنڊين جي سراسري ڊيگهہ 3 کان 8 فُوٽ هُئي، جڏهن تہ اوچائي 3 کان 12 فُوٽ هُئي.

### اڳ ۾ ٿيل تحقيق:

هن قبرستان بابت علي احمد بروهي صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مُقبرن جي پٿرن تي اُڪريل تاريخ“ ۾ هن ريت لکيو آهي تہ، ”ملير چانوٽيءَ واري ايراضيءَ ۾ ميونسپل واٽر ورڪس جي ويجهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جيڪو ميمڻ ڳوٺ سڏجي ٿو، اُنهيءَ ۾ چڱو موچارو قبرستان آهي، جنهن ۾ سوين قبرون آهن، جيڪي جُنگشاهيءَ جي تراشيل پٿرن مان نهيل آهن. قبرُن جي پٿرن تي سُهڻي نموني گُلڪارين ۽ بين نمونن سان اُڪر ٿيل آهن ۽ چيو وڃي ٿو تہ اهي قبرون بُرفتن جون آهن. بُرفتن بابت عام طرح سان چيو وڃي ٿو تہ اهي نومڙين يا نومڙن جو ذيلي قبيلو آهن، جن جو ڪوهستان واري ايراضي ۽ بلوچستان ۾ سورهين ۽ سترهين عيسوي صديءَ ۾ وڏو اثر رسوخ هو.“ (بروهي، 2016)

اڳتي هلي بروهي صاحب هن قبرستان بابت وڌيڪ واضح نموني سان هن طرح سان لکي ٿو، ”ميمڻ ڳوٺ جا مقبرا اسلامي روايتن مُطابق زمين دوز تدفين تي ٻڌل آهن، ڪن مُقبرن جي چوٽيءَ تي هڪ ننيو نشان ڪناري ڪان اُپريل اشارو هوندو آهي. مرد جي قبر جي چوٽيءَ تي تاجَ جو نشانُ پَڳَ جي علامت هوندو آهي. انهن مُقبرن جي تراشَ جو نمونو ۽ انهن تي گُلڪاري ۽ جاميٽريءَ جا نمونا اهڙا ساڳيا ئي آهن، جهڙا چوڪنڊي ملير واري قبرستان ۾ آهن. مختصر اهو تہ هتي اُهو ساڳيو ئي نمونو ۽ ساڳي ئي ڪاريگري آهي، سواءِ ڪجهہ علامتي نمائندا نشانين جي.“ (بروهي، 2016)

ڪراچيءَ جي موجوده جاڪوڙي ڪردار سائين گُل حسن ڪلمتيءَ پنهنجي ڪتاب ڪراچي سنڌ جي مارئيءَ ۾ هن طرح سان لکيو آهي تہ، ”ڪراچيءَ ۾ ٻيو نمبر گهاڙي قبرن وارو مُقام بلوچ ٿومبس جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو ميمڻ ڳوٺ ويجهو ٿڏي نئين جي ڪنڌيءَ تي هاشم جوکيو ڳوٺ ۽ فيروز ڳوٺ لڳ ديهہ ڪرڪُريءَ ۾ آهي. هن قبرستان جو نالو مقامي ماڻهن ۾ مَلڪ توتا جي چوڪنڊي يا راڏن مَلڪن جي چوڪنڊيون مشهور آهي. حمزي خان ٻاهوتَ مُطابق مَلڪ توتا خان قبيلي جو سردار هو ۽ انهن مَلڪن جي ڏاڏي جو نالو راڏو هو، تنهنڪري اهي راڏا مَلڪَ سڏجڻ لڳا.“ (ڪلمتي، 2014)





اڳتي هلي گُل حسن ڪلمتي وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”اسماعيل ميمڻ، مَلڪ اسحاق بن مَلڪ حاجي خان جو وزير هو، ان جي اولاد جي نالي ميمڻ ڳوٺ (مُراد ميمڻ ڳوٺ) سڏجي ٿو. اسماعيل ميمڻ جي قبر بہ انهيءَ قبرستان ۾ آهي، جنهن تي سنڌس نالو اسماعيل ممن اُڪريل آهي. ملير جي مَلڪن ۽ ڪلمتي راڄن جو شاهاڻو مُقام، جيڪو مَلڪُ توتا خان جو مُقامُ سڏجي ٿو، سو ملير ضلعي جي ڳوٺ مُراد ميمڻ جي اُتر طرف ٿڏي نئين جي لڳ واقع آهي. اُنهيءَ ۾ وڏيون شاهي گهاڙي قبرون آهن، جيڪي پَٿر جي سنگتراشيءَ جو اعليٰ نمونو آهن. سال 1960 تائين مَلڪن جي شاهي ڇٽي (چوڪنڊي) بيٺل هُئي، جيڪا پوءِ گهٽي مينهن پوڻ سبب ڍهي وئي.

مَلڪ توتا خان تي، اها خوبصورت چوڪنڊي سنڌس پائيٽي مَلڪ زردار خان جوڙائي هُئي، جيڪو مَلڪ توتا خان جو نياڻو هو. اهي راڏا مَلڪَ سڏبا هُئا، تنهنڪري سنڌن تاريخي قبرستان تي نالو راڏن واريون گهاڙيون پيو. مَلڪ سُهراب خان، مَلڪ ابراهيم ثاني، مَلڪ اشرف ۽ مَلڪ بدو بن مَلڪ ببر خان هن قبرستان ۾ آرامي آهن. سنڌن گهاڙي قبرن تي نالن وارا ڪُتبا اُڪريل آهن.“ (ڪلمتي، 2014)

اُن ڪان علاوه سنڌ جو نالي وارو آرڪيالاجسٽ، سائين حاڪم علي شاهہ بخاري پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري“ ۾ هن طرح لکيو آهي، ”هي قبرستان تيرهين عيسوي صديءَ جو آهي، جيڪو چوڪنڊي قبرستان (ملير) ڪان بہ اوائلي آهي. هي ملڪ توده خان ڪرمتي جي نالي پويان سجاتو وڃي ٿو. هن قبرستان جي اُڪر سادي آهي، هي هڪ وڏو قبرستان آهي جنهن ۾ 125 قبرون اهڙيون آهن جن جي ڪتبن ڪي پڙهي سگهجي ٿو. ڪنهن زماني ۾ ڪوهستان تي چار سردار پنهنجي سرداري هلائيندا هئا، 1. جام جوکيہ (چوڪنڊي قبرستان اُنهن جو آهي) 2. ڪرمتي ملڪ سردار 3. برفت ملڪ سردار يا ٻاپڙاٽي 4. برفت ملڪ سردار هملاٽي. هن قبرستان ۾ ملڪ توتا خان ڪلمتي جي قبر بہ موجود آهي. هتي هڪ چوڪنڊي تي سن 966 هہ لکيل آهي.“ (بخاري، 2008).

**مواد جي ڇنڊ ڇاڻ:**

مون مٿي سائين علي احمد بروهي، سائين گل حسن ڪلمتي ۽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري جي ڪتابن مان، هن ماڳ بابت حوالا ڏنا آهن، جن کي پڙهڻ کانپوءِ آئون اُن نتيجي تي پهتو آهيان ته سائين حاڪم علي شاهه بخاري جي راءِ وڌيڪ وزندار آهي، جيئن ته سائين سنڌ جو جهونو سيلاني آهي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي قديم آثارن تي وڏي ڄاڻ رکي ٿو. هُن سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري لکي سنڌ جي صدين تي ٻڌل تاريخ، ثقافت ۽ هنر کي اجاگر ڪيو آهي ۽ اسان جهڙن ماڻهن کي اُتساهه ڏنو اٿائين ته اسان اُنهن ماڳن، مڪانن تي وڃون ۽ اجان وڌيڪ تحقيق ڪيون ۽ اهم ڳالهه اها آهي ته بخاري صاحب پاڻ، پنهنجي سر ماڳن تي وڃي اتي مشاهدو ڪري، مقامي ماڻهن کان ڄاڻ حاصل ڪري پوءِ لکندو آهي. ان ڪري آئون سندس ان راءِ سان مُتفق آهيان ته اهي چوکنڊي قبرون بُرفتن جون نه پر (ڪرمتين) يعني ڪلمتين جون آهن، ڇو ته اهو قبرستان جتي موجود آهي، ان جي آسپاس ۾ ڪلمتين جا ڳوٺ اڄ به موجود آهن ۽ ان کان علاوه ڪيترين ئي قبرن تي جيڪي نالا لکيل آهن، انهن ۾ وڏي اڪثريت مَلڪن جي آهي.

**رايا ۽ تجويزون:**

هاڻي اچون ٿا سڀ کان اهم ڳالهه طرف يعني راين ۽ تجويزن طرف، جنهن ڪري مون هيءُ تحقيقي مضمون لکيو آهي.

1. اسان کي سڀ کان وڌيڪ تڪليف تڏهن ٿي، جڏهن اسان هن اهم تاريخي قبرستان جي وچ ۾ هڪ ڪچو رستو ڏٺو، جتان هر قسم جون ننڍيون وڏيون ڪارون، ٽريڪٽر ٽراليون، گڏهه گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون جهجهي تعداد ۾ اچي ۽ وڃي رهيون هيون، جنهن سان هن شاهڪار گُلڪاريءَ وارين چوکنڊين کي سخت نقصان ٿي رهيو آهي ۽ ڪافي چوکنڊين جو ته رنگ ئي مَٽجي خراب ٿي ويو آهي. تنهنڪري اسان جي وَسوارن (ثقافت کاتي) کي پُرزور اپيل آهي ته اهو رستو قبرستان وچان ختم ڪرائي ڳوٺ وارن کي ڪو ٻيو مُتبادل رستو ڏنو وڃي.

2. هن انتهائي اهم ۽ تاريخي چوکنڊي قبرستان ۾ اندر ٻار ڪرڪيٽ راند کيڏي رهيا هُئا، جنهن سان آثارن جي ڪافي لتاڙ ۽ قبرن جي بي حُرمتي ٿي رهي هُئي ۽ اُتي موجود چوکنڊين قبرن مان ڪجهه قبرن جا حصا ٽُٽي هيٺ پَٽ تي ڪِريا پيا هُئا. ان ڪري اسان جي ٻي گُذارش اها آهي ته انهن ٻارن کي ميمڻ ڳوٺ اندر ڪنهن ٻي جاءِ تي گرائونڊ ٺاهي ڏنو وڃي ته جيئن هن صدين پُراڻي ثقافتي وِرثي کي محفوظ بڻائي سگهجي.

3. هِن وقت، هِن چوکنڊي قبرستان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪمزور لوهي تارون ڏنل آهن، جيڪي پڻ ڪيترن ئي هنڌن تان ٽُٽل آهن، جنهنڪري هر وقت جانور قبرستان کي نقصان پُهچائيندا رهندا آهن. تنهنڪري هن قديم قبرستان کي جلد کان جلد مضبوط چوديواري ڏياري وڃي ته جيئن هِي قيمتي سرمايو محفوظ رهي سگهي.

4. هِن چوکنڊي قبرستان جي بلڪل شروعات ۾ اوقاف کاتي پاران هڪ بورڊ لڳايل آهي، جنهن تي رُڳو بلوچ ٽومبس لکيل آهي، انهيءَ اڻ چِٽي بورڊ سان ڪا به وضاحت نٿي ٿئي ته اندر ڪهڙن قبيلن جا ماڻهو دفن ٿيل آهن؟، اندر ڪيتريون چوکنڊي قبرون



نهيل آهن؟، هيءُ ماڳُ ڪيترو قديم آهي؟ ۽ ڪيترن ايڪڙن تي پکڙيل آهي؟ وغيره. تنهنڪري اُتي هڪ نئون معلوماتي بورڊ لڳرايو وڃي، جنهن تي مٿي ٻُڌايل سموري بُنيادي ڄاڻ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکي وڃي ته جيئن گهمڻ لاءِ ايندڙن کي صحيح ۽ چِٽي ڄاڻ ملي سگهي.

5. هِن قديمي قبرستان ۾ به رائنڪون ۽ هڪ قديم مسجد پڻ ڊٺل حالت ۾ موجود آهن، جن کي پڻ اصل حالت ۾ بحال ڪجي ته هن تاريخي ماڳ جي اهميت وڌيڪ اُجاڳر ٿيندي.

6. مَلڪ توتا خان جي چوکنڊي وارو چبوترو بحال ڪيو وڃي، جيڪو 1960 تائين بلڪل دُرست حالت ۾ هو، پر هاڻي ڊٺل حالت ۾ آهي ۽ ان جا ٿنيا ۽ ٻيا اُڪريل پٿر اُتي ئي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. اِها چوکنڊِي ٺهڻ کانپوءِ ڏاڍي شاندار لڳندي ۽ هن تاريخي ماڳ جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ڪندي.

**نتيجو:**

مٿي ڏنل راين ۽ تجويزن ۾ ٻُڌايل ڪم ايترا ڏُکيا ۽ مهانگا به ناهن، جو سنڌ سرڪار جو ثقافت کاتو نه ڪرائي سگهي. بهرحال آئون پنهنجي ڳالهه اهو چئي پوري ڪريان ٿو ته، وَسوارن کي ٺُرت هن ماڳ جي سنڀال ڪرڻ گهرجي ۽ مٿي ڏنل راين تي عمل ڪرائڻ گهرجي ته جيئن صديون اڳي، سنڌ جي پورهيتن جو پٿرن تي ڪيل، هي شاندار اُکَر وارو پورهيو ضايع نه ٿي سگهي.

**حوالا:**


بخاري، حاڪم علي شاهه (2008)، سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد. ص. 43،44

بروهي، علي احمد (2016) سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مُقبرن جي پٿرن تي اُڪريل تواريخ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ص. 25. ساڳيو، ص.27.

ڪلمتي، گل حسن (2014). ڪراچي سنڌ جي مارئي نئون نياپو پبليڪيشن، ڪراچي، ص. 648.649.

شيخ، ٻانهون خان (2012). شاهه جو رسالو، سُر ڪاهوڙي، داستان ٽيون، بيت. 16، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ص.24.

ماهوار مئگزين
Regd. No: 3160
همسري
حيدرآباد

## ناول _ قسط اوڻيتاليهين

# رنگ گرهڻ

ضراب حيدر

سمرينا مون کي ڏاڍي وڻندي هئي، جيتوڻيڪ سندس جسماني ڪشش، موهيندڙ هئي، پر سندس گهاٽيڙا ناسي چپ ۽ وڏيون گهريون ناسي اکيون مون کي ڏاڍيون وڻنديون هُيون. سندس کُليل ڪتابي مُنهن دل چوندي هئي تہ پنهنجي ٻُڪ ۾ جهلي مان پاڻ کا دعا ٻڌجي وڃان، اهڙي دُعا جنهن کي ڪابہ موٽ نہ هُجي.
اُن شام اسين جڏهن سمنڊ کان موٽيا هئاسين تہ مون رستي مان گلابن جي گُلن جو هڪڙو هار ۽ ڪجهہ ڏانديءَ وارا گُل ورتا هئا. منهنجو اِهو عمل لاشعوري طور نہ هو تہ شعوري طور بہ نہ هو. الائي ڇو ڪجهہ شيون ۽ ڳالهيون شعور ۽ لاشعور جي وچ ۾ اٽڪيل هونديون آهن.
سمنڊ ڪناري جڏهن سمرينا، گرجا گهر وڃڻ بدران منهنجي فليٽ تي هَلڻ ۽ رات رهڻ جي تمنا ڪئي هئي ۽ چيو هئائين تہ هوءَ اڄ پنهنجي ڪارائيءَ تي اُها رِبن بہ ٻَڌندي تہ منهنجي مَن ۾ عجيب خيال پاسا ورائڻ لڳا هئا، منهنجي ذهن ۾ انوکا سپنا جاڳي اُٿيا هئا. سمرينا سان گهاريل هيڏي ساري عرصي ۾ جيتوڻيڪ اِهو طئي هو تہ هوءَ مون کي چاهي ٿي ۽ مان بہ ساڻس پيار ڪيان ٿو، پر هڪ ديوار جيڪا اسان ٻنهي جي وچ ۾ آيل هئي، سا ڄڻ اڄ ڪِرندي محسوس ٿي رهي هئم.
شايد منهنجي ذهن ۾ ڪِٿي اِهو خاڪو جُڙي ويو هو تہ جيڪڏهن سمرينا پنهنجي ڪارائيءَ تي رِبن ٻڌندي تہ مان ڪيس گُلن جو هار پارائيندسُ ۽ ڪيس پنهنجي حِصَار ۾ آڻي، سدائين لاءِ ڪيس پنهنجو ڪندُس.
فليٽ تي اچڻ ڪانپوءِ سمرينا بنهہ خاموش هئي، مون ساڻس ڪجهہ ڳالهايو بہ پئي تہ هُوءَ بس ها يا نہ ۾ جواب ڏيئي رهي هئي. شام جو سمنڊ ڪناري، سمرينا جڏهن رِبن ٻڌڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ سندس مُنهن تي هڪڙي عجيب رنگ جو تاثر ڪن پل لاءِ اُڀري ختم ٿي ويو هو. سمرينا جي خاموشيءَ مان، مون کي لڳي رهيو هو تہ سندس اندر ۾ ڪا وڏي جنگ هلي رهي هئي، هوءَ پنهنجي ئي اندر ۾ ڪنهن سبب پنهنجو پاڻ سان وڙهي رهي هئي.
مون جڏهن ساڻس ڳالهايو پئي تہ هوءَ ڄڻ هلڪڙو ڇرڪي بہ ٿي وئي ۽ مون ڏانهن نگاهون کڻي پئي ڏٺائين، هُن ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيندي ڪجهہ چوڻ چاهيندي بہ رڳو ها يا نہ پئي ڪئي.
سمرينا جنهن جون اکيون سدائين ڪنهن انياءَ ۾ ٻُڏل نظر ايندڙيون هيون سي اڄ بنهہ مختلف محسوس ٿي رهيون هُيون. اُنهن ۾ نياءُ هو. جهُڪاءُ هو، شام کان سندس مُنهن تي هڪڙو هلڪڙو رنگ اُڀري رهيو هو، اهڙو رنگ جيڪو تازي مُکڙيءَ تي نِکرندو آهي ۽ تيز اُس جي ڪري آهستي آهستي ڦِڪو لڳندو آهي.
اُهو ساڳيو رنگ جيڪو پهريون ڀيرو جڏهن مان سمرينا سان مليو هئس تہ سندس مُنهن تي ڦُٽو هو. جڏهن مان ڪيس اُستاد جوزف جا ڏنل پئسا ڏيڻ ويو هئس. منهنجي وڃڻ کان اڳ شايد، اُستاد جوزف سمرينا کي ڪنهن ٻئي وسيلي پئسا موڪليندو هو، پر جڏهن کان مان سندس پينٽنگ واري دُڪان تي ڪم سِکڻ لڳو هئس ۽ ڪم تورڙي ڏيان جي حوالي سان اُستاد جي گهڻو ويجهو ٿي ويو هئس ۽ اُستاد کي مون تي ويساهہ اچڻ سان گڏوگڏ، ڪيس اِهو اندازو ٿي ويو تہ مان هڪ سچو ۽ سُلڇڻو ڇوڪرو آهيان. ڪيس شايد اِهو بہ اندازو ٿي ويو هو تہ اڳتي هلي مان هڪڙو وڏو آرٽسٽ ٿيڻو آهيان يا وري مون ۾ هڪ وڏي مصور وارا جوهر آهن. اِن ڪري اُستاد پنهنجي ذاتي ڪمن لاءِ مون کي ئي موڪليندو هو.
اُستاد مون کي پهريون ڀيرو پئسا ڏئي سمرينا ڏانهن اُماڻيو هو ۽ مون کي تاڪيد ڪئي هئائين تہ مان سمرينا سان روبرو مِلان. شايد مون کان اڳ ۾ اُستاد جنهن کي بہ سمرينا جا پئسا ڏيڻ لاءِ موڪليندو هو، سي انتظاميہ وٽ پئسا جمع ڪرائي ايندا هئا. سمرينا کي پئسا ڏيڻ لاءِ وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ اُستاد جوزف سان ڪم ڪندي مون ڪانئس پڇيو هو.
”اُستاد، توهان سموري عُمر شادي ڇو نہ ڪئي؟“ مون اِهو سوال اُستاد جوزف کان اِن ڪري بہ ڪيو هو جو مون کي اُستاد جوزف جي زندگيءَ جو ڪوبہ احوال معلوم نہ هو. مون ائين ئي سمجهو هو تہ اُستاد جوزف شايد سموري عمر ڪا شادي ڪونهي ڪئي. منهنجي سوال تي اُستاد جيڪو ڪينواس تي ڪا پينٽنگ ٺاهي رهيو هو، برش روڪيندي هڪڙو ٿڌو ساهہ کنيو هئائين. مون ڏانهن نِهاريندي، بُرش رکي ڇڏيائين ۽ سگريٽ دُکائيندي چيائين،
”ملهار! وِچ چانهہ وٺي اچ تہ پوءِ ٿو توکي ٻُڌايان تہ مون شادي ڪئي آهي يا نہ...!“ مان يڪدم چانهہ وٺڻ لاءِ هليو ويو هئس، ٿوري دير ۾ موٽي آيس تہ اُستاد ڪنهن خيال ۾ گُم، سگريٽ جا ڪش هڻي رهيو هو. مون چانهہ جو ڪوپ ڀري اُستاد جوزف کي ڏنو، هُن چانهہ مان چُسڪيون ڀريندي ۽ سگريٽ جا ڪش هڻندي چيو هو،
”ملهار! مون شادي ڪئي هئي، مون کي هڪڙي جوان، تو جيڏي ڌيءَ بہ آهي...!“ مان حيرت ۾ پئجي ويو هئس...
”تہ پوءِ اُستاد! توهان جي زال ۽ ڌيءَ ڪٿي آهن؟“
”منهنجي ڌيءَ تہ گِرجا ۾ راهبہ آهي، باقي منهنجي زال گذاري وئي آهي، تڏهن جڏهن منهنجي ڌيءَ اجا پنجن ڇهن سالن جي هئي.“
”اُستاد! توهان جي زال کي ڇا ٿيو هو، هوءَ ڪيئن گُذاري وئي؟“
اُستاد جوزف ڳن ساهي لاءِ صفا ماٺ ٿي ويو، هڪ ٻيو سگريٽ ڪڍي دُکايائين، ڪُش هڻندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ۽ چيائين،
”ملهار! ٻيو ڪو پُڇي ها تہ شايد مان ڪيس چوان ها تہ بيماري ۾ گُذاري وئي، پر توکي ٿو ٻُڌايان تہ منهنجي زال قتل ٿي وئي هئي؟“
مان ڄڻ ڇرڪي ويس.
”هانءَ... قتل، پر ڪيئن اُستاد؟ ڪيس ڪنهن قتل ڪيو؟“
”ملهار! منهنجي زال جو قتل مون پاڻ ڪيو هو، مون ئي ڪيس ماريو هو.“ هو ڪن پل لاءِ ماٺ ٿي ويو. مان بہ تعجب وچان ڪيس

ڏسندو رهيس، ڇڻ سڪتو وڃي ويم. جيتوڻيڪ ذهن ۾ ڪيئي سوال آيا، پر مون ۾ همت ئي نہ پئي ٿي تہ ڪو وڌيڪ سوال اُستاد کان ڪريان. ڪجھ گهڙين ڪانپوءِ اُستاد جوزف وري ڳالهايو.

”ملهار! مون جنهن عورت سان شادي ڪئي هئي، اُن سان مون کي تمام گهڻو پيار هو. بس توکي ڪيئن ٻڌايان تہ انتهائي پيار ڪڏهن ڪڏهن ڪهڙي صورت اختيار ڪندو آهي.“ هو وري ڪجھ دير لاءِ چُپ ٿي ويو، سگريٽ دُکائيندي ڪجھ سوچيندو رهيو. اُن ڪانپوءِ هُن سموري ڪهاڻي مون کي ٻُڌائي، مان سندس ڳالھ ٻُڌڻ ڪانپوءِ دِل ئي دل ۾ ڇڻ اُستاد جوزف کي بيڏوهي سمجهي رهيو هئس، منهنجي جاءِ تي ڪير بہ هُجي ها تہ اُستاد کي بيڏوهي ئي سمجهي ها. ڇاڪاڻ جو سندس زال سڀ حدون ۽ ليڪا لتاڙي چُڪي هئي.

”اُستاد ڪاوڙ نہ ڪريو نہ ئي وري غلط سمجهو تہ هڪ سوال ڪريان؟“

”ها ڇو نہ.... بلڪل...“

”ڇا بهتر نہ هو تہ توهان پنهنجي زال کان عليحدگي اختيار ڪريو ها، بجاءِ ڪيس قتل ڪرڻ جي...؟“

”تون درست پيو چوين ملهار! مان جيڪر اِهو ئي ڪريان ها، پر اِهو ڪجھ ڪرڻ جي واٽ بہ نہ رهي هئي. مان جيڪر اڪيون پوري سڀ ڪجھ درگذر بہ ڪري ڇڏيان ها پر منهنجي نياڻي سمرينا جو آئيندو صفا داءُ تي لڳل هو.“ مان حيرت وچان ڪيس ڏسڻ لڳس،

”ها، ملهار! مان سچ پيو چوان، منهنجي زال، جيڪا صحبت اختيار ڪئي هئي، جنهن راھ تي ڀٽڪي پئي هئي اُن جا اثر ڪنهن بہ ريت منهنجي نياڻيءَ تي ضرور پون ها. سمجھ ڪٽي، هڪ لمحي لاءِ مان اُنهن ڳالهين بابت بہ نہ سوچيان ها، پر پوءِ منهنجي ڌيءَ سمرينا سان جيڪو ظلم هو، سو برداشت کان ٻاهر هو. منهنجي زال پنهنجي حوس ۽ نشي ۾ منهنجي ننڍڙي سمرينا کي ماريندي هئي، مٿس شديد تشدد ڪندي هئي. ملهار! مان گهران نِڪرندو هئس تہ هزارين خوف ۽ انديشا لاحق هوندا هئا. هوءَ عورت جيڪا هر پل هر لمحي پنهنجي آتش جي آويءَ ۾ جلندي هئي سا ڪٿي منهنجي ڌيءَ کي بہ نہ جلائي رکي. ڪيس گهُٽو ڏيئي ماري نہ ڇڏي.“ اُستاد جوزف هڪ پل لاءِ خاموش ٿي ويو. مون ڏٺو تہ سندس اکين ۾ لُڙڪ تري آيا، جن کي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جذب ڪرڻ لڳو.

”اُستاد، توهان کي پنهنجي ڪيئي جو پڇتاءُ آهي؟“

”نہ نہ، پڇتاءُ ڇا جو!؟ مان جيل ۾ چوڏهن سال سزا جا گُذاري آيو آهيان. مون جيڪي ڪجھ ڪيو، اُن جي بدلي جيڪڏهن سموري عمر بہ جيل ۾ سزا ڪاٽيان ها تہ تڏهن بہ شايد مون کي ڪو پڇتاءُ نہ ٿئي ها.“ هُن وري هڪڙو سگريٽ ڪڍي دُکايو،

”ملهار! ها پر هڪڙو ڏک ضرور اٿم تہ مان زندگيءَ ۾ سمرينا کي ٽائيم ڏيئي نہ سگهيس. هوءَ اڃا ننڍڙي ئي هئي تہ مان جيل هَليو ويس، جيل مان سزا ڪاٽي، واپس آيس تہ هوءَ جوان ٿي چُڪي هئي، اُن ڪري شايد هوءَ مون سان، پيءُ جي رشتي وارو لڳاءُ نٿي رکي، پر تون ڇڏ انهن ڳالهين کي توکي ٻيا قصا پوءِ ٻُڌائيندس.“ هُن پنهنجي ڪيسي مان ڪجھ پئسا ڪڍندي چيو،

”هي وٺ ڪجھ پئسا آهن، سمرينا کي ڏئي اچ.“ اُستاد جوزف پئسا مون کي ڏيندي چيو،

”ملهار! هي پئسا سمرينا کي تون پاڻ هٿوهٿ ڏجانءِ، تون سمرينا سان ملجانءِ ضرور.“ مون تعجب وچان اُستاد ڏانهن ڏٺو،

”ها ملهار!، مان چاهيان ٿو تہ تون سمرينا کي ٽائيم ڏي، جيڪو ٽائيم مان ڪيس ڏيئي نہ سگهيس..“ اُستاد جي اکين ۾ وري ڇڻ پاڻي ڀرجي آيو،

”ملهار! منهنجي ڌيءَ سمرينا ڏاڍي ٽٽل ڀُريل آهي، هوءَ هجومن ۾ هوندي بہ ڇڻ ٻنل آهي.“ مون اُن ڏينهن اُستاد کي عجيب حالت ۽ ڪيفيت ۾ ڏٺو هو. اُن ڪانپوءِ اڪثر اُستاد جوزف مون سان سمرينا متعلق ڳالهائيندو هو. الائي ڇو اُستاد جوزف ڇئي نہ سگهندو هو، پر سندس ڳالهين مان ائين لڳندو هو تہ، اُستاد چاهيندو هو تہ مان سمرينا جو هٿ پڪڙي وٺان. هڪ ڀيري اُستاد مون کي چيو هو،

”ملهار! سمرينا پنهنجي طبيعت ۾ فطرت ۾ پنهنجي ماءُ کان بنھ مختلف آهي، هوءَ پنهنجي ذات جي اُتر ۽ ڏکڻ ۾ هڪ پنڊوليم وانگي لڙڪي رهي آهي. الائي ڇو مون کي لڳندو آهي تہ سمرينا جي شخصيت جي سموري ڀڃ ڊاھ جي ذميوار جتي سندس ماءُ آهي، اُتي منهنجو بہ سندس شخصيت کي ڊاهڻ ۾ وڏو حصو آهي.“ آخري ٽائيم ۾ جڏهن اُستاد ڏاڍو بيمار ٿي پيو هو ۽ بستري تي هو تہ هو اڪثر بس سمرينا جون ڳالهيون ڪندو هو. بيماريءَ واري حالت ۾ مان ئي اُستاد جي تمام ويجهو هئس، اُستاد کي دوائون ڏيڻ سان گڏوگڏ سندس خاطر تواضح ڪندو هئس. بيماري واري دور ۾ اُستاد مون سان ڪافي ڳالهيون ڪيون هيون. مون کي روڪيو هئائين تہ مان سمرينا کي سندس بيماريءَ جو نہ ٻڌايان، پر مان ائين ڪري نہ سگهيو هئس، جو مون کي خوف هو تہ ڪٿي الله خير ڪري اُستاد کي ڪجھ ٿي پيو تہ مان سمرينا جو مياري ٿي پوندس. سمرينا، اُستاد جي بيماريءَ جو ٻڌڻ شرط اُستاد کان پُڇڻ لاءِ پُهتي هئي. اُن ڀيري اُستاد سمرينا کي چيو هو،

”سمرينا ڌيءَ، مان تنهنجو بيشڪ ڏوهاري آهيان، پر مون جيڪو ڪجھ ڪيو سو ڄاڻي واڻي نہ ڪيو، اُها منهنجي مجبوري هئي.“ اُستاد ۽ سمرينا ٻئي، اُن مجبوريءَ کي ڄاڻي رهيا هئا، تنهنڪري ئي ان جملي تي سمرينا جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئا. اُستاد، سمرينا کي اِهو بہ چيو هو تہ،

”سمرينا ڌيءَ، مون کي خبر آهي تہ تون ڏاڍي اڪيلي آهين، تنهنجي ذات ۽ اندر ۾ جيڪو خال پئجي ويو آهي، اُهو شايد وقت ڀري نہ سگهي، پر مان سمجهان ٿو تہ وقت وڏو مرهم آهي تنهنجو اُهو خال اُهو زخم وقت ڀري ڇڏيندو. سمرينا، مون کي اِهو حق تہ شايد ڪونهي تہ مان توکي ڪا نصيحت ڪريان يا وري ڪا صلاح ڏيان. مون کي اندازو آهي تہ اڪيلائين توکي گهڻو ڪجھ سيکاريو هوندو، تون پنهنجي ذات ۾ گهڻي پُراعتماد هوندينءَ، پنهنجو فائدو نقصان بهتر سمجهي سگهندي هوندين. سو تون هر حوالي سان پنهنجي مرضين ۾ آزاد آهين بس اُنهن انتهائن کان پاسو ڪجانءِ جيڪي ماڻهوءَ جي هستي کي نپوڙي ڇڏينديون آهن.“ اُستاد جوزف سمرينا کي اِهو بہ چوندوهو تہ،

”مون کي نہ ٿو لڳي تہ زندگي جي رڻ ۾ ڪو ڪنهن جو ڀرجهلو نہ هوندو آهي، پر مون کي اِها پڪ آهي تہ ملهار! توکي ڪڏهن بہ اڪيلو ٿيڻ نہ ڏيندو.“ سمرينا، ڪو جواب ڏيڻ ڪانسواءِ خاموش هلي

ويندي هئي ۽ مون سان ملڻ تي ڪڏهن به وري اُستاد جوزف واري اُها ڳالهه نه دهرائيندي هئي.

سمرينا جڏهن هلي ويندي هئي ته اُستاد مون کي سمرينا جون پارتون ڪندو هو، مان اُستاد جي اِها ڳالهه سمجهندي به ڄڻ نه سمجهڻ چاهيندو هئس ته اُستاد جي مَن ۾ ڇا آهي ۽ شايد سمرينا به اِها ڳالهه سمجهندي هئي.

اڄ مون چاهيو پئي ته سمرينا سان ڳالهايان، سندس مرضي ڄاڻان ۽ ڪانئس اُستاد جوزف متعلق ڳالهايان، پر هوءَ مسلسل خاموش ويٺي هئي. پنهنجي ئي اندر ۾ ڪنهن جنگ ۾ مبتلا هئي.

جڏهن اُستاد جوزف گذاري ويو ته سمرينا ائين ساڳئي نموني خاموش هئي، جيئن هينئر خاموش هئي. سمورين رسمن دوران هوءَ بُت بڻيل رهي هئي. جڏهن اُستاد جوزف جو تابوت دفن ڪري واپس ٿي رهيا هئاسين ته سمرينا جي خاموشيءَ جا سمورا بند ٽٽي پيا هئا، هوءَ رانپاٽ ڪري رُني هئي ۽ هڪ لمحي لاءِ مون کي چنبڙي وئي هئي.



"ملهار! مون کي لڳي ٿو، اڄ مان ڏاڍي اڪيلي ٿي وئي آهيان." ۽ ڪي پهر هوءَ مون کي چنبڙي روئيندي رهي هئي.

"ٻُڌ سمرينا، هڪ ڳالهه پُڇان توکان..." مون سمرينا سان ڳالهائڻ لاءِ ۽ ڪيس خاموشيءَ مان ڪڍڻ لاءِ چيو،

"ها، پُڇ ڪهڙي ڳالهه...؟"

"توکي ياد آهي ته اُستاد جوزف جي تدفين ڪانپوءِ تون ڏاڍو رُنيـن هئين! ۽ اِهو چئي رهي هئين ته مون کي لڳي ٿو مان اڄ ڏاڍي اڪيلي ٿي وئي آهيان." هُن مون ڏانهن حيرت وچان ڏٺو،

"سمرينا، الائي ڇو مون کي لڳندو آهي ته تون اُن کان اڳ به اڪيلي هئين، تون پنهنجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي هئين. پوءِ توکي اُن ڏينهن اڪيلائي جو شدت سان احساس ڇو ٿيو هو؟"

"ها ملهار! توکي ڪيترا ڀيرا ٻڌايو جو آهي ته مان اڪيلي ته ننڍپڻ کان ئي هئس، پر پوءِ به الائي ڪهڙو ڏڍ هئم بابا جي هُجڻ جو. جيتوڻيڪ، مون ڪڏهن به بابا کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. بابا مون کي گرجا ۾ ڇڏيو ۽ مون کان دور رهيو اُها ڪاوڙ پنهنجي جاءِ تي، پر مون ڪڏهن به بابا کي پنهنجو نه سمجهيو هو، جيڪو ماڻهو پنهنجي زال جو قتل ڪري ڇڏي....!" هُن جملو پورو ئي نه ڪيو ته مون کان ڄڻ دانهن نڪري وئي،

"هانءِ... تون اِهو ڇا پئي چوين؟"

"ڏس ملهار! تون اجايو اڻڄاڻ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر، توکي ڄڻ خبر ئي ڪونهي ته بابا، امان جو قتل ڪيو هو."

"سمرينا مون کي ته خبر آهي، پر اِها خبر نه هئم ته ڪو توکي اِن ڳالهه جي خبر هوندي. جيڪڏهن توکي اِن ڳالهه جي خبر هئي ته پوءِ اُستاد جوزف جي مجبوريءَ کي به سمجهي سگهين ٿي ته هو ڇا لاءِ توکان پري رهيو ۽ توکي گرجا حوالي ڪري ڇڏيائين." سمرينا جي اکين مان لڙڪ قطارون ڪري نڪتا، هوءَ بي انتها روئڻ لڳي،

"ڇري، روئين ڇا لاءِ ٿي، مان ڪو اُستاد جوزف جي وڪالت نٿو ڪريان، پر رڳو ايترو چوڻ ٿو چاهيان ته اُستاد جوزف توکي مجبوريءَ جي حالت ۾ گرجا گهر ڇڏيو هو، ڇو ته گرجا کان وڌيڪ سندس ذهن ۾ تولاءِ ڪابه محفوظ جاءِ ڪونه هئي." هوءَ روئيندي رهي،

"ڏس سمرينا! جيستائين ڳالهه تنهنجي ماءُ جي قتل جي آهي ته تنهنجي پيءُ وٽ اُن ڪانسواءِ ڪا ٻي واٽ ڪونه هئي! مان گهڻو تفصيل ۾ نه ويندسُ، پر ايترو ضرور چوندس ته اُستاد تنهنجي ماءُ جو قتل به توکي ۽ تنهنجي آئيندي بچائڻ لاءِ ڪيو هو." مون اڃان ڳالهائڻ پئي چاهيو پر، سمرينا يڪدم وچ ۾ چيو،

"منهنجو آئيندو! تڏهن بابا جيل هليو ويو ۽ مون کي اڪيلو ڪري ڇڏيائين! بابا منهنجو هُجي ها، ڪيس منهنجي آئيندي جو احساس هُجي ها ته ائين هرگز نه ڪري ها. ملهار! تون اِهو نه سمجهه ته مون کي ڪو افسوس آهي ته منهنجي ماءُ قتل ٿي وئي. مون کي ته اِهو افسوس آهي ته منهنجي ماءُ جي قتل پُٺيان منهنجو بابا به جهڙوڪر قتل ٿي ويو ۽ اُن پُٺيان وري منهنجو آئيندو ختم ٿي ويو." مان خاموشيءَ سان ڪيس ڏسڻ لڳس،

"ملهار! بهتر هو ته بابا اُن وقت مون کي به ماري ڇڏي ها!"


"تون اِهو ڇا پئي چوين سمرينا....!"

"ها ملهار! مان سچ پئي چوان، منهنجو بابا جيترو وڏو ماڻهو هو، اوترو ئي ڏاڍو معصوم به هو، ڪيس اِهو اندازو ئي نه هو ته، ڌيءَ جي ذات جيتري ماءُ پيءُ جي نظر ۾ محفوظ هوندي آهي، اوترو ٻيو ڪٿي به محفوظ رهي نٿي سگهي. بابا جي نظر ۾ گرجا مقدس هُجڻ سان گڏ مون لاءِ محفوظ ترين جاءِ هئي.. پر...!" هوءَ وري سُڏڪڻ لڳي. مون کي اندازو هو ته سمرينا سان راهبا جيڪو ڪجهه ڪندي رهي هئي، اُن ڪري هوءَ ڏاڍي ڏکايل هئي، مون ڪيس آٿت ڏيندي چيو،

"سمرينا، مون کي اندازو آهي ته راهبا جي سلوڪ ڪري تون ڪافي پريشان رهي آهين، پر هر جاءِ ائين ڪونهي...."

"رڳو راهبا! ملهار... رڳو پوڙهي راهبا ئي نه پر، اُن راهبا جنهن کي مون پهريون ڀيرو پنهنجي بالغ ٿيڻ جو ٻُڌايو هو، اُن ڇا ڪجهه نه ڪيو..." هوءَ سُڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

مان خاموش ٿي ويس سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڪيئن سمرينا کي سمجهايان، اِن ڪري ڪيس پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنم ۽ ڪافي دير تائين اِن ڳالهه تي سوچيندو رهيس ته هوءَ مسلسل ڪهڙو اِهڙو سچ آهي جيڪو لِڪائي ويندي آهي، ٻُڌائڻ چاهيندي به ٻُڌائي نه سگهندي آهي. ....(هلندڙ)....



# ڪوڙي ايف آءِ آر ۽ ان جي سزا

عامر درازي

ايف آءِ آر (فرسٽ انويسٽيگيشن رپورٽ) جنهن کي قانوني عمل ۾ ابتدائي رپورٽ چيو ويندو آهي. جنهن جو اندراج فوجداري قانون جي 154 شق تحت ڪيو ويندو آهي.
ان کان علاوه علائقي جي مئجسٽريٽ وٽ 22 A جي درخواست تحت به اندراج ڪرائي سگهجي ٿو، پر ان ۾ سڀ کان اول اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ايف آءِ آر جو اندراج ٿيڻ ڪانپوءِ سڄو ڪيس ان تحت ئي هلندو آهي. ان ايف آءِ آر تحت ڪيس جي جاچ به ٿيندي، گواهه به انهيءَ تحت پنهنجو بيان قلمبند ڪرائيندا. ان جي بنيادن تي جوابدار کي سزا به ملندي. جيڪڏهن ايف آءِ آر ڪوڙي ثابت ٿي ته فريادي مٿان به قانوني ڪارروائي عمل ۾ اچي سگهي ٿي. ان ڪري ايف آءِ آر جي اندراج ڪرائڻ وقت خاص ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. ايف آءِ آر مطابق اهم ڳالهيون پهرين مضمون ۾ پڙهندڙن اڳيان رکيون ويون هيون.





اسان کي ڪوبه قانوني قدم کڻڻ کان پهرين ٿوري گهڻي ڄاڻ هجڻ انتهائي لازمي آهي. جو ته اسين اهڙي ملڪ ۾ رهون ٿا جنهن ۾ ڏوهي ۽ بي ڏوهي هڪ صف ۾ بيٺل نظر اچن ٿا. جيڪڏهن ماڻهن جو عدالت سڳوري تان ويساهه کڄي ويو آهي ته ان ۾ عدالت سڳوري کي به پنهنجن فيصلن تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسين جنهن سماج جو حصو آهيون بدقسمتي سان گهڻي ڀاڱي اهو ڏوهارين سان ڀريل آهي، هر ماڻهو ڪنهن ننڍي يا وڏي ڏوهه ۾ ملوث آهي. جهڙوڪ: سگنل ٽوڙڻ، قانوني عملدارن سان غلط ورتاءُ ڪرڻ، نشي وارين شين جو واهپو، ڪرپشن، ٻين جي حقن تي ڌاڙو، ڦُر، زمين تي قبضو، قتل، عورتن سان غلط ورتاءُ وغيره وغيره. جنهن جو سبب قانون جي عملداري جو نه هجڻ آهي، هي سڀ سماج جا اهم مسئلا آهن، جنهن کان اسين منهن موڙي نٿا سگهون نه وري انهن سيني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قانوني طريقي سان عمل ڪندا آهيون.

جيڪڏهن ايف آءِ آر ڪوڙي آهي ته اهڙي ايف آءِ آر کي ختم ڪيئن ڪرائجي ۽ ان ڪوڙي ايف آءِ آر درج ڪرائڻ واري جي ڪهڙي سزا آهي؟ جيڪڏهن ايف آءِ آر جعلي آهي ته فوجداري قانون جي سيڪشن 182 هيٺ فريادي ڌر تي ڪارروائي ممڪن عمل ۾ اچي سگهي ٿي. فوجداري قانون مطابق 63، 157، 169 شق هيٺ جيڪڏهن ملزم خلاف ڪابه شهادت ڪوڙي ملي ته ملزم کي فورن رها ڪيو ويندو. مقدمي جي خارج رپورٽ فوجداري قانون جي شق 173 تحت چالان ٺاهي حد جي مئجسٽريٽ ڏانهن موڪليو ويندو. فوجداري قانون جي شق 182 هيٺ ٿيل انڪوائري جي رپورٽ علائقي جي مئجسٽريٽ وٽ جمع ڪرائي ويندي. هو انهيءَ رپورٽ کي غور سان پڙهندو ان ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪرائيندو ان ڪانپوءِ فرد جرم عائد ڪندو ان ڪانپوءِ مدعي کي قانون جي دائري ۾ اختيار ڏيندو ته هو پنهنجي سچائي ثابت ڪري ۽ ان ڪانپوءِ فوجداري قانون جي شق 342، (2) 340 هيٺ بيان قلمبند ڪندو ان ڪانپوءِ ايندڙ شهادتن کي ڏسي مدعي کي باعزت بري ڪري سگهي ٿو.

ڪوڙي ايف آءِ آر جي سزا ست سال قيد ان صورت ۾ ٿيندي جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو ڪوڙي ايف آءِ آر سزا جهڙي ڏوهه جي ڳالهه ڪري ٿو يا وري پنج سال سزا ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿي ته ڪمپلينٽ ڪنهن ماڻهو مٿان ڪوڙو الزام عمر قيد ڪرائڻ جيترو لڳايو آهي، اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪوڙي ايف آءِ آر جي سزا ڏوهه جي الزام جي مناسبت سان هوندي، اها سزا پئسن جي صورت ۾ يا وري قيد جي صورت ۾ يا وري ٻنهي صورتن ۾ به ٿي سگهي ٿي.

جنهن شخص خلاف ڪوڙي ايف آءِ آر درج ڪرائي وئي آهي اهو شخص ڪوڙي ايف آءِ آر مان آجو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪمپلينٽ ڌر تي Compensation جو ڪيس به داخل ڪرائي سگهي ٿو. Compensation مان اها مراد آهي ته جنهن ڪوڙي ايف آءِ آر ۾ ذهني اذيت برداشت ڪئي، معاشري ۾ سندس مان ۽ مرتبو متاثر ٿيو، وڪيل ڪيو، ان کي في ادا ڪئي. ان کان علاوه ان شخص جو ڪاروبار متاثر ٿيو، سندس خاندان اذيت برداشت ڪئي، عزت متاثر ٿي. انهن سيني نقصانن جو تدارڪ عدالت سڳوري وقت موٽائي ته نٿي ڪري سگهي، پر ان شخص جي درخواست تي عدالت سڳوري ان درخواست کي مڪمل طور تي ٻڌندي ۽ متاثر ٿيل شخص يا خاندان کي انصاف ڏيارڻ جي ذميوار پڻ رهندي. انهن سيني شين لاءِ ضروري آهي ته هر عام ماڻهو کي پنهنجي ملڪ جي قانون جي ڄاڻ هجڻ گهرج ۽ پنهنجن حقن ۽ ذميدارين جي باري ۾ به ان کي خبر هجڻ گهرجي ته جيئن هو هڪ ذميدار شخص طور معاشري ۾ زندگي گذاري سگهي ۽ جيڪڏهن ساڻس ڪا زيادتي ٿئي ٿي ته هو قانون جو سهارو وٺي انصاف حاصل ڪري سگهي.



# اکري سئو وکري

## بيت_ شاهہ لطيف

همسري

**جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ مُنهَن ۾ مُندِا1 پاءِ،**
**ڪَنين2 ڪپِنَ وجائِيو، جن ۾ ڪوڙين ڪَڪَرَ3 وِڌاءِ4،**
**چِڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چَمِڙا5، جُتي تو نہ جُڳاءِ،**
**تہ سامِيڙا6! سَنديِاءِ7، ڳُرو وَٽِ ڳِلا نہ ٿِئي.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. مُندِا- ڇلا يا (ماٺ اختيار ڪرڻ). 2. ڪَنين- تنهنجي ڪنن. 3. ڪڪر- چير. 4. وِڌاءِ- وڌ. 5. چمڙا- چم جا ٽڪر. 6. ساميڙا- سامي. 7. سنديِاءِ- تنهنجي.

****

اصطلاح

همسري

**ملتاني گهيتلو هئڻ:**

جنهن ڪنهن سان پورو هئڻ، "تون آهين ملتاني گهيتلو، جنهن بہ آفيس ۾ ويندين تہ بنا پئسي ڪم ڪڍي ايندين." گهيتلي جا ٻئي پادر هڪ جهڙا هوندا آهن، يعني سڄو ۽ کٻو نہ ٿيندو آهي. جيڪڏهن سڄي پير جو کٻي پير ۾ يا کٻي پير جو سڄي پير ۾ اچي ويو تہ ڪو فرق ڪونہ پوندو.

****

مختصر ڪهاڻي

آخوند عباس

**ستن پٽن ماءُ**

ڇيٽ جو وڳو پهريل.. هٿ ۾ لٺ، ڪُبڙو وجود، هڪ اک تي ڪپهہ ٽيپ سان لڳل، مٿان ڪارو چشمو پهريل پوڙهي رش هوندي بس ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ۾ هئي. ڪنڊيڪٽر هڪل ڪئي، هل پوڙهي.. سگهي چڙهہ.. ابا اک جي آپريشن ڪرائي اٿم، گهڙي ساعت جهل لاريءَ کي تہ ڪري نہ پوان. اڙي امان. هڪڙو پير قبر ۾ ٻيو زمين تي، هاڻ ڪهڙو ويهي سئيءَ ۾ سڳو وجهندينءَ... پوڙهيءَ دڙڪو ڏيندي چيس، حجت نہ ڪر، ستن پٽن ماءُ آهيان.. ڪنڊيڪٽر کلندي چيس، اڇا امان..؟؟!! پوءِ ٻڌ.. ست پٽ اٿئي ڪٿي؟؟ پوڙهي ماضيءَ مان جواب ڳولڻ وئي هلي، ايتري ۾ وري هڪل ٿي.. چڱو پوڙهي... هٿ ڏي تہ مٿي چاڙهيائين.

****

نئين ڪويتا

**جڏهن بہ جنگ لڳي آهي،**

عيسيٰ ميمڻ

اکين جون سرحدون محدود ٿي وڃن ٿيون،
دلين جا رستا سوڙها ٿي وڃن ٿا،
دماغن کي اڏوهي کائڻ لڳي ٿي،
پيٽ جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا،
ساهہ جي سڳنڌ ۾ بارود جي بوءِ پرجي وڃي ٿي،
چاهہ جا سرچشما سڪي وڃن ٿا
مائرن جون ڪکيون خالي ٿي وڃن ٿيون،
عزتون نيلام ٿيڻ لڳن ٿيون،
ڌرتي جي ساوڪ ويراني ۾ بدلجي ٿي،
جڏهن بہ جنگ لڳي ٿي.
جڏهن بہ جنگ لڳي ٿي
نفرت جو ديو ڌرم جاڳي پوي ٿو
قبرستان جون حدون لا محدود ٿين ٿيون،
خواب جنگي قيدي ٿين ٿا
معصوم چهرن تان مرڪ جلا وطن ٿئي ٿي،
خوشيون بيوفا ٿين ٿيون ۽
گلابن جي جاءِ تي گوليون ڦٽنديون آهن،
جڏهن بہ جنگ لڳي ٿي
جڏهن بہ ڪا گولي هلي ٿي.
احساس مرن ٿا،
وشواس مرن ٿا،
انسانيت بيواهہ ٿي وڃي ٿي،
جڏهن بہ سرحد جي هُن پار يا هِن پار
ڪا گولي هلي ٿي
روح منهنجو زخمي ٿئي ٿو
منهنجي شعور جو قتل ٿئي ٿو،
منهنجي ويساهہ مان رت ريلا ڪري وهي ٿو،
پٽائي جي تنبوري جون تارون ٽٽي پون ٿيون،
جڏهن بہ ڪا گولي هلي ٿي.
جڏهن بہ جنگ لڳي ٿي.

****

مختصر ڪهاڻي

قرض

مخدوم حفصہ قريشي

وڏيون وڏيون وکون کڻندي گهر ڏانهن پيو اچي. اچان گهٽيءَ ۾ مس پهتو تہ موبائل تي ڪال آيس، هيلو... پياري ڏي خبر... جاني گُڊ نيوز آهي، جان ڇُٽي وئي خواريءَ مان... تنهنجي آندل ٽيبليٽس ڪمال ڪري ڇڏيو... الا سهٽي سچي ٻڌائي. پوءِ ڪڏهن ٿي ملين... ڏاڍي ياد پئي اچين!! ڪافي ويڪنيس ٿي فيل ڪيان، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ملنديس فون بند... ڪنهن فاتح جيان مغرور وکون کڻندو گهر پهتو... در ٺُپندي شرط ئي ماءُ جو آواز ڪنن تي پهتُس...!! ابا ايتري دير ڪري آيو آهين، وارو ڪر... پيڻ کي ڊاڪٽر ڏي وٺي وڃ، دل ۾ ڌڪ لڳُس... پر همت ڪري پڇا ڪيائين... ڇو امان ڇا ٿيو اديءَ کي!! الائي ابا... صبح کان اُلٽيون ڪري ڪري اڌ مُئي ٿي پئي آهي... ڪُليل اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي... هن جي پيرن هيٺان ڪسڪيل زمين ۾ جذب ٿي ويا...!!

****

منافق

اشرف لاريب

منافق جو ڪو بہ رنگ نہ هوندو آ
نہ ڪو چهرو نہ ڪو سنگ هوندو آ
هوندو آ سيني سان هڪجهڙو
پر چال ۾ ونگ ۽ ڏنگ هوندو آ
پنهنجن ارادن سان ڪري ٿو سيني تي وار
پر پوءِ بہ هڪ ڏينهن ٿيو پوي نروار
منافق جي اٽڪلن ۾ معصوم ٿيو پون لاچار
پر خدا جي ذات آهي قهار
معصوم ڇو بيٺو آهين غمناڪ
نيٺ تہ منافق جو انت ٿيندو دردناڪ
ڇاڪاڻ تہ منافق جو ڪو بہ سنگ نہ هوندو آ
نہ ڪو چهرو نہ ڪو رنگ هوندو آ.

ويران شهر جي ڏنل ريلوي اسٽيشن جي ملبي مٿان لنگهي، مان پليٽ فارم تي پهتس، پر پليٽ فارم تي گهڻو ملبو نہ هو ۽ ريلوي ٽريڪ بلڪل صاف هو. مون کي ٻڌايو ويو هو تہ، ”هن شهر منجهان آخري ريل اڌ صدي اڳ لنگهي هئي، جنهن کانپوءِ وري ڪابہ ريل هن شهر ۾ ناهي آئي...“ پر ريل جون پٽڙيون ايئن چمڪي رهيون هيون، ڄڻ انهن پٽڙين تان روز ڪيتريون ئي ريلون گذرنديون رهيون هجن.

مون پليٽ فارم تي ٻنهي پاسي نهاريو. چانهہ جي اڌ ڏنل اسٽال تي چلهي ۾ باهہ ٻري رهي هئي. چلهي تي رکيل ٽانوَ ۾ چانهہ بہ ڪڙهي رهي هئي، پر اسٽال تي ڪوبہ ماڻهو موجود نہ هو. مان ڏاڍو ٿڪجي پيو هئس ۽ چانهہ جي ضرورت بہ محسوس ڪري رهيو هئس. مون اسٽال جي ويجهو وڃي، اسٽال

## ڪهاڻي

# پوئين بينچ تي ويٺل ماڻهو

**زيب سنڌي**

اندر هيٺ جهاتي پائي ڏٺو، پر ڪوبہ ماڻهو نظر نہ آيو.

مون پليٽ فارم جي هڪ پاسي نهاري، رڙ ڪري چيو، ”ڪوئي آهي....؟“

مون ڪجهہ دير انتظار ڪيو پر ڪوبہ جواب نہ آيو.

مون پليٽ فارم جي ٻئي پاسي نهاري، رڙ ڪئي، ”ڪوئي آهي...؟“

مون ڪجهہ دير انتظار ڪيو، پر وري بہ ڪو جواب نہ آيو.

مون اسٽال ۾ اندر وڃي ڪڙهندڙ چانهہ منجهان هڪ ڪَپ ڀريو ۽ پليٽ فارم تي موجود هڪ بينچ تي وڃي ويهي رهيس. مون چانهہ پي خالي ڪَپ بينچ تي رکيو تہ اڌڙوٽ عمر جو هڪ شخص منهنجي سامهون اچي ويٺو. مون چانهہ جا پئسا ۽ خالي ڪَپ ڪٽي هن ڏانهن وڌايو تہ هن مرڪي چيو، ”مان چانهہ وارو ناهيان. مان تہ پاڻ مسافر آهيان ۽ توهان کان اهو پڇڻ آيو آهيان تہ ڇا ريل ليٽ تي وئي آهي؟“

مون حيرت سان وراڻيو، ”پر مون کي تہ انسانن کان خالي هن ويران شهر جي آخري رهاڪو پوڙهي شخص ٻڌايو آهي تہ، هن شهر جي هيءَ ريلوي اسٽيشن ڪيئي سال اڳ ڍهي ملبي جو ڍير بڻجي وئي هئي. هن شهر منجهان آخري ريل بہ اڌ صدي اڳ لنگهي هئي، جنهن کانپوءِ وري ڪابہ ريل هن شهر ۾ ناهي آئي...“

منهنجي سامهون ويٺل شخص وراڻيو، ”اهو پوڙهو شخص ڪوڙ ٿو ڳالهائي. سندس ڪم ئي مسافرن کي رلائي ۽ ڦاسائي مارڻ آهي!“

مون پنهنجي اندر ۾ خوف جي لهر اٿندي محسوس ڪئي.

انهيءَ شخص بينچ تي ويهندي چيو، ”هن اسٽيشن تان سموريون ريلون روز پنهنجي وقت تي لنگهنديون آهن.“

مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو. مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ منهنجو پراسرار حالتن سان واسطو ڇو پئجي رهيو آهي!

هن پڇيو، ”توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“

مون ڪيس پنهنجي شهر جو نالو ٻڌائڻ کانپوءِ هن کان پڇيو، ”توهان ڪيڏانهن ويندا؟“

هن سگريٽ دکائيندي وراڻيو، ”هن شهر ۾ منهنجو ڪم پورو ٿي ويو. هاڻي مون کي جتان جو حڪم ملندو اوڏانهن هليو ويندس.“

مون کي سندس ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. پڇيم، ”توهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو، جيڪو هن شهر ۾ پورو ٿي ويو ۽ هاڻي...“

هن منهنجو جملو پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي، سگريٽ جو دونهون منهنجي مُنهن ۾ هٽندي چيو، ”مان ماڻهو مارڻ جو ڪم ڪندو آهيان. آبادين کي ويرانين ۾ بدلائيندو آهيان. هن شهر کانپوءِ، هاڻي مون کي جتان جو حڪم ملندو، اوڏانهن روانو ٿي ويندس.“

مان ڇرڪي پيس. منهنجي جسم ۾ خوف جي هڪ لهر ڊوڙي وئي. منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا. مون اتان اٿي هن کان پري وڃي ويهڻ لاءِ سوچيو پر انهيءَ مهل ئي هن جي موبائل فون جي بيل وڳي ۽ هو فون تي ڳالهائڻ لاءِ پاڻ ئي اتان اٿي پرتي هليو ويو.

مون پنهنجي موبائل فون تان پنهنجي شهر جي پوليس چيف کي فون ڪئي. منهنجي شهر جي پوليس چيف مون کان انهيءَ شخص جي حليي بابت معلومات وٺڻ کانپوءِ چيو، ”پوليس کي گهڻي وقت کان انهيءَ مجرم جي ڳولا هئي. اهو علائقو منهنجي حد ۾ تہ ناهي، پر توهان فڪر نہ ڪيو. توهان ڪيڏانهن نہ وڃجو، اتي ئي موجود رهجو. تمام جلد ويجهو موجود پوليس پهچي ويندي.“

اهو شخص فون تي ڳالهائيندو واپس آيو ۽ منهنجي پٺيان واري بينچ تي ٻئي پاسي مُنهن ڪري ويهي رهيو.

ٿوري ئي دير ۾ هڪ پوليس آفيسر پنهنجي فورس سان گڏ ريلوي پليٽ فارم تي پهچي ويو. فورس جا ڪيترائي جوان ڊوڙندا اسان طرف اچڻ لڳا، پر اهو شخص ڏاڍي سڪون سان منهنجي پويان واري بينچ تي ويٺو رهيو.

فورس جي جوانن ويجهو پهچي، مون ڏانهن هٿيار سڌا ڪري مون کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. پوليس آفيسر مون کي هٿڪڙي لڳائي تہ مون انتهائي حيرت سان پڇيو، ”مون کي ڇو ٿا گرفتار ڪيو!؟“

پوليس آفيسر پنهنجي کيسي منجهان هڪ تصوير ڪڍي مون کي ڏيکاريندي چيو، ”اسان گهڻي وقت کان تنهنجي ڳولا ڪري رهيا هئاسين!“

مون سخت حيرت سان رڙ ڪري چيو، ”پر اها تصوير تہ انهيءَ شخص جي آهي، جيڪو منهنجي پويان واري بينچ تي ويٺو آهي!“

پوليس آفيسر منهنجي ڳالهہ ٻُڌي مُرڪي چيو، ”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون مجرم ڏٺو آهي، جيڪو پنهنجي شڪل سڃاڻڻ کان بہ انڪار ٿو ڪري!“

مون وڌيڪ حيرت سان پڇيو، ”توهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو؟“

پوليس آفيسر طنز واري انداز سان وراڻيو، ”مان کيسي ۾ آئينو ناهيان رکندو جو توکي آئيني ۾ تنهنجي شڪل ڏيکاري سگهان!“

اهو چئي پوليس آفيسر هڪدم پنهنجي موبائل فون سان منهنجو فوٽو ڪڍي مون کي ڏيکاريو تہ مان ڇرڪي پيس. فوٽوءَ ۾ شرٽ تہ منهنجي هئي، پر چهرو پوئين بينچ واري ماڻهوءَ جو هو!



مون سخت حيرت منجهان هڪدم پوئتي ڪنڌ ورائي ڏٺو.

پوئين بينچ تي ويٺل ماڻهو مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهيو هو. سندس چهرو تبديل ٿي چڪو هو ۽ اهو تبديل ٿيل چهرو منهنجو هو!

ڪهاڻي

# آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس!!


مسافر هاليپوٽو

ڪنهن منهنجي جسم کي زور سان ڌونڌاڙيو هو... هڪ دفعو ٻيهر مون کي منهنجي جسم ۾ وڏي ولوڙ ۽ ڌُوڻ محسوس ٿي...

هاڻي مون کي ڪجهہ جاڳ هئي، پر اڃان پوري طرح شعور ۾ نہ آيو هئس... تہ وري بہ پنهنجي پاڻ ۾ ساڳيو لڪاءُ محسوس ڪيو هئم... جنهن سان منهنجي اکين جي ننڊ وڌو ٿاهہ ڪاڌو هو... هڪ پل ۾ اکيون کُليون ويون هيم.

عقل ۽ شعور جو هانءُ ٿي ڦاٽو.. حيرت سان گڏ خوفزده ٿي ويو هئس، هڪ نوجوان منهنجي کٽ جي ڀرسان بيٺل هو... سندس ڏاڙهي وڌيل هئي.. وار بہ وڏا ۽ ميرا هئس..

سندس بدن تي ڦهريل لباس هنڌ هنڌ کان ڦاٽل ۽ ٽُٽل هو، هي پاڳل البيلو ڪير اچي منهنجي گهر ۾ بيٺو آهي... خوف ۽ حيرت سان گاڏڙ سوال اندر ئي اندر جنم وٺي دم ٽوڙيو هو.. ٻئي پل ۾ پاسي واري کٽ ڏانهن نهاريو هئم جنهن تي منهنجي گهرواري ننڍڙي پُٽ سان گڏ اگهور ننڊ پيل هئي... دل ئي دل ۾ سندن خيريت جو شڪر ادا ڪرڻ لڳو هئس تہ اوچتو هُن پنهنجي هڪ آڱر پنهنجي چپن تي رکي مون کي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو هو ۽ گڏوگڏ پاڻ سان گڏ هلڻ جو اشارو ڪيو... ان پل مون پنهنجي ساهہ جي سهڪي کي بہ گهُٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اُٿي پير ۾ چمپل پائي هُن طرف وڌيو هئس ۽ هو اڳيان هلڻ لڳو هو... جيئن ئي گهر جي مين گهٽي کان بہ قدم اڳتي وڌياسين تہ حيرت جو مادو ويتر وڌي ويو هو جو تہ ٻاهر تہ سڄو وايو منڊل ئي بدليل هو هڪ وڏو ڪشادو رستو هو جنهن جي پاسن کان فوٽ پاٿ ٺهيل هو ۽ ان تي بجليءَ جي ٿنڀن ۾ لڳل بلب هلڪي روشنيءَ ۾ ٽم ٽم ٽمڪندا ٿي نظر آيا ۽ رستي جي بلڪل پاسي کان وڏا وڏا عالشان بنگلا ۽ محل ٺهيل هئا جڏهن تہ منهنجو ڳوٺ مڪمل گندگيءَ جو ڍير هوندو آهي... اهڙي عجيب منظر منهنجي بدن مان سَتِ ساهہ ڪڍي ورتو هو... قدم ڳرا محسوس ڪيا هئم ايتري ۾ پنهنجي هٿ ۾ ڪنهن ٻئي هٿ جو ڇهاءُ محسوس ٿيو هئم... ڏٺم تہ اهو عجيب شخص مون کي منهنجي هٿ مان پڪڙي پاڻ سان گڏ وٺي اڳتي وڌڻ لڳو هو... جيئن ئي ڪجهہ قدم اڳتي وڌياسين تہ سامهون هڪ ڀيانڪ منظر اکين آڏو اچي ويو هو ڪيترائي ننگا ماڻهو ان فوٽ پاٿ تي سُتل ڏٺا هئم... آئون مڪمل طور تي حراسجي چڪو هئس، پر اُن شخص مون کي اتي گهڻي دير بيهڻ نہ ڏنو هو ۽ اسان وري بہ اڳتي وڌي وياسين هلندي هلندي ڪجهہ ئي وکن جي فاصلي تي پهتاسين تہ بنهہ حيرت زده ٿي پيس ڇا ڏسان تہ هڪ عاليشان محل نما گهر جي اڳيان بيٺل وڻ ۾ هڪ عورت ۽ ٻہ معصوم ٻارڙا ٽنگيل هئا... ايئن ٿي لڳو جڻ بس هاڻي ئي تڙپي تڙپي ساهہ ڏنو اٿن.. ان پل ئي ان عجيب شخص مون کي ٻانهن مان جهلي اهو سڀ ڪجهہ ڏسڻ جو اشارو ڪيو هو. آئون صفا خوف ۾ ورتل هئس سوچ سمجهہ واري سگهہ ساٿ ڇڏي چڪي هئي، انهن سوچن ۾ ئي ڦاٿل رهيس تہ ان پاڳل شخص وري بہ اڳتي وڌڻ جو چيو هو... بس قدم قدم حيرت جا ڇار وڇايل هئا جن ۾ منهنجو من ۽ ذهن اُلجهندا ٿي رهيا، پر وري ساڳي ڪار ٿي نہ چاهيندي بہ قدم اڳتي وڌي ويا بس ڪي ساعتون ئي گذريون هيون تہ اوچتو گهوڙا ٻچايو مون کي گهوڙا ڙي ٻچايو... جون خوفناڪ رڙيون ڪنن تي پهتيون هيون ڇا ڏسون وچ رستي تہ چار اگهاڙا مرد هڪ معصوم ڇوڪريءَ کي ڇيڀاٽي ۽ پٽي رهيا هئا ۽ هوءَ خوف وچان رڙيون ڪري رهي هئي.. پر ڪو انساني وجود سندس بچاءَ لاءِ ايندو ڪو نہ ڏٺم.. دل ۾ خيال آيو تہ ڊوڙ پائي وڃي انهن اگهاڙن مردن کان اها معصوم ڇوڪري ڇڏائي وٺان جيڪا بس ڪجهہ وکن تي بي آبرو ٿيندي ڏسي رهيا هئاسين... پر اهو سڀ وس ۾ ئي نہ رهيو هو... انهي عمل دوران ئي ان شخص مون کي وري اڳتي هلڻ لاءِ چيو هو... ۽ آئون ٿڪل ٽٽل قدمن سان اڳتي وڌڻ لڳو هئس.. هاڻي ان ڪشادي رستي جي ڀرسان اهي وڏا وڏا محل ۽ بنگلا نہ هئا، پر گند ۽ ڪچري جا وڏا ڍير نظر ٿي آيا ۽ هڪ ڀيانڪ ۽ زهر آلود بدبو ۾ ساهہ کي منجهندو محسوس ڪيم ان ئي ڪيفيت ۾ اهو البيلو شخص وري بہ رڪجي ويو هو ۽ وڏي رڙ ڪري مون کي اڳيان ٿيڻ لاءِ ڌڪو ڏنائين جيئن ئي ڪِرَڻ کان بچي پاڻ سنڀاليم تہ اوچتو نظرن تي جڻ ڪاري پٽي اچي وئي هئي هڪ قيامت خيز منظر هو اکين جي سامهون... ان ڪچري جي ڍيرن تي ڪيترائي ابهم ٻار پيل هئا جن کي ڪُتا چيري ڦاڙي پٽي کائي رهيا هئا... منهنجون اکيون مري چڪيون هيون يڪ ٽِڪَ ان ئي منظر تي کُپي ويون هيون ڏٺو هئم تہ ڪيترائي ابهم ٻارڙا زنده هئا سندن معصوم عضوا چُري ڦُري رهيا هئا پوءِ بہ اُهي رولُو ڪتا ڪين پٽيندا ۽ کائيندا رهيا هئا... انهيءَ منظر ڏسڻ ڪانپوءِ اهو پاڳل شخص بہ جڻ هوش وڃائي چڪو هو ڏٺم تہ سندس اکين مان لڙڪن بجاءِ رت ٽِمي رهيو هو... ۽ سندس ساهہ جڻ تہ سندس سيني کي ٽوڙي ٻاهر ٿي نڪتو... ايتري ۾ ان منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ اتان ڀڄڻ جو چيائين ۽ اسان تيزيءَ سان ايئن ٿي ڊوڙندا وياسين جڻ ڪو اسان ٻنهي کي مارڻ چاهيندو هجي ۽ اسان اتان جان بچائي نڪتا هجون بس اک پُور پَٽ ۾ اسان وري بہ منهنجي گهر جي گهٽي تي بيٺا هئاسين ان پاڳل منهنجي ٻانهن مان هٿ ڪڍيو هو ۽ هڪ طرف آڱر سان اشارو ڪيائين ڏٺم تہ ڪيترائي ڳڀرو نوجوان هڪٻئي تي خنجرن جا وار ڪري هڪٻئي کي ماري رهيا هئا... اهو سڀ ڪجهہ منهنجي بدن کي سُن ڪري ويو هو. ايتري دير ۾ ان پاڳل شخص وري مون کي زور سان ڌونڌاڙيو هو. جنهن تي مون ڪيس هڪ نظر ڏٺو هو... هي سڀ ضمير اٿئي جيڪي پنهنجو پاڻ کي ماري رهيا آهن... ۽ آئون تنهنجو ضمير آهيان... سندس دهشناڪ لفظن ويتر ڇرڪائي وڌو هئم... ڪجهہ پل چپ رهي وري چيائين... ڏڄين ٿو نہ!؟ سندس سوال مون وٽ ئي رهجي ويو هو ۽ منهنجي جواب ٻُڌڻ ڪانسواءِ وري چيائين... ڏڄ نہ... مون جيڪو ڏٺو سو توکي ڏيکاريم هاڻي آئون مري ٿو وڃان تون بي خوف زنده رَهُہ.. ايئن چئي اهو پاڳل شخص بہ انهن ڳڀرو نوجوانن طرف ڊوڙ ٿو پائي... ايتري ۾ مون زوردار رڙيون ڪيون آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس.... منهنجي رڙين تي سڄو گهر ۽ پاڙو اڌ رات جو اٿي ٿو پوي منهنجي گهر واري پائر ننڍڙا ٻار ٻچا سڀ منهنجي چوڌاري ڦريا بيٺا هئا منهنجو بدن پگهر ۾



ٻنل هو ۽ منهنجو ڪنڌ امڙ جي گوڏي تي پيل هو ۽ منهنجي چپن تي اهي ئي لفظ هئا آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس.. آئون توکي مرڻ نہ ڏيندس..

## ڪهاڻي

# تعويذ

**جاويد عباسي**

سال گذري ويا هئا، ماسٽرس ڪئي، پر نوڪري جو ڪو نالو نشان ئي نہ هو. نوڪري لاءِ درخواستون ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيو هئس، فوٽو اسٽيٽ جا خرچ، پوسٽ جا خرچ، هاڻي تہ بابي کان پئسا گهرندي بہ شرم پئي ٿيو. ڪميشن ۾ ليڪچرار جي نوڪري لاءِ ٽيسٽ ڏني هئي، بعد ۾ انٽرويو بہ ڏيئي آيو هئس، پر نتيجو اڃان زيرو. امان بابا جا خواب اڌورا، اميد ۽ آس ڄڻ ٽٽڻ لڳي لڳي هئي. اسان جهڙا ماڻهو پڙهندا ئي نوڪري لاءِ آهن، نوڪري بہ نہ ملي تہ پوءِ پڙهڻ مان فائدو، بهتر هو تہ ڪٿي مسترائپ سکان ها يا ڇولا ڪپايان ها، ٻہ رپيا ڪمايان ها، هاڻي تہ ان لائق بہ نہ رهيو هئس.

امان جو زور دعائن، ڌاڳن ۽ سڳن تي هو. روز ڪنهن نہ ڪنهن پير ڏي پنڌ پئي ڪندي هئي، حاضريون پئي ڀريندي هئي. تعويذ وٺي ايندي هئي "امان... اهي جيڪي پئسا تعويذ وارن کي ڏيئي ٿي اچين، اهي مون کي ڏيندي ڪر تہ ڪٿي نوڪري لاءِ درخواست ڏيان." مان امان جي اهڙن ڪمن کان تنگ هوندو هئس.

"ها... ابا توکي تہ ايمان ئي نہ آهي، انهن پيرن فقيرن جي دعائن ۾ اثر هوندو اٿئي." ائين چئي وري ڪو نہ ڪو تعويذ پاڻي ۾ ٻوڙي پياري ڇڏيندي هئي. مايوسي هڪ اهڙو دٻڻ آهي، جنهن ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ انسان ان ۾ ڦاسندو ئي ويندو آهي. مان بہ مايوسي جي انتها تي پهچي، ڪا واهہ نہ ڏسندي هڪ ڏينهن اهو فيصلو ڪيو تہ ڀلا ڪنهن پهتل پير کان دعا وٺان.

يارن کان پڇا ڳاڇا ڪري هڪ پير جي آستاني تي پهتس، وڏي رش هجي. پنهنجي واري تي پير جي آستاني ۾ داخل ٿيس تہ سامهون وڏو اڇي رنگ جو جُبو پاتل وڏي اڇي ڏاڙهي وارو بزرگ اکيون بند ڪريو تسبيح جي ورد ۾ گم هو، سندس چهري تي نور هو. چئني طرفن کان مرد ۽ مايون ميڙو ڪري ويٺل هئا، سيني جون اکيون احترام ۾ هيٺ هيون. مان بہ سرڪندو سرڪندو پير جي ويجهو ٿيس تہ ڪنن تي آواز پيو.

"اڙي.... ڪارا!"

مون کان ڇرڪ نڪري ويو، يونيورسٽي جا دوست مشڪي رنگ هئڻ ڪري مون کي ڪارو ڪري سڏيندا هئا. هت ڪنهن سڃاتو آ؟ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس. ٿوري دير ۾ ئي پير جا خليفا ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ لڳا، صرف مان ۽ پير آمهون سامهون ويٺا هئاسين، مان پريشان ٿي ويس الائي ڇا ماجرا آهي.

"ڪارا... سڃاتئي" پير گهوريندي مون ڏانهن ڏٺو، پر مان اتي ئي وائڙو ٿي بيٺل ويٺو رهيس.

"اڙي... مان آهيان ئي، يورپي گڏو" پير مرڪندي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو تہ مان ڇرڪ ڀري اٿيس. هي تہ جانو آهي يونيورسٽي ۾ هاسٽل تي منهنجو روم ميٽ هوندو هو، رنگ جو ڀورو هوندو هو. مون کي ڪارڙو چوندو هو تہ مان هن کي "يورپي گڏو" چوندو هئس ۽ پوءِ ٻئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا هئاسون. پير اٿي مون کي ڀاڪر ۾ ورتو.

"اڙي ويهہ... ڪاڏي ٿو وڃين" هو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو پر منهنجون ڦيتون ئي بند نہ ٿين.

"تون بہ مون پير کان تعويذ وٺڻ آيو آهين" هن مون کي پنهنجي ڀرسان صندل تي ويهاريو، پاڻي پيارئين تہ هوش سنڀاليم.

"جانو... هي ڇا چڪر آهي" مون ڪيس حيرانگيءَ مان گهوريندي پڇيو،

"يار... ڪو چڪر ناهي، بس بزنس آ، ڪاروبار آ" جانو ڏاڍو خوش هو. "ڪاروبار" مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو.

"هائو جاني، پيري فقيري هاڻي ڪاروبار آهي، هيءَ پوري انڊسٽري بڻجي وئي آهي، دعائون ڏيڻ، سڳا ڌاڳا ڦوڪڻ، تعويذ لکڻ هڪ ڪامياب ڪاروبار آهي.

"پر، اهو تہ فراڊ آهي، ماڻهن کي ٺڳيو ٿا" منهنجي چوڻ ۾ ٿوري ڪاوڙ هئي.

"تون اڃان اهڙو جو اهڙو آهين، يار، جيئن ٻيا ڪاروبار آهن ائين هي بہ ڪاروبار آهي. چوري، بي ايماني، ملاوٽ، ڪوڙ، دوکو ڪهڙي ڪاروبار ۾ ناهي، اهي تہ انساني جانين سان

کيڏن ٿا اسان تہ پوءِ بہ دعا ٿا ڏيون. سهڻا اسان بہ هن پيري مريدي واري ڪاروهنوار ۾ پئسو ٿا لڳايون، انويسٽميٽ ٿا ڪريون.“ هن تاڙو ملائيندي چيو، پر منهنجو دماغ ڳورو ٿيندي ٿي ويو.

”ٻڌ، نوڪريون تہ ملن نٿيون، مان بہ تو وانگر پريشاني ۾ هڪ پير ڏانهن تعويذ لاءِ آيس، پلو ٿئي ان پير جو، هن مون کي روزگار جو هي طريقو ٻڌايو. هن مون تي پئسو لڳايو، مڪان وٺي ڏنو. هي بزرگ وارو چهرو بہ هن جو ڏنل آهي. هي آسپاس موجود خليفہ بہ پگهاردار اٿئي، ڏيڍ سئو فقير منهنجا پگهار تي رکيل اٿئي، رات جو اچي حساب ڏيندا آهن ۽ هت ئي آستاني تي سمهي پوندا آهن، ڪائيندا پيئندا بہ هتان آهن. شهرن ۾ گهرن اندر ڪم ڪندڙ ڪيتريون ئي ماسيون بہ منهنجون پگهاردار اٿئي، جيڪي منهنجي ڪرامتن جو ڍنڍورو گهر گهر تائين پهچائينديون آهن ۽ بيگماتن کي منهنجو مريد بڻائينديون آهن. ڌاڳا، سڳا ۽ تعويذ اسان پيرن فقيرن جون پراڊڪٽس ٿئي، ڪمائي جو ٽيون حصو پنهنجي مها پير مرشد کي ڏيندو آهيان، جنهن مون تي پئسو لڳايو.“



جانو عرف جعلي پير هڪ ڏکي ساهي ۾ سڄي داستان کولي وينو. ٿوري دير ساهي پٽي، منهنجي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي چيائين، ”تون هينئن ڪر، هليو اچ، مان توتي پئسو ٿو لڳايان. تون فقط گيٽ اپ مٽائي، توکان ٽيون حصو بہ نہ وٺندس“. مان حيران ٿي ويس تہ هن اها ڳالهہ مون سان ڪئي ڪيئن! مان اٿي بيٺس،

”معنيٰ مان بہ تو وانگر جعلي پير ٿي مسڪين ۽ ڏکايل ماڻهن جي معصوميت جو ناجائز فائدو وٺان.“ جانو مون کي چڪي وري صندل تي ويهاريو. ”چريا، ايئن نہ سمجهہ هي ماڻهو هوئن ئي ايمان تان ٿڙيل اٿئي، الله کان گهرن تہ چا نہ ڏيندن؟ پر انهن کي سڳن، ڌاڳن ۽ تعويذن تي ڀروسو آهي. اسان بہ رڳو ڦوڪون ڏيئي ڪين آٿت ڏيندا آهيون نہ تہ اهي اجان وڌيڪ ڀٽڪي ويندا.“

ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان ڇڙهي وئي، جعلي پير پندرهن منٽن ۾ ئي مون کي چڪرائي ڇڏيو هو. مان اٿي وڃڻ لڳس، جعلي پير بہ سمجهي ويو تہ هي يار وڪڙ ۾ نہ ايندو. هن ڪو اشارو ڪيو تہ ٿوري دير ۾ ئي حاجت مند ۽ عقيدت مند اندر اچڻ لڳا ڪمرو ڀرجي ويو. جانو منهنجو يار، جيڪو جعلي پير بڻيو وينو هو، هن ڪو تعويذ منهنجي مٺ ۾ ڏيئي ڇڏيو.


”وڃ ٻندا، تنهنجا ٻيڙا پار ٿئي، اسان جي دعا عرش تي پهچي وئي“ ائين چئي پير تسبيح جا داڻا ڦيرڻ لڳو ۽ ماڻهن سبحان الله سبحان الله جون صدائون بلند ڪيون ۽ مان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس. گهر پهتس تہ عجيب وايو منڊل هو. امان جو چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪيو پئي. ننڍو ڀاءُ ۽ ڀيڻ خوشيءَ ۾ ٻکين پئجي ويا. پريان وري ڪمري مان بابو هٿ ۾ مٺائي جو دٻو کنيو خوشيءَ ۾ ٽڙندو ٽاٻڙجندو پئي آيو.

”ابا... اچي وئين، الله اسان جي ٻڌي“ بابي اچي ڀاڪر ۾ ورتو.

”منهنجي مرشد جي تعويذن آخر اثر ڏيکاريو“ امان بہ جهولي ڪڍي الائي ڪهڙي مرشد کي دعائون ڏيڻ لڳي.

”ابا... نوڪري جو آرڊر اچي ويو ٿئي، ڪميشن ۾ پاس ٿيو آهين.“ بابي آرڊر مون کي هٿ ۾ ڏنو تہ منهنجي اکين مان بہ خوشي جا ڳوڙها ٽمي پيا. تڏهن مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجي مٺ ڀڪوڙيل آهي، مون کي ياد اچي ويو تہ مٺ ۾ تعويذ هو.







ARGUS ■ PID (K) - 1372

رپورٽ

# بيڪن هائوس پرائمري اسڪول ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڏينهن

قمر ٽگڙ





11 آڪٽوبر 2019 تي بيڪن هائوس اسڪول سسٽم جي پرائمري برانچ حيدرآباد ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساليانه عرس تحت پروگرام ملهايو ويو. برانچ جي هيڊ مسٽريس فارينا قريشيءَ سان ڳالهائيندي خبر پئي ته هوءَ ٽن سالن کان لطيف سرڪار جي عرس جي موقعي تي اهڙو پروگرام ملهائيندي اچي. جنهن سان ٻارن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شخصيت، سندس انسان دوستي، عالمي پائيچاري جي پيغام جي ڄاڻ حاصل ٿئي. نه رڳو ايترو پر ٻارن کي شاهه جي ڪلام تي رقص ۽ ٽيبلو ڪرڻ ڪانپوءِ شاهه عبداللطيف کي اڳتي هلي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو شوق به جاڳندو. 11 آڪٽوبر تي اسڪول جي احاطي اندر خوبصورت اسٽيج سينگاريو ويو جنهن جي پسمنظر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي روضي سان سينگاريل هڪ پينا فليڪس لڳايو ويو. ننڍڙا ننڍڙا ٻار جيڪي پروگرام ۾ حصو وٺي رهيا هئا انهن مان ڇوڪرن کي اڇي شلوار قميص، ڪلهن تي اجرڪ اوڍيل هئي ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپي پاتل هئي. ڇوڪرين کي گربيءَ جي شلوار تي گج سان سينگاريل قميصون پاتل هيون ۽ ڪن کي گهاگهرا ۽ ڪين سنڌي ڳهه ڳٺا پڻ پاتل هئا. جنهن ڪري اهي معصوم ٻارڙا تمام سهڻا لڳي رهيا هئا. هن پروگرام جي ڪمپيئرنگ عريشا ۽ ازل ڪري رهيا هئا. جڏهن ته مناهل، زنيرا، نوري، گل زهرا، نبيرا، ام هانيه، فلڪ، مناهل، عائشه، عارفه، زينب ۽ مرسل ٽيبلو پرفارمنس، اسپيچ ۽ رقص ۾ حصو ورتو. پروگرام ۾ استادن جي دلچسپي جو اعليٰ نمونو نظر آيو جن ڪين هڪ لوڪ گيت تي شاهه جي ستن سورمين کي متعارف ڪرائڻ لاءِ خوبصورت ٽيبلو جي تياري ڪرائي هئي، سندن ڪارڪردگي اتي ويٺل مهمانن ۽ مائٽن کي موهي ڇڏيو. ان کان علاوه صوفياڻي ڪلام تي ننڍڙن ٻارن جو گيڙو لباس ۾ رقص به ڏسڻ وٽان هو. اسڪول ۾ ميوزڪ ٽيچر جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳايل گيت سيني کي جهومائي ڇڏيو. خاص مهمان طور گهرايل همسري جي ايڊيٽر ٻارن سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي باري ۾ ڳالهائيندي ٻڌايو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ صوفي شاعر هو ۽ سندس ڪلام ۾ امن ۽ محبت جو پرچار آهي. هو انسانيت جو علمبردار ۽ سڄي دنيا جي ڀلائي چاهيندڙ شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ هن عورت جي عظمت کي به تمام گهڻو ڳايو آهي. پروگرام جي پڇاڙي تي اتي ويٺل مهمانن ميڊيم فارينا قريشيءَ کي داد ڏيندي چيو ته شاهه جي باري ۾ ٻارن کي ڄاڻ ڏيڻ هڪ بهترين سلسلو آهي ۽ سندن ٻار سنڌ جي ثقافت جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري رهيا آهن. نه رڳو ايترو پر ڪين شاهه عبداللطيف جي شخصيت کي سمجهڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. اميد ٿي ڪجي ته سيني اسڪولن ۾ توڙي اهي سرڪاري هجن يا خانگي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي امن ۽ ڀائيچاري جي پيغام کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ ڪاوش ڪئي ويندي ته جيئن هو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ورثي سان ڳنڍجي سگهن.

## پروفائل

# تحريم اعواڻ

اقبال بلوچ

سنڌ جي سدابهار سائي ۽ سرسبز زمين قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي اتي هي زمين علم ادب جا ڪيترائي املهہ مالڪ موتي پيدا ڪيا آهن سڄي سنڌ جي انهن خوشبو سان واسيل آهي. سنڌ ڌرتي جي نوجوانن علم جي هر علمي ادبي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي. علم جي هر ميدان ۾ سنڌ جو نوجوان هينئر اوچي ڳاٽ سان ڪنڌ فخر سان ڪنيو بيٺو آهي، اتي سوشل ميڊيا جي ميدان ۾ بہ سنڌ جو نوجوان پنهنجي ڀرپور صلاحيتن سان اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. فنون لطيفہ جي ميدان ۾ هن وقت سوين نوجوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪاميابي سان ڪري رهيا آهن اتي پروگرامن جي ميزباني ۾ سنڌ جي ڪيترين ئي نياڻين پنهنجو نالو ڪمايو آهي. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي کان وٺي صنم بلوچ ۽ نازيہ ميمڻ تائين هڪ وڏي ڪيپ آهي، جنهن پوري دنيا ۾ سنڌ جو نالو روشن ڪيو آهي. اتي اڄڪلهہ بہ نوجوان من موهڻي شڪل ۽ صورت واري دلڪش انداز سان هوسٽنگ ڪرڻ واري تحريم اعواڻ بہ ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. ميزباني جو من موهيندڙ انداز اڄڪلهہ هڪ سنڌي نجي چئنل تي مارننگ شو ڪري رهي آهي.



تحريم اعواڻ اصل لاڙڪاڻي جي آهي جيڪا 25 جنوري 1991 تي اتان جي زميندار سعيد احمد اعواڻ جي گهر پيدا ٿي. پرائمري تعليم لاڙڪاڻي جي S.T جان اسڪول، سيڪنڊري تعليم ڪراچي منتقل ٿيڻ بعد Pioneer Academy ۾ حاصل ڪئي. لڳ ڀڳ سال 2000ع کان حيدرآباد منتقل ٿي.

28 سالن جي سنڌ جي هونهار شاگردياڻي تحريم اعواڻ سافٽ ويئر انجنيئرنگ جي ڊگري ۽ انگريزي ادب ۾ ماسٽرز جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪئي. تحريم مختلف ادبي پروگرامن ۽ اسڪول ڪاليج جي فنڪشنن ۾ ڪيترائي دفعا اسٽيج سيڪريٽري جا فرض بہ سر انجام ڏئي چڪي آهي. سندس مادري ٻولي سرائيڪي ۽ سنڌي آهي. اردو ۽ انگلش ٻولين تي عبور حاصل اٿس. نوڪري جي سلسلي ۾ تحريم اعواڻ هڪ پرائيويٽ اسڪول بہ هلائي چڪي آهي ۽ ڪجهہ عرصو هوءَ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد ۾ پبلڪ رليشن آفيسر طور بہ ڪم ڪري چڪي آهي.

راندين ڪي صرف ڏسڻ جي حد تائين شوق رکندڙ تحريم اعواڻ ٽن ڀينرن ۽ ٻن ڀائرن ۾ سڀ کان وڏي آهي جيڪا هن وقت قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

کيس سنڌي ادب پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي، پر انگلش ادب ۾ ماسٽر ڪرڻ سبب سولائي سان نہ پڙهي سگهندڙ انگريزي ادب ۾ گهڻو ڪجهہ لکي چڪي آهي. هن هڪ ڪتاب What is Success هڪ هزار صفحن جو انگريزي ۾ لکيو آهي. جنهن ۾ پيار، فطرت ۽ انساني جذبن، انساني حقن جي باري ۾ ڄاڻ ڏنل آهي. ان کان علاوه هن شاعري ۾ My Sweet Soul جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ مختلف وقتن تي هوءَ آرٽيڪل بہ لکندي رهي آهي، جن کي هوءَ هڪ ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ جي خواهشمند آهي. انگريزي ۽ اردو ۾ بهترين شاعري ڪندڙ تحريم اعواڻ انگريزي ادب پڙهڻ جي تمام گهڻي شوقين آهي.

تحريم اعواڻ جو ڏاڏو قادر بخش اعواڻ جيڪو پاڻ لاڙڪاڻي ۾ صوبيدار هو، هن جي خواهش هئي تہ تحريم آرمي جوائن ڪري. ڏاڏي جي خواهش تحريم جو خواب بڻجي ويو. هن ننڍي هوندي ترڻ، گهوڙي سواري، هٿيارن هلائڻ جي سکيا ڪراچي جي مختلف سينٽرن مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ هن پاڪ آرمي لاءِ اپلاءِ ڪيو، پر بدقسمتي سان سندس صحت جي ڪجهہ مسئلن جي ڪري هوءَ ميڊيڪل ٽيسٽ پاس نہ ڪري سگهي ۽ سندس اکين ۾ سجايل خواب اڌورا رهجي ويا، جنهن جو کيس شديد ڏک آهي.

لاڙڪاڻي کان سفر ڪندي ڪراچي کان ٿيندي اڄ ڪلهہ قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهندڙ تحريم اعواڻ جي اکين ۾ ڪيترا خواب سينگاريل آهن، جن جي تعبير هوءَ اکين سان ڏسڻ جي خواهش رکي ٿي. هوءَ مارننگ شو ۾ هر روز مختلف اديبن، اداڪارن، سياستدانن، سوشل ورڪرن، استادن، پروفيسرن ڊاڪٽرن ۽ ٻين مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ مردن توڙي عورتن کان ٻن ڪلاڪن جي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سان هي پروگرام ڪاميابي سان ڪري رهي آهي.



اسان کي سنڌ جي نوجوان نسل جي هن باصلاحيت نياڻي تي فخر آهي.

# شاعريءَ شعور

نظم

## ادب نہ احترام

### ڪرم فقير "ڪافي"

اڄڪلھ جي انسان ۾ رهيو ادب نہ احترام آ،
ناهي عزت اشراف جي بدمعاش ٿيو بي لغام آ.
ڇڏي ابدي اصول لڳو آ، آدم ڪُفر جي ڪار گذارين ۾،
بغض، بغاوت، بي حيائي صبح توڙي شام آ.
فرصت، فضيلت، حق جي فتويٰ فضلو بڻجي ويئي آ،
ارڏائي، آڪڙ هر ڪنهن ٿي طبيعت تيز تمام آ.
ڪرڻ گهرجي ڪمائي، ڪين ڪجي ڪنهن تي انحصار،
ان عمل جي عيوض ملندو اعليٰ مرتبو ۽ مقام آ.
ڇڏ بدڪاريون بندا، نفس جي حوس ۾ هرڪي نہ پئو،
بدي، بدڪاريءَ جو بيشڪ ٿيندو برو انجام آ.
سيئي صاحب الراءِ ٿي يڪ راءِ مڃو نور نبي جي ڪي،
"ڪافي" لٿو جنهن تي پڙرو جو پاڪ ڪلام آ.

## "سيد گهوٽَ پيارا"

### امداد جوکيو

سوپارا پَٽائي سيد گهوٽ پيارا،
ڏِسَنِ ڏيهَہ تنهنجا ٿا نوري نظارا.
ٿي وَڻ وَڻ جي ڪاني اُچي تنهنجي دَرَ تي،
پيا روز پٽ تي لڳن تنهنجا نعرا.
تنهنجا بيت وايون سيئي من موهيندڙ،
ملن آيتن جا ٿا ٿن ۾ اشارا.
صحبت لطيفي نصيبن ۾ جن ڪي،
اُهي ڪنهن ٻئي جا نہ وٺندا سهارا.
ملنگ تنهنجي در تي تہ نچندا اچن ٿا،
هٿاءِ تن جي مَنَ جا تون سيد مونجهارا.
رکو هَٿُ انهن تي تہ شفقت جو سيد،
چَپَن سان چمن ٿا جيڪي تنهنجا چارا.
لڳي واءُ اهڙي وڏي وئي رشوت،
ويا چڙوچڙ ٿي وطن جا ادارا.
اهي رنگ ۾ رنگجي ويا ماٽي منزل،
تنهنجي در تي جن پيي ڏنا هن ٻُهارا.
تنهنجي در تي آيو ادب ساڻ "جوکيو"،
ڳچي پائي ڳارو گهري ٿو سهارا.

## چوسٽو

### سانگي شبير ڪنير

وقت جي احساس جو پنهنجو مزو
هر حال ڪان هن حال جو پنهنجو مزو
زمان ۾ آهيان هر ڳالھ سمجهي ويو
غربت جي مار جو پنهنجو مزو.

## مُناجات

### محمد علي صارم سرهيو

خطائون درگذر فرما
ڪرم جي تون نظر فرما
خدا! توفيق سان پنهنجي
اسان ڪي معتبر فرما
اسان تي وار دشمن جو
سدائين بي اثر فرما
محبت مان وجن ڄاڻي
انهن ڪي با خبر فرما
وسي جل ٿل ڪري تر ڪي
مٿان اهڙو ڪڪر فرما
اسان جي ملڪ ڪي مولا!
سين ڪان خوب تر فرما
خساري منجھ سودو آ
انهيءَ ڪي ڪارگر فرما
الاهي! نور سان دل ڪي
منور هر پهر فرما
اکيون شبير ع جي غم ۾
اسان جون تر بہ تر فرما
وجي تنها نہ ٿي صارم
خدايا! همسفر فرما.

## وائي

### علي عاجز شر

هيٺا منهنجا هڏ اديون،
سڏ ڪيا مون واڪا وو.
ڪير نہ آهي ڳڏ اديون
رات ڪنيي مون ورُ وئيڙا،
اڪ ڪلي آ پاڇاٿو.
ڪير نہ آهي ڳڏ اديون
ڪيڏانهن پنهون آھ ويو،
ڏسُ ڏئي ها مون ڪي ڪو.
ڪير نہ آهي ڳڏ اديون
اونداهي رات الاڙي،
ٿو ڪري وار وراڪو.
ڪير نہ آهي ڳڏ اديون.

نظم

## ننڍڙو ٻار

### سهيل اي. ڊي ڪنيار

ڪاش مان ننڍڙو ٻار هجان ها
ها ايئن مان يار هجان ها
هر ڪوئي مونکي چاهي ها
مان روئان مونکي ريجهائي ها
سيني پنهنجي سان لائي ها
جي ننڊ نہ اچي ها امڙ لولي ٻڌائي ها
مونسان ڪري هر ڪو پيار ها
ڪاش مان ننڍڙو ٻار هجان هان
ها ايئن مان يار هجان هان
هر وقت مذاق مستي ڪيان ها
مٿي سان مان ڪيڏان ها
پاسو امڙ جو نہ ڇڏيان ها
ڏسي بابا ڪي مرڪان ها
هر اڪ جو مان ٺار هجان ها
ڪاش مان ننڍڙو ٻار هجان ها
ڏسي مونکي هر ڪو ڪلي ها
ڏئي چمي مونسان ملي ها
روئڻ ڪان مونکي جهلي ها
گهر پنهنجي جو "سهيل" سينگار هجان ها
ڪاش مان ننڍڙو ٻار هجان هان
ها ائين مان يار هجان هان

## نظم

### اسد بروهي

ڏندن جي ڏيھ جي پَر ۾
چپن جي چيلھ تي ويهي
چُمين ڪئي گفتگو آهي.
چُمين جي چاس مان پهتل
وڏو سيلاب آ سائين
گهٽا حاسد ٻُڌي ويا هِن
خصوصن هي تِرن لشڪر
اچو اي پيار پوڄاري...
ڳلن جي ڳوٺ ۾ رلجي
تِرن سان تعزيت ڪريون
زباني هي رسم آهي
ڳچي ۾ ڳيچ ڳائيندي
نچن ٿا هار ٻانهن جا
بغاوت عشق ڪئي آهي
لتاڙي روح جا رستا
اندر ۾ تات تبليغي
سراپا احتجاجي آ
ڏسو محبوب جي آڏو...
اناڙي عشق هي منهنجو
وري ٿيو روبرو آهي
ڏندن جي ڏيھ جي پر ۾
چپن جي چيلھ تي ويهي
چُمين ڪئي گفتگو آهي.

### ڪتابن تي تبصرو
# آئون ڪو ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو

عبدالغني شر

اسان جي شاگردي واري دور ۾ اسان شام جي پهر ۾ اسڪول کان موٽندي ريڊيو حيدرآباد کان نشر ٿيندڙ پروگرام سڳنڌ جو سلسلو سرهي سوچ اسان ڳوٺ جا ڇوڪرا گڏجي اهو پروگرام وڏي چاهه سان ٻڌاندا هئاسين. ان سلسلي جي اختتام وارن لمحن ۾ امر خورشيد شاهه جون مختصر پُراثر تحريرون هونديون هيون، جيڪي مون کي تمام گھڻو متاثر ڪنديون هيون. هوريان هوريان مون به لکڻ شروع ڪيو، ٻاراڻي ادب کان وٺي ناول ڪهاڻي ۽ احساس تائين. شاگردي واري دور ڪانپوءِ ريڊيو جي دنيا کان بلڪل پري ٿي ويس، تنهن هوندي به اندر ۾ اها آس هوندي هُئي جيڪي به سنڌي ادب ۾ احساس لکن ٿا، انهن جا ڪتاب خريد ڪري پڙهان، انهيءَ جستجو پٺيان ڪتاب خريد ڪندي، امر خورشيد شاهه جي احساس واري ڪتاب جي پڇا ڪندو رهيس، پر مون کي ملي نه سگھيو نه وري مون کي تصديق آهي، پر مون کي لڳي ٿو هي امر خورشيد شاهه جو پهريون ادبي پورهيو آهي، سنڌ جي تمام وڏي شاعره ۽ نثر نويس امر خورشيد شاهه سندس ڪتاب ”آئون ڪو ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو“ پڙهي پورو ڪيم. عنايت بلوچ جي لکيل مُهاڳ کان وٺي سندس پنهنجي ٻارن لکيل تمام گھڻو متاثر ڪيو. هن پنهنجي ٻارن ۾ سندس ڏکن ۽ پيڙائن کي پڙهندڙن سان خوبصورتي سان اوريو آهي. جيئن:

**سُور اسان جا ڪير سهيڙي**
**وڪريل سپنا ڪوئي ميڙي**
**هاڻ اڪيلا تڪجي پياسين**
**جيون ڳاڏو ريڙهي ريڙهي!**

هن وڏي همت سان اهو سفر ڪاٽيو آهي، اها هڪ تمام وڏي ڳالهه آهي ته دنيا جا وڏا ڏاها، مفڪر ۽ اديب زندگي جي حالتن هٿان تڪجي پنهنجو پاڻ کي موت جي منهن ۾ ڌڪو ڪري ڇڏيندا آهن، پاڻ هڪ جاءِ تي جذبات ۾ اچي هڪ اهڙي سٽ لکي اٿس (دل چوي ٿي ته پنهنجي ڪتاب جو نالو ”چٽگون چٽگون چو نه رکان ڇو ته مون جيون جي سفر ۾ ايترو ڀوڳيو آهي شايد ئي ٻي ڪنهن عورت ڀوڳيو هجي). پر ٻئي هنڌ لکي ٿي ته:

**سونهن ۽ سنسار جهڙي زندگي**
**موتين جي هار جهڙي زندگي**
**روز ڪيڏا ٿي ڪري آرا انگل**
**آهي ننڍڙي ٻار جهڙي زندگي!**

هينئن وري هڪ هنڌ لکيو آهي (هي ڪتاب نه بلڪ منهنجي زندگي جو ڪيس آهي). اها حقيقت به آهي ته هن پنهنجي خيالن ۽ زندگي جي سفر کي وقت بوقت ڪڏهن پنهنجي شاعري ۾ ته ڪڏهن پنهنجي شاهڪار احساسن ۾ زندگي سان گڏ پنهنجي دردن جي ڳالهه لکي آهي.
جيئن امر صاحبه پنهنجي شاعري ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي ائين هوءَ پنهنجي نثري تحريرن جي ڪري پنهنجو بهترين مقام ناهي ڪيو آهي. نثر جي حوالي سان مون سميت هزارين سنڌ واسي هن جي لکڻين جا پرستار آهن، امر جي هن ڪتاب ۾ شاعري توڙي احساسن ۾ زندگي هن جو موضوع رهيو آهي. مسلسل ڏکين حالتن سان جهيڙيندي هڪ نئين عزم سان پنهنجي شاعري ۽ احساسن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ تي تمام گھڻيون واڌايون ڏجن ٿيون. منهنجي دلي دعا آهي امر صاحبه پنهنجي قلمي سگهه سان ادب جي افق تي ستارن وانگي جرڪندي رهندي.

# چنڊ، مان ۽ رولاڪيون!

مخدوم آسيه قريشي

جن ڪڏهن صليب تي ٽنگجي ناهي ڏٺو، جن کي پتو ناهي ته ٻانهن ۾ پاليل نانگ ڏنگيندا ڪيئن آهن، جن محبت جي عبادت ناهي ڪئي، جن گهاڻي ۾ روح کي پيڙهجندي ناهي ڏٺو! جن چڪور جي اڏار ۾ درد ناهي پسيو، جن چانڊوڪيءَ جي ڪنوارپ ڪڏهن محسوس ناهي ڪئي! جن پل پل پلصراط جو سفر ناهي ڪيو، جن کان ڪڏهن محبت وڇڙي ناهي، جن کي امر عشق ناهي ملي سگهيو ۽ جيڪي جوڪرن (Joker) جي مرڪ پويان لڙڪ ناهن ڏسي سگهيا، جيڪي محبوب کي خدا نٿا سمجهن، جيڪي سڪرات جي سَيلَن ڪنڊن تي رهڙجي زخمي ناهن ٿي سگهيا! تن کي گهرجي ته محترم سائين آصف اعجاز ڪالرو جو ڪتاب ”چنڊ، مان ۽ رولاڪيون“ هڪ دفعو ضرور پڙهن، جيڪو احساس پبلڪيشن ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.
اڪيلائيءَ جا وارث! مون کي نه سهي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لفظن کي ته نظر مان ڪڍو! ائين نه ٿيئي جو منهنجا لکيل لفظ به مون وانگر رولاڪ ٿي وڃن يا منهنجي خوابن کي وري ڪو نانگ ڳَڪي وڃي. خبر اٿئي!؟ اسان اڪيلائين جا وارث ايترا معتبر ناهيون! جو پنهنجي ئي لاش تي هڪ نئين تاريخ لکون- (رولاڪ). هي ڪتاب جنهن منهنجي شام جي چانهه به زهر ڪري ڇڏي.

# آرٽ ڪارنر









ضلعي شڪارپور جي ننڍڙي پر نهايت ئي خوبصورت ڳوٺ ميان صاحب ۾ 1977-11-01 ۾ جنم وٺندڙ عبدالمالڪ چنا کي آرٽ جو ماحول سندس گهر ۾ ئي مليو، سندس وڏو ڀاءُ خالق چنا سنڌ جو ناميارو آرٽسٽ ۽ ڪئليگرافر آهي. مالڪ چنا جو لاڙو آرٽ طرف ڏسي سندس وڏي ڀاءُ آرٽ جي تربيت ڏني ۽ کيس پنهنجي استاد ۽ سنڌ جي نالي واري آرٽسٽ سائين فتاح هاليپوٽو سان ملاقات ڪرائي، جتان کيس تمام گهڻو اتساهه مليو. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. FSC شڪارپور شهر مان ڪرڻ کانپوءِ آرٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪرڻ جي جذبي کيس NCA لاهور آڻي بيهاريو، جتان سن 2000 ۾ (BFA) بيچلر آف فائن آرٽس پاس ڪيائين جتي کيس ٻه اسڪالرشپون به مليون. گريجوئيشن کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ اڍائي سالن تائين مختلف آرٽ انسٽيٽيوشنز ۾ ٽيچنگ ڪيائين جن ۾ ڪراچي يونيورسٽي، صادقين انسٽيٽيوٽ آف آرٽ ۽ انڊس ويلي اسڪول آف آرٽ جهڙا ادارا شامل آهن. سن 2002 کان 2013 تائين آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ۾ آرٽسٽ ۽ السٽريٽر طور ڪم ڪيائين. سندس پسنديده ميڊيم ۾ گريفائيٽ، چار ڪول، واٽر ڪلر ۽ آئل شامل آهن. مالڪ چنا کي پاڪستاني آرٽسٽن، خالد اقبال ۽ ڪليم خان متاثر ڪيو. جڏهن ته ڪنٽيمپرري آرٽسٽ محمد علي ٽالپر، راشد رانا ۽ اياز جوکيو کيس پسند آهن ۽ دنيا جا آرٽسٽ، جان سنگر، سارجنٽ، ڊيگاس، لوسن فرائڊ ۽ ڊيبن ڪارن کان پڻ متاثر آهن. عبدالمالڪ چنا 2008ع ۾ لاهور انٽرنيشنل ريذيڊينسي جو حصو بڻيو جنهن ۾ سموري دنيا کان مختلف ملڪن جا آرٽسٽ شامل هئا. سنڌ جو هي خوبصورت آرٽسٽ 2013 کان (CEAD)جي فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪري رهيو آهي.



Artist:
**Abdul Malik Channa**

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

**CCE-2019 (PCS)**

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,

